# اِتهاس
# ۽
# ناگرڪ شاستر
## درجو ستون



# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

# بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستائن جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيتروادَ جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٽ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئين ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر: ايياس ٢١١٦ (پر.ڪر ٤٣/١٦) ايس. ڊي .٤. تاريخ ٢٠١٦.٤.٢٥ موجب اسٿاپٽ ڪيل ڪو آرڊينٽنگ ڪاميٽيءَ جي تا. ١٧.٣.٣ جي ميٽنگ ۾ هي درسي ڪتاب طيءِ ڪرڻ لاءِ منظوري ڏني ويئي

# اِتهاس

# ۽

# ناگرڪ شاسٽر

## درجو ستون

महाराष्ट्र राज्य पाठ्यपुस्तक निर्मिती व अभ्यासक्रम संशोधन मंडळ

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي وَ ايياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پر واري ’ڪيو آر ڪوڊ‘ کي سمارٽ فون ذريعي اسڪين ڪري سگهجي ٿو. ان وسيلي توهانکي پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس (URL) ملنديون.

HJR7GJ

پھريون ڇاپو : ۲۰۱۷
سڌاريل ڇاپو : 2022

© مھاراشٽرراجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي - ۴۱۱۰۰۴

مھاراشٽرراجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل وٽ ھن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آھن. ھن ڪتاب جو ڪوبہ حصو سنچالڪ، مھاراشٽرراجيہ پاٺيہ پُسٽڪ نرمتي وَ اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل جي لکيت منظوريءَ کان سواءِ ڪٽي نٿو سگھجي.

## اِتھاس وشيہ ڪاميٽي :

ڊاڪٽر سدانند موري، اڌيڪش
شري موھن شيٽي، ميمبر
شري پانڊورنگ بلڪوڙي، ميمبر
ڊاڪٽر اڀيرام دڪشت، ميمبر
شري باپو صاحب شندي، ميمبر
شري بالڪرشڻ چوپڙي، ميمبر
شري پرشانت سروڊڪر، ميمبر
شري موگل جاڌو، ميمبر - سيڪريٽري

## ناگرڪ شاستر وشيہ سمتي :

ڊاڪٽر شريڪانت پرانجپي، اڌيڪش
پروفيسر ساڌنا ڪلڪرڻي، ميمبر
ڊاڪٽر موھن ڪاشيڪر، ميمبر
شري، ويجناٿ ڪاڙي، ميمبر
شري موگل جاڌو، ميمبر سيڪريٽري

## اِتھاس ۽ ناگرڪ شاستر اڀياس گٽ :

شري راھول پرڀوُ
شري سنجيہ وجريڪر
شري سڀاش راٺوڙ
شريمتي سنيتا دڙوي
ڊاڪٽر شواني لميي
شري ڀائو صاحب اُماٽي
ڊاڪٽر ناگناٿ ييولي
شري سدانند ڊونگري
شري رويندر پاٽل
شري وڪرم اڙسور
شريمتي روپالي گرڪر
شريمتي ميناڪشي اُپاڌيايہ
شريمتي ڪانچن ڪيتڪر
شريمتي شوڪنيا پٽوي
شري انيل سنگاري
ڊاڪٽرراو صاحب شيرڪي
شري مريبا چندنشوي
شري سنتوش شندي
ڊاڪٽرستيش چاپلي
شري وشال ڪلڪرني
شري شيڪرپاٽل
شري سنجيہ مھتا
شري رامداس ٺاڪر
ڊاڪٽراجيت آپٽي
ڊاڪٽرموھن ڪڙسي
سؤ. شوڪنيا ڪدريڪر
شري گوُتم ڊانگي
ڊا. وينڪٽيش ڪرات
شري روندرِجندي
ڊا. پرڀاڪرلونڍي

## نيند ڏنل :

ڊا. سومناٿ روڙي
ڊا. گڻيش رائوت

## ڪوَر پيج سجاوٽ

شري ديودت پرڪاش بلڪوڙي

## نقاشاڪار

شري رويڪرڻ جاڌو

## ترجمو ڪندڙ :

شري وجيہ منگلاڻي

## چڪاس ڪندڙ :

شري شيام رانڌومل ٺلواڻي
ٽائيپ سيٽنگ : شويا لعلچنداڻي
ڪاغذ : ۷۰ جي.ايس.ايم. ڪريم وو
ڇپائيندڙ :
ڇپائي آرڊر :

## سنيوجڪ :

شري موگل جاڌو، وشيش اڌڪاري
اتھاس ۽ ناگرڪ شاستر
شَريمتي ورشا سرودي،
وشيہ سھايڪ، اِتھاس ۽ ناگرڪ شاستر

## نرمتي :

شري سچيتانند آڦڙي، مکيہ نرمتي آفيسر
شري پرڀاڪرپرب، نرمتي اَڌڪاري
شري ششانڪ ڪڻڪدڙي، نرمتي سھايڪ
سنيوجڪ (سنڌي):
شريمتي ڪيتڪي جاني
(اِنچارج وشيش اڌڪاري سنڌي)
شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر سنڌي)

## پرڪاشڪ :

شري وويڪ اُتم گوساوي، ڪنٽرولر پاٺيہ پُستڪ نرمتي، پرڀاديوي، ممبئي - ۲۵.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اَسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مُڪمل طور خودمُختيارُ سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سَم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيه بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ اُنهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي:

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ. ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا، خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اَکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اَڄ تاريخ چوويهين نومبر، ١٩٤٩ع جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽرگيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَہ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهِي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هِي، جَيہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

## پرتگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ
ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.
مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽
مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي
ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي
لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.
مان پنهنجن مٽن، مائٽن، اُستادن ۽
سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر
ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.
مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان
پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي
رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ
۾ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

شاگرد دوستو،

درجي ٽئين کان پنجين تائين اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر وشين جو اڀياس توهان 'پسگردائي اڀياس - ۱' ۽ 'پسگردائي اڀياس - ۲' ۾ ڪيو آهي، درجي ڇهين کان اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر وشيه الڳ ڪيل آهن. درجي ڇهين کان اهي وشيه هڪ ئي ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. درجي ستين جو درسي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ ڏيندي اسانکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

هيءُ وشيه چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي، وندرائيندڙ لڳي، اسانجي وڏن جي ڪيل ڪمن مان اُتساهه ملي، انهن مقصدن سان هن ڪتاب جي رچنا ڪيل آهي. ڪتاب ۾ رنگين چٽر، نقشا ڏنل آهن. توهان هرهڪ باب ڌيان سان پڙهو. توهانکي جيڪو حصو سمجهه ۾ نه ٿو اچي اُهو ماسترن، مائٽن جي مدد سان سمجهو. چوڪنڊن ۾ ڏنل مواد توهانجي ڄاڻ وڌائيندو. اتهاس وشيه وندرائيندڙ ۽ دوست سمجهي اُنجو اڀياس ڪندا تہ توهانکي هي ڪتاب ضرور وڻندو.

اتهاس ڀاڱي ۾ 'وچولي زماني جو اتهاس' ڏنل آهي. وچولي زماني جي ڀارت جي رچنا ۾ مهاراشٽر جي جاءِ ۽ ڪردار کي مرڪزي سمجهي ڪتاب جي رچنا ڪيل آهي. ان مان توهانکي ڀارت جي ناگرڪ هئڻ جي ڄاڻ ۽ پنهنجن فرضن جي ڄاڻ ٿيڻ جي بہ اُميد ڪيل آهي.

ناگرڪ شاستر ڀاڱي ۾ ڀارت جي جوڙجڪ جي سڃاڻپ ڪرايل آهي. جوڙجڪ رچنا جو پس منظر، جوڙجڪ جو مهاڳ، جوڙجڪ جا بنيادي حق ۽ رهبري ڪندڙ اصوُل اهو مواد شامل ڪيل آهي. اسانجي ديش جو ڪاروبار جوڙجڪ، قاعدن ۽ نيمن موجب هلندو آهي، اهو سؤلي نموني ٻڌايل آهي. توهانجو اڀياس وڌ ۾ وڌ مشغولي آڌارت ٻڻجي اهو خيال رکيو ويو آهي. اسان ديش جا ايندڙ وقت جا ناگرڪ آهيوُن ۽ ديش جو مستقبل ٺاهيندا اسين ان سمجهه سان گڏ توهان ايندڙ درجي ۾ داخل ٿيندا.

اتهاس جي اڀياس مان اسانکي وڏن جي قابليت جي ڄاڻ پوي ٿي. ان ۾ ناگرڪ شاستر جي جوڙ سان راشٽر ۽ سماج جو مستقبل ٺاهڻ لاءِ اسانجا ڪهڙا فرض آهن اها ڄاڻ پوي ٿي. ان لاءِ هي گڏيل اڀياسڪرم آهي.



(ڊا. سُنيل مگر)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ
نرمتي و اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل پڻي.

پڻي
تاريخ : ۲۸ مارچ، ۲۰۱۷

## ماسترن لاءِ

درجي ڇهين ۾ اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر وشيہ جو ڪتاب توهان اڳ۾ سيکاريو آهي. درجي ستين جي هن ڪتاب ۾ وچولي زماني جي اتهاس جي ڄاڻ ڏنل آهي.

اتهاس جي هن ڪتاب جي خاصيت آهي انجو مهاراشٽر مرڪزي هئڻ اسانجو راجيہ ڀارتيہ سنگهہ راجيہ جو جُزو آهي تہ بہ اتهاس سمجهڻ وقت مهاراشٽر جي نظريي يعني ڀارت جي اتهاس ۾ مهاراشٽر جي جاءِ، ڪردار ۽ يوگدان اڳيان رکي سمجهبو تہ شاگردن جي راشٽر ڀاونا وڌيڪ پختي ٿيندي. ان مان اسانجي وڏن جا ڪيل ڪم ۽ اسانجين راشٽريہ جوابدارين ۽ فرضن جي سمجهہ چٽي ٿيندي.

ان نسبت ۾ سترهين صديءَ ۾ ڇترپتي شواجي مهاراج جي اسٿاپن ڪيل سؤراج جي اهميت آهي. سؤراج جي رچنا سمجهڻ لاءِ شواجي مهاراج کان اڳ واري ڀارت ۽ مهاراشٽر جُون حالتُون يعني ڀارت جو اتهاس سمجهڻ گُهرجي. ان نيتيءَ سان ڪتاب جي رچنا ڪيل آهي. مهاراج جي اسٿاپن ڪيل سؤراج تي هنن ڪانپوءِ اُتر مان ٿيل حملي کي ڪيئن منهن ڏنو ۽ سؤراج جي رکيا ڪيئن ڪئي ان بابت ڄاڻ ڏنل آهي. ان حملي کي مُناسب جواب ڏيئي مرهٽن مهاراشٽر جي حدن جو وستار اٽڪل سڄي ڀارت ۾ ڪيو. سؤراج جي سامراجيہ ۾ تبديل اهو ان ڪانپوءِ وارو ڀاڱو آهي. برٽش ماڻهن ڀارت ڪٽيو اها سيني کي ڄاڻ آهي پر ان ڪريا ۾ ڪين روڪڻ ۾ مهاراشٽر اڳيان هو اهو سمجهڻ بہ ضروري آهي. برٽش ماڻهن جو مقابلو مرهٽن سان هو ۽ اُن ڪانپوءِ ئي هوُ ڀارت ڪٽي سگهيا. اها ڄاڻ اسانجي قابليت ۽ فرض ڏيکاري ٿي. سکڻ - سيکارڻ وقت اها ڀاونا شاگردن ۾ بہ پيدا ٿيڻ ضروري آهي. درسي ڪتاب جي رچنا جو اهو مقصد چٽر روُپ ۾ ظاهر ڪندڙ ڪور پيج تي مرهٽي سٽا جو وستار ڏيکارڻ لاءِ ڀارت جي خاڪي نقشي جو اپيوگ ڪيل آهي.

ناگرڪ شاستر ڀاڱي ۾ ڀارت جي جوڙجڪ جي سُڃاڻپ ڪرايل آهي. هيءُ وشيہ هڪ ئي تعليمي سال ۾ سيکارڻ ممڪن نہ آهي ان لاءِ انکي ٻن درجن ۾ ورهايل آهي، هن درجي ۾ جوڙجڪ جي ضرورت، جوڙجڪ جا مُلهہ، مُهاڳ، بنيادي حق ۽ فرض ۽ رهبري ڪندڙ اصوُلن تي زور ڏنل آهي. جوڙجڪ جي سرڪاري سرشتي جو روُپ ۽ ان تي مدار رکندڙ سياسي ترتيب جو اڀياس درجي اٺين ۾ ڪرڻو آهي. ان نسبت درجي ستين ۽ اٺين جي ناگرڪ شاستر وشين جو مواد آپسي پورت ڪندڙ آهي. مواد جي پيش ڪش نئين روُپ ۾ ڪيل آهي. اها گيان رچناواد تي آڌارت آهي. بلڪ ان ڪان اڳتي وچي سياسي سرشتي بابت اُداسيءَ جي ڀاونا دوُر ڪري شاگردن کي سماج جو جُزو بڻائڻ کي اڳرائي ڏنل آهي. مواد سؤلن لفظن ۾ ڏيڻ سبب ڪتاب ۾ دلچسپي پيدا ٿيندي.

ماستر هي درسي ڪتاب سيکارڻ وقت اخبارُون، ٽي.ويءَ تي خبرُون، ماهرن جا ويچار واپرائي شاگردن جو نظريو ڪُشادو بڻائڻ ۾ مدد ڪندا. اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر جو اڀياس حالي گهٽنائن وسيلي ڪرڻ سان اهو وڌيڪ معنيٰ وارو ٿئي ٿو ۽ ان سان گڏ شاگردن کي نسبتي ملهہ پرائڻ ۾ مدد ٿئي ٿي.

# فهرست

## وچولي زماني جو اتهاس



| نمبر | باب جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ۰۱ | اتهاس جا ساڌن ..................................... | 1 |
| ۰۲ | شواجيءَ کان اڳ وارو ڀارت ........................ | 5 |
| ۰۳ | ڌرمي ميلاپ ..................................... | 11 |
| ۰۴ | شواجيءَ کان اڳ وارو مهاراشٽر ..................... | 14 |
| ۰۵ | سؤراج جي استاپنا ................................ | 19 |
| ۰۶ | مغلن سان ويڙهه ................................. | 24 |
| ۰۷ | سؤراج جو ڪاروبار ............................... | 29 |
| ۰۸ | رعيت جو راجا .................................. | 33 |
| ۰۹ | مرهٽن جي آزاديءَ جي لڙائي ...................... | 37 |
| ۱۰ | مرهٽا حڪومت جو وستار ............................ | 44 |
| ۱۱ | راشٽر جي رکيا ڪندڙ مرهٽا ....................... | 47 |
| ۱۲ | سامراجيہ ڌانهن هلچل .............................. | 53 |
| ۱۳ | مهاراشٽر جو سماجڪ جيون ......................... | 57 |




**S.O.I. Note :** The following foot notes are applicable : (1) © Government of India, Copyright : 2017. (2) The responsibility for the correctness of internal details rests with the publisher. (3) The territorial waters of India extend into the sea to a distance of twelve nautical miles measured from the appropriate base line. (4) The administrative headquarters of Chandigarh, Haryana and Punjab are at Chandigarh. (5) The interstate boundaries amongst Arunachal Pradesh, Assam and Meghalaya shown on this map are as interpreted from the "North-Eastern Areas (Reorganisation) Act. 1971," but have yet to be verified. (6) The external boundaries and coastlines of India agree with the Record/Master Copy certified by Survey of India. (7) The state boundaries between Uttarakhand & Uttar Pradesh, Bihar & Jharkhand and Chattisgarh & Madhya Pradesh have not been verified by the Governments concerned. (8) The spellings of names in this map, have been taken from various sources.

## علمي حاصلات

| پڏايل تعليمي ترتيب | علمي حاصلات |
|---|---|
| سکندڙن کي جوڙن ۾ / گروھ ۾ / شخصي طور سکڻ جا موقعا ڏيڻ ۽ هيٺين ڳالهين لاءِ اُتساهت ڪرڻ.<br>• ڪتاب ۽ مڪاني ماحول ۾ موجود اتهاسڪ وسيلن جيئن هٿ لکتون / نقشا / سمجهاڻيون / چتر ۽ اتهاسڪ شيون / فلمون / شخصيت تي ناٽڪ / ٽي.وي ۽ ٽي سيريل، لوڪ ڪلائون / ناٽڪ سڃاڻڻ ۽ سندن ان وقت جو اتهاس سمجهڻ لاءِ استعمال ڪرڻ.<br>• ان وقت جي گهراڻن / راجائن جي اوسر سان واقف ٿيڻ ۽ ان عرصي جي اهم گهٽنائن جو جائزو وقتي ليڪ ذريعي وٺڻ.<br>• ڏنل ڪال / عرصي جي مکيه اتهاسڪ واقعن / شخصيتن جا ناٽڪ پيش ڪرڻ. مثال سمراٽ اڪبر، ڇترپتي شواجي مهاراج، پهريون باجيراو، مهاراڻي تارابائي وغيره.<br>• وچولي ڪال ۽ زماني ۾ سماج ۾ ٿيل تبديلين تي ويچار ظاهر ڪرڻ ۽ زمان حال جي سماج سان ڀيٽ ڪرڻ.<br>• پروجيڪٽ : گهراڻا / راجيه / ڪاروباري سڏارا / خاص عرصي جي عمارت سازي جون خاصيتون مثال پوسلي، شندي، هولڪر وغيره تي پروجيڪٽ ناهڻ.<br>• سنتن جا اينگ، ڀڄن، قوالي ذريعي سندن ويچار سمجهڻ، آس پاس جي مندر، درغاهه، گردواري ۾ ڀڳتي هلچل / صوفي پنٿ سان جڙيل ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ ۽ سندن ڌرمي تنون تي ڳالهه ٻول ڪرڻ.<br>• شواجي ۽ کان اڳ وارو پارت مهاراشٽر، آزادي ۽ جي لڙائي، پيشوا زمانو ۽ مرهٽا طاقت جو وستار بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ. | سکندڙ -<br>07.73H.01 اتهاس جا جدا جدا ساڌن سڃاڻي ٿو ۽ انهن جو هن زماني ۾ اتهاس لکڻ لاءِ استعمال سمجهائن ٿا.<br>07.73H.02 اتهاس جي جدا جدا وقتن ۽ عرصن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ڪارائتن ساڌنن جا مثال ٻڌائن ٿا.<br>07.73H.03 مرهٽا ۽ مغل سنگهرش جو اڀياس ڪن ٿا.<br>07.73H.04 شواجي ۽ جي تاجپوشي ۽ پنيان سبب ٻڌائن ٿا.<br>07.73H.05 وچولي زماني ۾ هڪ هنڌ جي مکيه واقعي جو ٻئي هنڌ جي اتهاسڪ واقعي سان لاڳاپو جوڙن ٿا.<br>07.73H.06 وچولي زماني جي سماجڪ، سياسي ۽ حالي بدلاون جي ڇنڊڇاڻ ڪن ٿا.<br>07.73H.07 ڇترپتي شواجي مهاراج لشڪري ضابطي لاءِ واپريل ڪاروباري طريقن ۽ رٿائن جي ڇنڊڇاڻ ڪن ٿا.<br>07.73H.08 مندرن جي عمارت سازي، سماڌي، مسجد جي نمونن ۽ تڪنيڪ جي واڌاري جي مثالن سان گڏ سمجهاڻي ڏين ٿا.<br>07.73H.09 سنتن جي سکيائن ۾ هڪجهڙائي سڃاڻن ٿا.<br>07.73H.10 ڀڳتي هلچل ۽ صوفي پنٿ جي ٻيتن، اينگن وسيلي هاڻوڪين سماجي حالتن بابت نتيجا ڪڍن ٿا.<br>07.73H.11 پاڻيپت جي لڙائي ۽ جا سبب ۽ اثر ڄاڃن ٿا.<br>07.73H.12 مرهٽا ستا سڄي ڀارت جي سطح تي مضبوط ستا طور اُڀري اُهو ان وقت جي اتهاسڪ واقعن ذريعي سمجهائن ٿا. |

# ١ . اتهاس جا ساڌن

ڀارت جي پراچين ڪال جو اڀياس اسان اڳئين سال ڪيو آهي. هن سال اسان وچولي ڪال جو اڀياس ڪرڻ وارا آهيون. ڀارتي اتهاس جو وچولو ڪال ٿلهي ليکي عيسوي سنہ جي نائين صديءَ کان ارڙهين صديءَ جي آخر تائين مڃيو ويندو آهي. هن باب ۾ اسين وچولي ڪال جي اتهاس جي ساڌن جو اڀياس ڪرڻ وارا آهيون.

ماضيءَ ۾ ٿيل گهٽنائن جي وقت جي سلسلي موجب، وگيانڪ ۽ ترتيب وار ڏنل ڄاڻ کي اتهاس چئجي ٿو.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

اِتهاس لفظ 'اِتِ' + هہ + آس' ائين ٺهيل آهي. انجو مطلب آهي 'ائين ٿيو.'

ماڻهو، سماج، استان ۽ وقت اهي چار جزا اتهاس جي نسبت ۾ خوب اهميت وارا آهن. اتهاس، وشواس جوڳن ثبوتن تي آڌارت هئڻ گهرجي. انهن ثبوتن کي ئي اتهاس جا ساڌن چئجي ٿو.

انهن ساڌنن کي ڀؤتڪ ( طبعي )، لکيل ۽ زباني ساڌنن ۾ ورهائي اسان سندن ڄاڻ حاصل ڪنداسين. انهن جو ملهہ ماپڻ بہ ڪنداسين.

جنهن اتهاسڪ واقعي (گهٽنا) جو اڀياس ڪرڻو آهي، ان سان لاڳاپو رکندڙ انيڪ ڳالهين جو اڀياس ڪرڻو پوندو آهي. ان لاءِ اتهاسڪ ساڌنن جو آڌار وٺڻو پوندو آهي. اهي ساڌن ڄاچڻا پوندا آهن تہ اهي صحيح آهن يا نہ. انهنجو سمجهہ ۽ عقل سان استعمال ڪرڻو پوندو آهي .

**ڀوتڪ ساڌن :**




مٿيون شيون ۽ عمارتون يا سندن نشانن کي اتهاس جا ڀؤتڪ ساڌن چئجي ٿو.

ڀؤتڪ ساڌنن ۾ قلعن کي خاص اهميت آهي. قلعن جا مکيہ قسم آهن جابلوُ قلعا، ٻيلن وارا قلعا، سامونڊي قلعا، ميداني قلعا. يادگارن ۾ سماڌيون،قبر ويرگڙهہ ۽ عمارتن ۾ محل، درٻارون، منترين جا گهر ۽ عام جنتا جا گهر شامل آهن. انهن وسيلي اسانکي ان وقت جي ڄاڻ پوي ٿي. عمارت سازيءُ جي واڌاري جي ڄاڻ پوي ٿي. ان وقت جي مالي حالت، ڪلا ۽ اڌاوت ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي وغيره جي پڻ ڄاڻ پوي ٿي.

**ٻڌايو ڏسان !**

سڪا اتهاس جي ڄاڻ ڪيئن ڏيندا آهن؟

**ڄاڻ حاصل ڪيُون!**

پراچين ڪال کان ڪوڙي، دَمڙي، ڏيلو، پائي، پئسو، آنو، روپيو اهي سڪا واهپي ۾ هئا. سڪن تي ڪجهہ چوڻيون بہ آهن.

* चमड़ी जाए पर दमड़ी न जाए.
* सोलह आने सच!
* एक फूटी कॉड़ी नहीं दूँगा.
* पाई – पाई का हिसाब लेना!



ويرگَڙهہ

الڳہ الڳہ راجائن جا ٺهيل سون، چاندي، ٽامي جا سڪا اتهاس جا اهميت پريا ساڌن آهن. سڪن وسيلي راجا، سندن وقت، راج ڪاروبار، ڌرمي ويچار، شخصي معلوميت، وغيره جي ڄاڻ پوي ٿي. ان ڪانسواءِ مالي وهنوار ۽ حالت جي پڻ ڄاڻ ملي ٿي. ان وقت جي ڌاتوُ وگيان جي ڄاڻ ملي ٿي. سمراٽ اڪبر جي سڪن تي رام سيتا جو چٽر ۽ حيدرعليءَ جي سڪن تي شنڪر پاروتيءَ جي موُرتيءَ مان ان وقت جي ڌرمي ميل ميلاپ جي خبر پوي ٿي. پيشوائن جي سڪن تي عربي يا فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل هوندو هو. ان مان تنهن وقت جي ٻولي - وهنوار خبر پوي ٿو.



پيشوائن جا سڪا



حيدرعلي جا سڪا

شلا ليکہ يعني پٿرن يا پٽين تي اُڪريل ليکہ. مثال - تنجاور جو برهديشور جا ليکہ مندر چالوڪيہ، راشٽرڪوُٽ، چول، يادو، انهن حڪومتن جي وقت ۾ اُڪريل انيڪ شلا ليکہ مليا آهن. شلا ليکہ اتهاس لکڻ جو تمام اهميت وارو ۽ وشواس جوڳو ثبوُت مهيو ويندو آهي. ان مان ٻولي، لپي، سماجڪ جيون وغيرهہ ڳالهين جي ڄاڻ ملي ٿي. ٽامي جي پترن تي اڪريل ليکن کي ’تامر پتر‘ چوندا آهن. ’تامر پترن‘ تي حڪم، فيصلا وغيره اُڪريا ويندا هئا.



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

مَٺ، اگنڻ، مندر، چرچ، مسجدوِن، اگياري، درغاهوُن، مڪبرا، گروُدوارا، چيٽ، شلپ، ڪوُهہ، مناروُن، ڳوٺ جي پيٽ، وڳا، هٿيار، برتن، ڳهڻا، ڪپڙا، ڪلا جوُن شيون، رانديڪا، اوُزار، ساز، اهي سڀ پوُٽڪ ساڌن آهن.

**لکيل ساڌن :** وچولي ڪال جا ديوناگري، عربي، فارسي، موڙي، وغيره لپين جا ليکہ، پوچ پتر، گرنٿ، پوٿيون، حڪم، جيونيون، چٽر، وغيره مان ان وقت جي اتهاسڪ گهٽنائن جي ڄاڻ ملي ٿي. ان ڪانسواءِ ڪاڌي - پيتي جون شيون، لوڪ جيون، ويس وڳا، هلت چلت، ڏڻ - وارن جي بہ ڄاڻ ملي ٿي.

ان سڀني ساڌنن کي اتهاس جا ’لکيل ساڌن‘ چئجي ٿو.



ان ڪال ۾ پرڏيهي سيلاني ڀارت ۾ آيا. انهن پنهنجا مسافر ناما لکيا. انهن ۾ اَل بيروني، ابن بتوُتا، نڪولس منوُچي شامل هئا. بابر جي جيوني، ڪوي پرمانند جي سنسڪرت ۾ لکيل شواجي جي جيوني 'شو ڀارت' ۽ الڳ الڳ راجائن جون جيويون سندن خط پٽ، انهن مان سندن نيتيون، ڪاروباري سرشتا ۽ سياسي ناتا خبر پون ٿا.

تواريخ يا تاريخ يعني گهٽنائن جو سلسلو. ال بيروُني، ضيا الدين برني، مؤلانا احمد، باهيا بن احمد، مرضا حيدر، ڀيمسين سڪسينا يا وغيره جون لکيل تواريخون مؤجود آهن.

بخر لغظ خبر مان ٺهيو آهي. خبر معنيٰ سماچار. بخر مهاراشٽر جو اتهاس لکڻ جو هڪ ساڌن آهي، بخر وسيلي اُن وقت جون سياسي گهٽنائون، پاشا، سپيتڪ جيون، سماجڪ حالتون، وغيره ڄاڻڻ ۾ مدد ملي ٿي. مرائنيءَ جون ڪيترين بخروُن گهٽنا جي ٿيڻ کان ڇڱا سال پوءِ لکيون ويون. ان ڪري انهن ۾ ٻڌل ڳالهين تي وڏيڪ زور ڏنل آهي. مَهِڪاوت جي بخر، سڀاسد بخر، ايڪانوي قلمي بخر، چٽنٽيس جي بخر، ڀائو صاحب جي بخر، ڪرڙيا لڙائيءَ جي بخر وغيره ڪجهه بخرون آهن. رابرٽ آرم، ايم.سي. اسپرينگل ۽ گرانٽ ڊف، انهن همروقتي مغربي اتهاسڪارن جا ڪتاب به اهميت ڀريا آهي.



**ڪري ڏسو.**

- ڀوواڙا، آديواسي گيت گڏ ڪريو.
- اسڪول جي سپتيڪ جلسي ۾ اهي پيش ڪريو.

**زباني ساڌن :** لوڪ پرمپرا وسيلي هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ ڏانهن اڳتي ويندڙ لوڪ گيت، ڀوواڙا، ڀڄن، لاڏا، کهاڻيون، ڏند ڪٿائون، قصا، وغيره مان اسانکي لوڪ جيون جا الڳ الڳ پاسا خبر پون ٿا. اهڙن ساڌنن کي اتهاس جا 'زباني ساڌن' چوندا




مٿين ٽنهي قسمن جا ساڌنن جي مدد سان اتهاس لکيو ويندو آهي. اتهاس لکڻ ڪانپوءِ به ان بابت کوجنا ٿيندي رهي ٿي. انهن کوجنائن مان نوان ساڌن ۽ نئين ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. ان موجب اتهاس کي نئون روپ ڏنو وڃي ٿو. اسانجي ڏاڏي جي وقت، پٽا جي وقت ۽ اڄ جي وقت جي ڪتابن ۾ تبديل ڏسي سگهجي ٿي.



**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

تاناجيءَ جو ڀوواڙو : اهو ڀوواڙو تلسيداس چيو آهي. ان ۾ سنهه ڳڙهه هلچل جو ورڻن آهي. ڀوواڙي ۾ تاناجي، شيلار ماما، شواجي مهاراج، وير ماتا جيجاٻائي جو سندر بيان ڪيل آهي. انجو ڪجهه حصو هيٺ ڏنل آهي.

मामा बोलाया तो लागला । ऐंशी वर्षीचा म्हातारा ।।
‘‘लगिन राहिले रायबाचे तो मजला सांगावी ।।
माझ्या तानाजी सुभेदारा । जे गेले सिंहगडाला ।।
त्याचे पाठिरे पाहिले । नाही पुढारे पाहिले ।।
ज्याने आंबारे खाईला । बाठा बुजरा लाविला ।।
त्याचे झाड होउनि आंबे बांधले ।
किल्ला हाती नाही आला ।।
सिंहगड किल्ल्याची वार्ता ।
काढू नको तानाजी सुभेदारा ।।
जे गेले सिंहगडाला । ते मरूनशानी गेले ।।
तुमचा सपाटा होईल । असे बोलू नको रे मामा ।।
आम्ही सूरमर्द क्षत्री । नाही भिणार मरणाला ।।’’



## پڙايو تہ!

اتهاسڪ ساڌنن جي جتن جا اُپاءَ پڏايو.

**اتهاسڪ ساڌنن جي جاچ :** اهي ساڌن استعمال ڪرڻ کان اڳ ڪجهہ خبرداري وٺڻ ضروري آهي. سندن سچائيءَ جي چڪاس ڪجي ٿي. اصلي ساڌن ڪهڙا ۽ نقلي ساڌن ڪهڙا اهو ڳولهڻو پوي ٿو. پئمانا جاچي انهنجو درجو طيءِ ڪجي ٿو. ليکڪن جي سچائي، سندن سوارث، وقت، سياسي دٻاءُ وغيره بہ جاچڻو پوي ٿو. اها چاڻ ٻُڌل ٻڌايل آهي يا ھُن پاڻ ڏني آهي، اهو بہ ڏسجي ٿو. لکاوت ۾ وڏائي، رنگين زباني، اثر، نشانيون ان جو خيال رکجي ٿو. ان وقت جي ٻين ساڌنن سان اها چاڻ ڀيٽجي ٿي. اها چاڻ سمجهہ سان استعمال ڪبي آهي ڇو تہ اها چاڻ اڌوُري، اٽنهڪندڙ يا وڌايل چڙهايل ٿي سگهي ٿي. انهن ساڌنن جي جاچ ڪري ئي واپرائڻ گهرجي. اتهاس لکڻ ۾ ليکڪ جي ايمانداري ۽ بي طرفداري تمام ضروري آهي.



## اڀياس

۱. هينين چوکٽ ۾ اتهاسڪ ساڌنن جا نالا ڳولهيو :

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ت | ڏ | د | ڪ | ٿا | لو | ڇ |
| وا | ق | ب | لو | پو | ڪ | ر |
| ري | پٽ | خ | ش | وا | گي | ڇ |
| خ | ص | ر | ن | ڙا | ت | ل |
| ڏا | ح | ڪ | م | نا | مو | فا |
| ش | لا | لي | ڪہ | تا | هہ | فا |

۲. لکو تہ :

(۱) سمارڪ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون شامل آهن؟

(۲) تواريخ معنيٰ ڇا؟

(۳) اتهاس لکڻ وقت ليکڪ جون ڪهڙيون ڳالهيون ڄاڻڻ ضروري آهي؟

۳. گروهہ ۾ اٽنهڪندڙ لفظ ڳولهيو :

(۱) پؤتڪ ساڌن، لکيل ساڌن، اڻ لکيل ساڌن، زباني ساڌن.

(۲) سمارڪ، سڪا، غفائون، ڪهاڻيوُن

(۳) پوچ پتر، مندر، گرنٿ، چتر

(۴) گيت، تواريخ، ڪهاڻيوُن، قصا

۴. سمجهايو :

(۱) پؤتڪ ساڌن

(۲) لکيل ساڌن

(۳) زباني ساڌن

۵. اتهاسڪ ساڌنن جی جاچ ڪرڻ ضروري آهي ڇا؟ پنهنجا ويچار لکو.

٦. پنهنجا ويچار لکو :

(۱) شلا ليکہ اتهاس لکڻ جو وشواس جوڳو ثبوُت مهيو ويندو آهي.

(۲) زباني ساڌنن وسيلي لوڪ جيون بابت چاڻ ”حاصل ٿئي ٿي“.

**مشغولي**

ڪنهِن بہ عجائب خاني جو دؤرو ڪريو. توهان اڀياس ڪندڙوقت جي اتهاس جي ساڌنن جي چاڻ حاصل ڪريو ۽ انکي مشغولي ڪاپيءَ ۾ درج ڪريو.

# ٢. شواجيءَ کان اڳ وارو مهاراشٽر

هن باب ۾ اسان شواجيءَ کان اڳ، ڀارت جي الڳ الڳ حڪومتن جو اڀياس ڪنداسين. ان ڪال ۾ ڀارت ۾ الڳ الڳ راڄ وجود ۾ هئا.

اٺين صديءَ ۾ بنگال ۾ پال هڪ مشهور راڄ گهراڻو هو. وچ ڀارت ۾ گرجر-پرتهار راڄ جو وستار آنڌر، ڪلنگ، ودرڀ، اولهہ ڪاٺياواڙ، ڪنوڄ، گجرات تائين ڦهليل هو.

اُتر ڀارت جي راجپوت راجائن ۾ گهڙوال گهراڻو، پرمار گهراڻو مکيہ هئا. راجپوتن ۾ چؤهان گهراڻي جو پرٿويراج چؤهان بلوان راجا هو. ترائيءَ جي پهرين لڙائيءَ ۾ پرٿويراج چؤهان، محمد غوريءَ کي شڪست ڏني. پر ترائيءَ جي ٻين لڙائيءَ ۾ محمد غوري، پرٿويراج چؤهان کي هارايو.

تامل ناڊوءَ جي چول گهراڻي ۾ راجراج پهريون ۽ راجيندر پهريون مکيہ راجا هئا. چول راجائن آرماڙ جي زور تي مالديو ٻيٽ، شريلنڪا کٽي ورتا. ڪرناٽڪ جي هوسل گهراڻي جي وشڻو ورڌن راجا سڄو ڪرناٽڪ کٽيو.

مهاراشٽر جي راشٽر ڪوٽ گهراڻي جي گووند ٽئين جي وقت ۾ راشٽر ڪوٽ سنا ڪنوڄ کان راميشور تائين ڦهلجي ويئي. اڳتي هلي ڪرشڻ ٽئين الهہ باد تائين علائقو جيتي ورتو.

شلاهاران جا ٽي گهراڻا اولهہ مهاراشٽر ۾ اُسريا. پهريون گهراڻو اُتر ڪونڪڻ، ٺاڻا ۽ راءِگڙهہ، ٻيون گهراڻو ڏکڻ ڪونڪڻ ۽ ٽيون گهراڻو ڪولهاپور، ستارا، سانگلي ۽ بيلگام ضلعن جي ڪجهہ ڀاڱن ۾ راڄ ڪندو هو.

شواجي کان اڳ واري وقت ۾ آخرين ناميارِي حڪومت هئي مهاراشٽر جي يادو حڪومت. يادو حڪومت جي پيلم پنڃين جي راڄڌاني اؤرنگاباد ويجهو ديوگري هئي. هن ڪرشنا نديءَ کان اڳتي پنهنجو راڄ ڦهلايو هو.

يادون جو وقت مراٺي ڀاشا ۽ ساهتيہ جو سونهري وقت مڃيو ويندو آهي. هن وقت ۾ ئي مهاراشٽر ۾ مهانڀوءَ وارڪري پنٿ اُسريا.

## اُتر اولهہ طرف کان حملا

مهاراشٽر ۾ راشٽرڪوٽ، يادو وغيره مڪاني گهراڻن جي حڪومت هئي پر اُتر اولهہ کان آيل حملاورن اُتر جي حڪومتن کي هارائي پنهنجو راڄ ڄمايو.

ان درميان وچ اوڀر ۾ عرب حڪومت اُسري. سامراجيہ جو وستار ڪرڻ لاءِ عربي حڪمران ڀارت ڏانهن وڌيا. اٺين صديءَ ۾ محمدبن قاسم نالي عربي سيناپتيءَ سنڌ تي چڙهائي ڪئي. اتي راجا ڏاهر جو مقابلو هٽائي هُن سنڌ پرانت کٽيو. ان حملي ذريعي پهريون دفعو عربن جو سنڌ سان سياسي لاڳاپو آيو. ان ڪانپوءِ واري وقت ۾ وچ ايشيا مان ترڪ، افغان، مُغل ڀارت ۾ آيا ۽ هتي پنهنجي حڪومت برپا ڪئي.

عيسوي سن جي ٻارهين صديءَ ۾ ڀارت تي ترڪن جا حملا تيز ٿيا. هو پنهنجي راڄ جو وستار ڪندي ڀارت جي اُتر - اولهہ سرحد تائين پهتا. غزنيءَ جي سلطان محمود ڀارت تي ڪيترئي چڙهايون ڪيون. انهن چڙهاين ۾ هُو مٿرا، ورنداون، ڪنوڄ، سومناٿ جي مندرن کي لٽي گهڻي دؤلت کٽي ويو.

## اُتر وري سلطان شاهي

ع.س. ١١٧٥ ۽ ١١٧٨ ۾ افغانستان جي غور جي سلطان مُحمد غوري ڀارت تي حملا ڪيا. ڀارت جي کٽيل ايراضين جو ڪاروبار

هلائڻ لاءِ هن قطب الدين عيبڪ کي مقرر ڪيو. ع.س. ١٢٠٦ ۾ محمد غوريءَ جي موت ڪانپوءِ عيبڪ ڀارت جو ڪاروبار پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. عيبڪ اصل ۾ هڪ غلام هو پر هوُ دهليءَ جو مالڪ بڻيو. ع.س. ١٢١٠ ۾ هنجو

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

قطب الدين عيبڪ ڪانپوءِ التمش، رضيا، بلبن، علاوالدين خلجي، محمد تغلق، فيروز تغلق، ابراهيم لوڌي وغيره سلطانن ڀارت تي راڄ ڪيو.

ابراهيم لوڌي آخرين سلطان هو. هنجي سياوَ سبب هُنجا ڪيترائي دشمن بڻيا. پنجاب جي صوبيدار دؤلت خان لوڌيءَ ڪابل جي مغل بادشاهه بابر کي، ابراهيم لوڌيءَ تي حملو ڪرڻ لاءِ نيند ڏني. ان لڙائيءَ ۾ بابر ابراهيم لوڌيءَ کي هارايو ۽ سلطان شاهيءَ جي پڄاڻي ٿي.

## وجيه نگر جو راڄ

دهليءَ جي سلطان محمد تغلق جي ايامڪاريءَ ۾ دهليءَ جي مرڪزي راڄ خلاف ڏکڻ ۾ بلوو ٿيو. ان مان وجيه نگر ۽ بهمني اهي ٻه مضبوط حڪومتون وجود ۾ آيون.

هريهر ۽ ٻڪ ڀائر دهليءَ جي سلطان شاهيءَ جا ڏکڻ ۾ سردار هئا. محمد تغلق جي ايامڪاريءَ ۾ ڏکڻ ۾ سياسي بدانتظاميءَ جو فائدو وٺي ١٣٣٦ع ۾ هنن ڏکڻ ۾ وجيه نگر راڄ اسٿاپت ڪيو. اڄ جي ڪرناٽڪ جو ’همپي‘ سندن گاديءَ جو هنڌ هو. هريهر وجيه نگر راڄ جو پهريون راجا هو.

هريهر ڪانپوءِ سندس ڀاءُ ٻڪ راجا بڻيو. ٻڪ پنهنجو راڄ راميشور تائين وڌائي ڇڏيو.

**ڪرشن ديوراءِ :** ع.س. ١٥٠٩ ۾ ڪرشن ديوراءِ وجيه نگر جي گديءَ تي ويٺو. هن وجيه واڙا ۽ راڄ مهيندري علائقا کٽي پنهنجي راڄ ۾ گڏي ڇڏيا. بهمني سلطان محمود شاهه جي اڳوانيءَ ۾ گڏ ٿيل سلطانن جي سئنا کي هن شڪست ڏني. ڪرشن ديو راءِ جي ايامڪاريءَ ۾ وجيه نگر راڄ


ڪرشن ديوراءِ

اوڀر ۾ ڪٽڪ کان اولهه ۾ گوئا تائين ۽ اُتر ۾ رائچور دوآبي کان - ڏکڻ ۾ هندي مهاساگر تائين پکڙيل هو. ١٥٣٠ع ۾ هن جو موت ٿيو.

ڪرشن ديوراءِ ودوان انسان هو. هُن تيلگو ٻوليءَ ۾ ’آمُڪت ماليدا‘ نالي راجنيتيءَ تي ڪتاب لکيو. سندس وقت ۾ وجيه نگر ۾ هزار رام مندر ۽ وٺل مندر ٺاهڻ جو ڪم شروع ٿيو.

ڪرشن ديوراءِ ڪانپوءِ وجيه نگر حڪومت جو سڄ اُجهامڻ لڳو. اڄ جي ڪرناٽڪ راجيه جي تاليڪوٽ وٽ عادل شاهي، نظام شاهي، قطب شاهي، بريد شاهي ۽ وجيه نگر جي راجا رامراءِ وچ ۾ ١٥٦٥ع ۾ لڙائي لڳي. ان ۾ هُن جي هار ٿي. ان ڪانپوءِ وجيه نگر راڄ ختم ٿيو.

## بهمني راڄ

محمد تغلق جي دبدبي کي ناڪاري ڏکڻ ۾ ڪجهه سردارن بغاوت ڪئي. هنن سردارن جي اڳوان حسن گنگوءَ دهليءَ جي سلطان جي سئنا کي شڪست ڏني. هن ١٣٤٧ع ۾ نئون راڄ برپا ڪيو. جنهنکي بهمني راڄ چئجي ٿو. حسن گنگو بهمني راڄ جو پهريون سلطان ٿيو. هُن ڪرناٽڪ جي ’گلبرگا‘ ۾ پنهنجي راڄڌاني اسٿاپن ڪئي.

**محمود گاوان :** هي بهمني راڄ جو مکيه

وزير ۽ سنو ڪاروباري هو. هن بهمني راڄ ۾ مالي طاقت آندي. هن سئنڪن کي جاگير بدران روڪ پگهار ڏيڻ جي شروعات ڪئي. سئنا ۾ انتظام آندو. زمين جي محصوُل سرشتي ۾ سڌارو آندو. ٻِدر ۾ عربي ۽ فارسي ٻولين جي اڀياس لاءِ مدرسا کوليا. محصوُلي

محموُد گاوان کانپوءِ بهمني سردارن ۾ گُٽبازي وڌڻ لڳي. وڄيه نگر ۽ بهمني حڪومتن ۾ ڇڪتاڻ جو بهمني حڪومت تي خراب اثر ٿيو. راڄ جي پرڳڻن جا عملدار خودمختيار طور ڪم ڪرڻ لڳا. بهمني راڄ جا ٽڪر ٿي پيا. اهي هئا ورهاڱ جي عمادشاهي، بدر جي برِيد شاهي، بيجاپور جي عادل شاهي، احمدنگر جي نظام شاهي ۽ گولڪنڊا جي قطب شاهي.

### مغل سلطنت

١٥٢٦ ۾ دهليءَ جي سلطان شاهيءَ جي پڄاڻي ٿي. اُتي مغل سلطنت جي استاپنا ٿي.

**بابر :** مغل سلطنت جو پايو وجهندڙ بابر هو. هوُ وچ ايشيا جي هاڻوڪي اُسبيڪستان جي فرغانا راڄ جو راڄا هو. هن ڀارت جي ڌن دؤلت جي ساراهه ٻڌي هئي. انڪري هُن ڀارت تي حملي جي تياري ڪئي.

دهليءَ ۾ اُن وقت ابراهيم لوڌي سلطان هو. سلطان شاهيءَ ۾ پنجاب جو مکيه عملدار دؤلت خان لوڌي هو. ابراهيم لوڌي ۽ دؤلت خان لوڌيءَ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي. دؤلت خان ڀارت تي حملي لاءِ بابر کي نينڊ ڏني. اهو موقعو ڏسي بابر ڀارت تي حملو ڪيو. ابراهيم لوڌي به سئنا وٺي نڪتو. ٢١ اپريل ١٥٢٦ تي پاڻيپٽ تي سنڌن لڙائي لڳي. هن لڙائيءَ ۾ بابر، ڀارت ۾ پهريون دفعو توب خاني جو استعمال ڪيو. هن ابراهيم لوڌيءَ کي شڪست ڏئي. اها پاڻيپٽ جي پهرين لڙائي هئي.

اِن لڙائيءَ کانپوءِ ميواڙ جي راڻا سنگا راجپوت راڄائن کي گڏ ڪيو. بابر ۽ راڻا سنگا وچ ۾ کانئا وٽ لڙائي لڳي. ان لڙائيءَ ۾ بابر جي توبخاني ۽ محفوُظ جٿي اٿردار ڪامگري ڪئي. راڻا سنگا جي سئنا هارايو. ١٥٣٠ ۾ بابر جي مؤت ٿيو.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

بابر کانپوءِ هُمايوُن (ع.س. ١٥٣٠ کان ع.س. ١٥٣٩ ۽ ع.س. ١٥٥٥ کان ١٥٥٦) گديءَ تي ويٺو. همايوُن کي شير شاهه هارايو ۽ دهليءَ ۾ ڪجهه وقت سوُر گهراڻي جو راڄ آندو. همايوُن کانپوءِ اڪبر (ع.س. ١٥٥٦ کان ع.س. ١٦٠٥) گديءَ تي ويٺو. اڪبر ۽ هيموءُ وچ ۾ ع.س. ١٥٥٦ ۾ پاڻيپت وٽ لڙائي لڳي. اها پاڻيپت جي ٻين لڙائي هئي. سڄي ڀارت کي پنهنجي راڄ ۾ آڻڻ جي اڪبر جي اڇا هئي. اڪبر کانپوءِ جهان گير (ع.س. ١٦٠٥ کان ع.س. ١٦٢٨) سمراٽ ٿيو. هنجي اڀامڪاريءَ ۾ سندس زال نوُر جهان اٿردار ڪامگري ڪئي. جهانگير کانپوءِ شاهه جهان (ع.س. ١٦٢٨ کان ١٦٥٨) سمراٽ ٿيو. شاهه جهان کانپوءِ اؤرنگزيب (ع.س. ١٦٥٨ کان ١٧٠٧) گهڻي عرصي تائين سمراٽ ٿيو. هنجي مؤت کانپوءِ مغل سلطنت ڏُبري ٿي پيئي.

اڪبر مغل گهراڻي جو سڀ کان ناميارو بادشاهه هو. اڪبر سڄي ڀارت کي پنهنجي راڄ هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هنکي اِن ۾ ورود سهڻو پيو. مهاراڻا پرتاب، چاند بيبي، راڻي درگاوتيءَ اڪبر جي گهڻي مخالفت ڪئي.



راڻا پرتاب

**مهاراڻا پرتاب :** اُديہ سنگهہ جي مؤت کانپوءِ مهاراڻا پرتاب ميواڙ جي گديءِ تي ويٺو. ميواڙ جي وجود خاطر هن سنگهرش شروع رکيو. مهاراڻا پرتاب آخر تائين آزادي قائم رکڻ لاءِ اڪبر سان ورونڌ چالو رکيو. همت، صبر، فخر، تياڳ وغيره گڻن سبب هُو اتهاس ۾ امر ٿي ويو آهي.



چاند بيبي

**چاند بيبي :** ۱۵۹۵ ۾ مغلن نظام شاهيءِ جي راڄڌاني احمدنگر تي حملو ڪيو . مغل سئنا احمدنگر جي قعلي کي چوڌاري گهيرو ڪيو. احمدنگر جي حُسين نظام شاهہ جي بهادر ڌيءِ چاند بيبي گهڻي همت سان لڙائي ڪئي. ان وقت نظام شاهيءِ جي سردارن ۾ ڦوٽ پئجي ويئي. ان ڦوٽ سبب چاند بيبي مارجي ويئي. پوءِ مغلن احمدنگر قعلو کٽي ورتو. پر نظام شاهيءِ جو پورو راڄ مغلن جي قبضي ۾ نہ آيو.



راڻي درگاوتي

**راڻي درگاوتي :** ودرڀ جو اوڀر وارو پاسو، اُنجي اُتر وارو مڌيہ پرديش جو پاسو، اڄ جو ڇتيسگڙهہ، آنڌر پرديش جو اُتر وارو پاسو ۽ اوڙيسا جو اولهہ وارو پاسو اهو ٿلهي ليکي گونڊوانا نالي ڄاتووڃي ٿو. چنديل راجپوت گهراڻي جي ڌيءِ دُرگاوتي شاديءِ کانپوءِ گونڊوانا جي راڻي ٿي. هن سُٺي نموني راڄ ڪاروبار هلايو. وچولي ڪال جي اتهاس ۾ راڻي درگاوتيءِ جو مغلن خلاف ورونڌ ذڪر لائق آهي. درگاوتيءِ پنهنجي گهوٽ جي مؤت کانپوءِ اڪبر خلاف لڙندي پنهنجي جان ڏني پر پيش ڪونہ پئي.



اؤرنگزيب

**اؤرنگزيب :** اؤرنگزيب ۱۶۵۸ ۾ بادشاهہ بڻيو. ان وقت سامراجيہ اُتر ۾ ڪشمير کان ڏکڻ ۾ احمدنگر ۽ اولهہ ۾ ڪابل کان اوڀر بنگال تائين ڦهليل هو. اؤرنگزيب پنهنجي اياماڪاريءِ ۾ اوڀر ۾ آسام، ڏکڻ ۾ بيجاپور جي عادل شاهي ۽ گولڪنڊا جي قطب شاهي ختم ڪري پنهنجي راڄ ۾ ملائي ڇڏيا.

**آهومن سان سنگهرش :** تيرهين صديءِ ۾ شان جاتيءِ جا ماڻهوءَ برهمپترا نديءِ جي ماٿريءَ ۾ اچي وسيا. اُتي هنن پنهنجو راڄ برپا ڪيو. مڪاني ماڻهو کين آهوم چوندا هئا.

اؤرنگزيب جي وقت ۾ آهومن جو مغلن سان جهيڙو ٿيو. مغلن آهومن جي ايراضيءِ تي حملو ڪيو. گداڌر سنگهہ جي اڳوانيءِ ۾ آهوم گڏ ٿيا. لڇت بڙ ڦوڪن سيناپتيءِ مغلن خلاف خوب جدوجهد ڪئي. آهومن مغلن خلاف گوريلا لڙائي اپنائي. مغلن کي آسام ۾ پنهنجو راڄ بہ هلائڻ مشڪل ٿي پيو.

سکن سان سنگهرش : سکن جي نائين گرو، گرو تيغ بهادر سنگهہ اؤرنگزيب جي ڪٽر ڌرمي نيتيءِ خلاف سخت ناپسندي ڏيکاري. اؤرنگزيب ۱۶۷۵ ۾ کين قيد ڪري سندن سر ڌڙ کان الڳ ڪرائي ڇڏيو. اُنهن کانپوءِ گرو گوبند سنگهہ سکن جو گرو ٿيو.

گروُ گوبند سنگھہ سکن کي گڏ ڪري، سندن لڙاڪو ويچارن کي همٿايو. لڙاڪو سکہ جوانن جو هڪ جٿو تيار ڪيو. جنهن کي 'خالصا جٿو' چوندا آهن. آنندپور سندن مکيہ مرڪز هو.


گروگوبند سنگھہ

اؤرنگزيب سکن خلاف لشڪر چاڙهي موڪليو. ان لشڪر آنندپور تي حملو ڪيو. سکن سخت مقابلو ڪيو پر ڪين ڪاميابي نہ ملي. ان ڪانپوءِ گروُ گوبند سنگھہ ڏکڻ ۾ آيو. ١٧٠٨ ۾ نانديڙ ۾ هنن تي حملو ٿيو. ڪجھہ ڏينهن ڪانپوءِ هوُ گذاري ويا.

**راجپوُتن سان سنگھرش :** اڪبر پنهنجي پريم پيار واري نيتيءَ وسيلي راجپوُتن وٽان سهڪار حاصل ڪيو هو. پر اؤرنگزيب کي اهو سهڪار نہ مليو. مارواڙ جي راڻا جسونت سنگھہ جي موُت ڪانپوءِ سندس راڄ اؤرنگزيب پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو. دُرگاداس راٺوڙ، جسونت سنگھہ جي نابالغ پٽ اجيت سنگھہ کي گديءَ تي وهاريو. درگاداس راٺوڙ مغلن خلاف سخت سنگھرش ڪيو. درگاداس جي وروڌ کي مٽائڻ لاءِ اؤرنگزيب راجڪمار اڪبر کي مارواڙ موڪليو. راجڪمار اڪبر پاڻ راجپوُتن سان ملي ويو ۽ اؤرنگزيب خلاف بغاوت ڪري ڇڏي. ان بغاوت ۾ مهاراشٽر جي مراٺن کان بہ سهڪار ورتو ويو. درگاداس راٺوڙ مارواڙ جي وجوُد لاءِ مغلن خلاق سنگھرش جاري رکيو.

**مرهٽن سان ويڙهہ :** مهاراشٽر ۾ شواجي مهاراج جي اڳوانيءَ ۾ سوُراج جي اسٿاپنا ٿي. ڪين سوراج اسٿاپن ڪرڻ ۾ ٻين دشمنن سان گڏ مغلن سان بہ سنگھرش ڪرڻو پيو. سندن موُت ڪانپوءِ سڄو ڏکڻ ڀارت جيتڻ جي مقصد سان، اؤرنگزيب ڏکڻ ۾ آيو. پر مرهٽن اؤرنگزيب خلاف سخت مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي آزاديءَ جي رکيا ڪئي. ان سڄي سنگھرش جي ڄاڻ اسان اڳتي حاصل ڪنداسين.

## اڀياس

١. نالو ٻڌايو :

(١) گونڊوانا جي راڻي
(٢) اُديہ سنگھہ جو پٽ
(٣) مغل سلطنت جو پايو وجھندڙ
(٤) بهمني راڄ جو پهريون سلطان
(٥) گروُ گوبند سنگھہ جو اسٿاپن ڪيل جٿو

٢. گروهہ ۾ اڻٺهڪندڙ لفظ ڳولهيو :

(١) سلطان مُحمد، قطب الدين عيبڪ، مُحمد غوري، بابر
(٢) عادل شاهي، نظام شاهي، سلطان شاهي،بريد شاهي
(٣) اڪبر، همايون، شير شاهہ، اؤرنگزيب

٣. ٿوري ۾ جواب لکو :

(١) وجيہ نگر ۽ بهمني راڄ جو اسٿاپت ٿيا؟
(٢) محموُد گاوان ڪهڙا سُڌارا ڪيا؟
(٣) مغلن کي آسام ۾ راڄ ڪاروبار هلائڻ ڇو ڏکيو ٿي پيو؟

٤. پنهنجن لفظن ۾ ٿوري ۾ ڄاڻ لکو :

(١) ڪرشن ديوراءِ
(٢) چاند بيبي
(٣) راڻي درگاوتي

٥. سبب لکو :

(١) بهمني راڄ جا پنج ٽڪر ٿي پيا.
(٢) راڻا سنگا جي سئنا جي هار ٿي.
(٣) راڻا پرتاب اتهاس ۾ امر ٿي ويو.
(٤) اؤرنگزيب گروُ تيغ بهادر کي قيد ڪيو.
(٥) راجپوُتن مغلن خلاف سنگھرش ڪيو.

٦.وقتي ليڪ پوري ڪريو :

| | | | |
|---|---|---|---|
| ع.س..... | ع.س. ١٥٠٩ | ع.س..... | ع.س. ١٣٣٦ |
| مغل سلطنت جي اسٿاپنا | .................. | بهمني راڄ جي اسٿاپنا | وڃيہ نگرراڄ جي اسٿاپنا |

٧. انٽرنيٽ جي مدد سان توهانکي وڻندڙ ڪنهن بہ اتهاسڪ شخص جي ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ اُها هيٺ چوڪٺ ۾ لکو.

مونکي ڄاڻ آهي تہ

**مشغولي**

باب ۾ آيل شخصن جي وڌيڪ ڄاڻ انٽرنيٽ، ڪتابن، اخبارن، وغيره مان گڏ ڪريو. مشغوليءَ جي ڪاپيءَ چترن جو ڪولاج تيار ڪريو. اتهاس ڪمري ۾ نماءُ رکو.



ديوي گري قلعو

HK9YJU

# ۳. ڌرمي ميلاپ

ڀاشائن ۽ ڌرمن جي علحدگي ڀارتي سماج جي هڪ مکيہ خاصيت آهي. ان خاصيت ڪري ئي ڀارت جي جوڙجڪ سروڌرم سم ڀاو يا مذهبي نرپکشتا جو متو قبول ڪيو آهي. وچولي ڪال واري ڀارت جي سماجڪ جيون ۾ بہ ان ساڳئي متي جي آڌار تي ڌرمي ميلاپ جون ڪوششون ڪيون ويون. انهن ۾ ڀڳتي هلچل، سکہ ڌرم ۽ صوفي پنٿ کي اسانجي سماج ۾ خاص اهميت آهي. ڀارت جي الڳہ الڳہ پرانتن ۾ الڳہ الڳہ ويچار ڌارائون شروع ٿيون. انهن ۾ ايشور ڀڳتيءَ سان گڏ ڌرمي ۽ پنٿن جي ميلاپ تي زور ڏنل هو. ان بابت اسان هن باب ۾ ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

ڀارتي ڌرمي جيون ۾ شروعات ۾ ڪرم ڪانڊ (سات سوٽن) ۽ برهم گيان تي گھڻو زور هو. وچولي ڪال ۾ انهن ويچارن ڪان ڀڳتي مارگہ کي اهميت حاصل ٿي. ان مارگہ ۾ ماڻهن ۾ فرق ڪي اجائي اهميت نہ هئي جنهن ڪري ڌرمي ميلاپ کي وڌيڪ هٿي ملي. ڀارت جي جدا جدا پرانتن ۾ مڪاني حالتن موجب ڀڳتي پنٿ جا الڳہ الڳہ روپ ڏسجن ٿا. انهن پنٿن سنسڪرت ڀاشا عيوض عام ماڻهن جي ڀاشا اَپنائي. تنهن ڪري پرانتڪ ڀاشائن جي وڪاس کي ڌرمي هلچل جو سهارو مليو.

**ڀڳتي هلچل :** ڀڳتي هلچل جو جنم ڏکڻ ڀارت ۾ ٿيو، ائين مڃيو ويندو آهي. اُتي ناينار ۽ آلوار ڀڳتي هلچل شروع ٿي. نايناز شو ڀڳت ۽ آلوار وشڻو ڀڳت هئا. شو ۽ وشڻو هڪ ئي آهن ائين سمجهي اُنهن ۾ ميلاپ جون ڪوششون بہ ٿيون. اڌ حصو شنڪر جو ۽ اڌ حصو وشڻوءَ جو اهڙيون 'هريهر' جُون مُورتيون بہ وڏي پئماني تي ٺاهيون ويون. انهن ڀڳتي هلچلن ۾ سماج جي سڀني طبقن جا ماڻهو شامل ٿيا. ڀڳتي هلچل ايشور پريم، انسانيت، ساهوارن تي ديا، همدردي وغيره ملهن جي سکيا ڏني. ڏکڻ ڀارت ۾ رامانج ۽ ٻين سنتن ڀڳتي هلچل کي زور وٺايو. هنن سمجهايو تہ ايشور سڀني لاءِ آهي ۽ هوُ فرق نہ ڪندو آهي. اُتر ڀارت ۾ بہ رامانج جي سکيا جو وڏو اثر ٿيو. اُتر ڀارت ۾ سنت راماند ڀڳتيءَ جي اهميت سمجهائي. سنت ڪبير ڀڳتي هلچل ۾ ناميارو سنت هو. هُن تيرٿن، ورتن، مُورتي پوڄا کي اهميت نہ ڏني. سچ کي ايشور مڃيو. 'سڀ انسان هڪ آهن'، اها سکيا ڏني.



سنت ڪبير

جاتي ڀيد، پنٿ ڀيد ۽ ڌرم ڀيد کي نہ مڃيو. هن هندوُ ۽ مسلم ٻنهي ڌرمن جي ڪٽر ماڻهن جي سخت نندا ڪئي.

بنگال ۾ چئتنيہ مهاپرڀوءَ ڪرشڻ ڀڳتيءَ جي اهميت سمجهائي. انهن جي اُپديش سبب ماڻهوُ جاتي ۽ پنٿن جا بنڌن لنگهي. ڀڳتي هلچل ۾ شامل ٿيا. چئتنيہ مهاپرڀوءَ جي اثر هيٺ شنڪر ديو آسام ۾ ڪرشڻ ڀڳتيءَ کي وڌايو. گجرات ۾ سنت نرسي مهتا ناميارا وشڻو سنت ٿي گذريا آهن. اهي پرم ڪرشڻ ڀڳت هئا. هن برابريءَ جو اُپديش ڏنو. ڪين گجراتي ڀاشا جو آدي ڪوي مڃيو وڃي ٿو.

سنت ميراٻائي ڪرشڻ ڀڳتيءَ جي مهما ٻُڌائي. هوءَ ميواڙ گهراڻي جي هئي. محلن جي سکن کي ڇڏي هوءَ ڪرشڻ ڀڳتيءَ ۾ مگن ٿي ويئي. هُن راجستاني ۽ گجراتي ٻولين ۾

يڄن رچيا. سندس ڀڳتي گيت سهنشيلتا ۽ انسانيت جي سکيا ڏين ٿا. سنت روهيداس پڻ مهان سنت هئا. هن برابري ۽ انسانيت جي سکيا ڏني. سنت سينا هڪ اثردار سنت ٿي گذريا آهن. هندي ساهتيہ جي مهاڪوي سُورداس ’سُر ساگر‘ ڪاويہ لکيو. هن ڪرشڻ ڀڳتيءَ تي ساهتيہ رچيو. مسلم سنت رس خان جا لکيل ڪرشڻ ڀڳتيءَ جا گيت آنند ڏيندڙ آهن. سنت تلسيداس جي ’رام چرت مانس‘ گرنٿ ۾ رام ڀڳتيءَ جو سندر روپ ڏسجي ٿو.

ڪرناٽڪ ۾ مهاتما بسويشر لنگايت ويچار ڌارا جو ڦهلاءُ ڪيو. هن جاتي ڀيد جو ورود ڪيو. محنت جي اهميت ٻڌائي. ’ڪاڪوي ڪئلاش‘ سندن مشهوُر وچن آهن. انجو مطلب محنت ئي ڪئلاش (شو) آهي. هن پنهنجي هلچل ۾ استرين کي بہ شامل ڪيو. اڳتي ۾ ٿيندڙ ’اَنيو منتپ‘ ڌرمي ڳالهہ ٻولهہ ۾ سيني جاتين جا استري پرش بهرو وٺي لڳا. هن پنهنجي سکيا عام لوڪن جي ڀاشا ڪنڙ ۾ ساهتيہ وسيلي ڏني. سندن ڪم جو ماڻهن تي گهرو اثر ٿيو. مهاتما بسويشر جي پوئلڳن مرائي ڀاشا ۾ بہ ساهتيہ لکيو. ان ۾ منمت سواميءَ جو لکيل ’پرم رهسيہ‘ گرنٿ مشهوُر آهي. ڪرناٽڪ ۾ پنپ، پُرندرداس مهان سنت بہ ٿي گذريا آهن. هنن ڪنڙ ڀاشا ۾ ڀڳتي ساهتيہ رچيو.


مهاتما بسويشر

**مهانُيو پنٿ :** تيرهين صديءَ ۾ چڪرڌر سوامي مهاراشٽر ۾ ’مهانياو‘ پنٿ برپا ڪيو. هيءُ پنٿ ڪرشڻ ڀڳتيءَ جو اُپديش ڏيندو آهي. شري گووند پربوُ چڪرڌر سواميءَ جو گروُ هو. چڪرڌر جي سکن ۾ سيني جاتين جا استري - پرش شامل هئا. هوُ برابريءَ ۾ وشواس رکندا هئا. هنن مهاراشٽر ۾ رٿن ڪنديي مرائيءَ ۾ اُپديش ڏنو. سنسڪرت عيوض مرائي ڀاشا کي اهميت ڏني.


چڪرڌر سوامي

ان سبب مرائي ڀاشا جو وڪاس ٿيو. مرائي ڀاشا ۾ چڱا ڪتاب لکيا ويا.

هن پنٿ جو ڦهلاءُ مهاراشٽر ۾ مکيہ طوُر ودربہ ۽ مراٺواڙا ايراضين ۾ ٿيو. ودربہ ۾ رڌي پور هن پنٿ جو مکيہ استان آهي. هيءُ پنَٿ پنجاب، افغانستان انهن پرين ايراضين تائين وڃي پهتو هو.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

مهانياوجي پوئلڳن جا رچيل مکيہ گرنٿ آهن : مهائين ڀٽ جو سمپادن ڪيل چڪرڌر سواميءَ جي ليلائن جو گرنٿ ’ليلا چرتر‘ آهي، مرائي ڪوتاڪار مهدنبا جو ’ڌوَڙي‘، ڪيشوباس جو سمپادن ڪيل ’سوُترپاٺ‘ ۽ ’درشٽانت پاٺ‘ دامودر پنڊت جو ’وڇاهرڻ‘، ڀاسڪر ڀٽ بوريڪر جو ’ششوُپال وَڌ‘، نريندر جو ’رُوڪمڻي سويمور.‘

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

مهاراشٽر ۾ سنت ايڪانٿ جو لکيل هندوُ ۽ مسلمانن وچم گفتگو، ڌرمي ميلاپ لاءِ اهميت پريو آهي. سنت شيخ محمد جو ’شيخ محمد اونڌ تياڇي هرديي گووند عمدو‘ اهي مشهور لفظ (وچَن) ڌرمي ميلاپ جو هڪ مثال آهي.

**گرونانڪ :** گرونانڪ سک ڌرم جو پايو وجهندڙ ۽ پهريون گروُ آهي. ڌارمڪ ايڪي لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪرڻ سندن وڏو ڪاريہ هو. هنن

هندوُ ۽ مسلم ٻنهي ڌرمن جي الڳ الڳ تيرٿ آستانن جو رٿن ڪيو. هوُ مڪي به ويا. هنن ڄاتو ته هرهنڌ ڀڳتي ڀاونا ساڳي آهي. سيني سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪرڻ جي هنن سکيا ڏني. هنن هندوُ ۽ مسلمانن کي ايڪتا جو اُپديش ڏنو. هنن شڌ وهنوار تي زور ڏنو.



گرونانڪ

گرونانڪ جي سکيا گهڻن تي اثر ٿيو. سندن پوئلڳن جو عدد ڏينهن پوءِ ڏينهن وڌڻ لڳو. گرونانڪ جي پوئلڳن کي ’سک‘ چوندا آهن. ’گرو گرنٿ صاحب‘ سکن جو پوتر گرنٿ آهي. هن گرنٿ ۾ گرونانڪ ديو، سنت نامديو، سنت ڪبير جون رچنائون شامل آهن.

گرونانڪ کانپوءِ سکن جو نوَ گرو ٿيا. گرو گوبند سنگهه سکن جو ڏهون گرو هو. جن کانپوءِ سڀ سکه گرو گوبند سنگهه جي آگيا موجب ’گرو گرنٿ صاحب‘ کي ئي گروُ مڃيندا آهن.

**صوُفي پنٿ :** صوُفي پنٿ اسلام جو هڪ پنٿ آهي. ايشور پريم جو ٻنڌار آهي. پريم ۽ ڀڳتيءَ رستي ئي ايشور تائين پهچي سگهجي ٿو. اهڙي صوُفي سنتن جي مڃتا هئي. جيون تي ديا ڪجي، ايشور جو سمرڻ ڪجي، سادي نموُني رهجي اهي سندن سکيائون هيوُن. خواجا موعين دين چستي، شيخ نظام دين اوليا مهان صوُفي سنت هئا. صوفي سنتن جي اُپديشن سبب سماج ۾ ايڪتا آئي. ڀارتي سنگيت ۾ صوفي پرمپرا سبب گهڻو اضافو ٿيو آهي.

سنتن جي ٻڌايل ڀڳتي مارگ تي هلڻ عام ماڻهن لاءِ سؤلو هو. ڀڳتي هلچل سيني استري - پرشن لاءِ کليل هئي. سنتن پنهنجا ويچار لوڪ ڀاشا ۾ سمجهايا. هوُ عام ماڻهن کي پنهنجا لڳڻ لڳا. ڀارتي سڀيتا جي نرماڻ ۾ ڀڳتي هلچل جو وڏو هٿ آهي.

## اڀياس

**١. آپسي لاڳاپو سُڃاڻي لکو :**

(١) مهاتمابسويشور : گرونانڪ،سنت ميرابائي : .......

(٢) رامانند : اُتر ڀارت، چئتنيه مهاپربو : ......

(٣) چڪردر : ........، شنڪر ديو : ..........

**٢. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو :**

| | ڦهلائيندڙ | گرنٿ |
|---|---|---|
| (١) ڀڳتي هلچل | ------- | ------- |
| (٢) مهانڀاو پنٿ | ------- | ------- |
| (٣) سکه ڌرم | ------- | ------- |

**٣. لکو :**

(١) سنت ڪبير ڀڳتي هلچل جو مشهوُر سنت ٿي اُسريا.

(٢) مهاتما بسويشر جي ڪاريه جو سماج تي ٿيل اثر.

**٤. هيٺين چوُڪٽ ۾ آيل سنتن جا نالا ڳولهيو :**

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڳ | رُو | گو | بن | د | سن | گهه | س | س |
| رُو | را | ما | ن | ن | سُو | ر | دا | س |
| نا | سي | ت | س | ر | ل | م | هي | پن |
| ن | چ | س | سا | ت | د | بي | رو | پ |
| ڪ | م | گ | م | رن | ا | ڪ | س | آ |
| ب | ر | س | پُ | ا | پر | ت | م | رُو |
| م | نم | ت | سوا | مي | را | با | اِي | س |

**مشغولي**

صوُفي سنگيت جو ڪو هڪ گيت / ڀڄن حاصل ڪري سڀينڪ ڪاريه ڪرم ۾ پيش ڪريو.

# ٤. شواجيءَ کان اڳ وارو مهاراشٽر

سترهين صديءَ جي شروعات ۾ مهاراشٽر جو گهڻو ڀاڱو احمدنگر جي نظام شاهه ۽ بيجاپور جي عادل شاهه جي هٿ ۾ هو. مغل خانديش ۾ داخل ٿي چڪا هئا. سندس مقصد ڏکڻ ۾ وستار ڪرڻ هو. ڪونڪڻ ڪناري واري پٽي ۾ آفريڪا کان آيل شيدي ماڻهن جون بستيون هيون. ساڳئي وقت يورپ مان آيل پورچوگيز، انگريز، فرينچ ۽ ڊچ وغيره ۾ سامونڊي چٽاڀيٽي ۽ جهيڙو وڌي رهيو هو. واپار لاءِ بازارون هٿ ڪرڻ لاءِ تن ۾ مقابلو تيز لڳو. اولهه ڪناري وارن ڀاڱن جي گوئا ۽ وسئي ۾ پورچوگيزن اڳ ۾ ئي راڄ قائم ڪري ورتو هو ۽ ڊچ، انگريز، فرينچ واپاري ڪمپنين ذريعي ڪوٺين جي روپ ۾ داخل ٿي چڪا هئا. اهي طاقتون هڪ ٻئي تي نظر رکي، پاڻ کي بچائي وڌ ۾ وڌ وستار جون ڪوششون ڪنديون هيون. انهن جهيڙن-جهڳڙن ڪري وقت ۾ ڊپ وارو ۽ اڻ استر ماحول پيدا ٿي پيو. يورپ جي هنن الڳ الڳ ماڻهن کي سندن وڏين ٽوپين سبب ٽوپيرا چوندا هئا.

شواجيءَ کان اڳ واري مهاراشٽر ۾ ماڻهو، بستيون ۽ راڄ درٻاري انهن وچ ۾ پل جو ڪم ڪندڙ عملدار، بازارون، ڪاريگر، وغيره جو روپ سمجهڻ لاءِ ڳوٺ، ڪسبو ۽ پرڳڻو اهي ڳالهيون سمجهڻيون پونديون. انيڪ ڳوٺ ملائي پرڳڻو ٺهندو هو. پرڳڻي جي مکيه هنڌ کي ڪسبو چوندا هئا. اچو ته هنن جي ٽوري ۾ ڄاڻ وٺون.

**ڳوٺ(موِجا) :** گهڻا ماڻهو ڳوٺن ۾ رهندا هئا. ڳوٺ کي موِجا به چوندا هئا. ڳوٺ جو وڏو 'پاٽيل' هوندو هو. هوُ ڪوشش ڪندو هو ته ڳوٺ جي وڌ ۾ وڌ زمين کيتيءَ لاءِ ڪم آندي وڃي. ڳوٺ ۾ تيل جهيڙي ۽ جهڳڙي کي شانت ڪرڻ جو ڪم پاٽيل ڪندو هو. ڪلڪرٽي هنکي ڪم ۾ مدد ڪندو هو جمع' تيل محصول درج ڪرڻ جو ڪم ڪلڪرٽي ڪندو هو. ڳوٺن ۾ الڳ الڳ ڪاريگر رهندا هئا. سندن ڏنڌا ورثي موجب هلندا رهندا هئا. ڪاريگرن کي پنهنجين شيوائن عيوض ڪڙمين وٽان زرعي پيدائش جو ڪجهه مال ملندو هو، انکي 'بلوُت' چوندا هئا.

**ڪسبو :** ڪسبو هڪ وڏو ڳوٺ هوندو هو. اهو گهڻو ڪري پرڳڻي جو مکي هنڌ هوندو هو. مثال، اندرا پور پرڳڻي جو مکيه هنڌ، اندرا پور ڪسبو، وائي پرڳڻي جو مکيه هنڌ وائي ڪسبو. ڳوٺ وانگر، ڪسبي ۾ به مکيه ڌنڌو کيتي ڪرڻ هو. اتي لوهار، واڍو وغيره ڪاريگر به رهندا هئا. ڪسبي سان گڏ ئي بازار هوندي هئي. شيٽي ۽ مهاجن بازار جو وطندار ي ڪاروبار ڏسندا هئا. هر ڳوٺ ۾ بازار ضروري طور نه هئي، ڳوٺ ۾ بازار وسائڻ جو ڪم شيٽي-مهاجن جو هوندو هو. ان لاءِ کين سرڪار وٽان زمين ۽ ڳوٺ واسين وٽان کي حق ملندا هئا. بازار جو حساب ڪتاب ڏسڻ جو ڪم مهاجن جو هو.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

ويرماتا جيجاٻائيءَ جي آگيا موجب پٽي جي پرسان پاشاڻ وٽ هڪ بازار وسائي وئي. انکي 'جيجا پور' چوندا آهن. مالپورا، کيلپورا، پرسپورا، وٽاپورا اهي به مالوجي، کيلوجي، پرسوجي ۽ وٺوجي جي نالن پٺيان اؤرنگاباد جي پرسان وسايل بازارؤن آهن. کيڙ ويجهو وسايل بازار 'شواپور' شواجي مهاراج جي نالي پٺيان وسائي ويئي.



**اهو ڄاڻي وٺو.**

ٻه کيڙا ( ڳوٺ) الڳ آهن اهو ڏيکارڻ لاءِ ’ٻُدرڪ‘ ۽ ’کُرد‘ نالا استعمال ڪندا هئا. مول ڳوٺ ’ٻُدرڪ‘ ۽ نئون ڳوٺ ’کرد‘ مثال- وڙگانو بدرڪ ۽ وڙگانو کُرد.

**پرڳڻو :** انيڪ ڳوٺ ملي پرڳڻو ٺهندو هو. پرڳڻن ۾ ڳوٺن جو انداز الڳ الڳ ٿي سگهندو هو. جهڙوڪ، پٽي پرڳڻو وڏو هو انهي ۾ ۲۹۰ ڳوٺ هئا. چاڪڻ پرڳڻي ۾ ۶۴ ڳوٺ هئا. شروڙ پرڳڻو ننڍو هو، انهي ۾ ۴۰ ڳوٺ هئا. ديشمک ۽ ديشپانڊي، پرڳڻي جا وطندار عملدار هئا. ديشمک پرڳڻي جي پاٽيلن جو وڏو هوندو هو. جيڪو ڪم ڳوٺ سطع تي پاٽيل جو هو. ساڳيو ڪم پرڳڻا سطع تي ديشمک ڪندو هو. پرڳڻي جي سيني ڪلڪرڻين جو وڏو ديشپانڊي هو. ڳوٺ سطح تي ڪلڪرڻيءَ وارو ڪم پرڳڻا سطع تي ديشپانڊي ڪندو هو. اهي وطنداري عملدار رعيت ۽ سرڪار وچ ۾ ڪڙي هوندا هئا.

پرڳڻي جي ڳوٺ تي حملو ٿيو يا ڏڪار وغيره جي حالت پيدا ٿي ته رعيت جي مشڪلات سرڪار تائين وطندار پهچائيندا هئا. ڪي عملدار پنهنجي اڌڪارن جو غير استعمال ڪري رعيت کان وڌيڪ ڍل جمع ڪندا هئا. ڪڏهن رعيت جي جمع ٿيل رقم سرڪار وٽ دير سان جمع ڪرائيندا هئا. انهي جنتا پيڙهجي هئي.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

وطن عربي لفظ آهي مهاراشٽر ۾ جنهنجو مطلب آهي ورثي ۾ مليل، ڍل مفت زمين.

**ڏڪار:** کيتي برسات جي پاڻيءَ تي مدار رکندي هئي. برسات نہ پوڻ جي حالت ۾ فصل پيدا نہ ٿيندو هو. جنهن سان اناج جا اگهہ وڌي ويندا هئا. ماڻهن کي اناج ڏکيو ملندو هو، جانورن کي چارو نہ ملندو هو. پاڻيءَ جي تنگي ٿي پوندي هئي. ماڻهن جو ڳوٺ ۾ رهڻ مشڪل ٿي پوندو هو. کين لڏ پڏاڻ ڪرڻي پوندي هئي. رعيت لاءِ ڏڪار سڀ کان وڏو سنڪٽ هوندو هو.

مهاراشٽر ۾ ۱۶۳۰ ۾ هڪ وڏو ڏڪار پيو. ماڻهو ڏاڍو پريشان ٿي پيا. کاڌي پيتي جي شين جي اٽاڻ ٿي پيئي. ڦُلڪي ٽڪر لاءِ ماڻهو پاڻکي وڪڻڻ لاءِ تيار ٿي پيا، تہ بہ ڪو خريدار نہ هو. ڪٽنب برباد ٿي ويا جانور مرڻ لڳا، کيتيءَ جو ڌنڌو ختم ٿي ويو. هنر، ڌنڌا ناس ٿي ويا. مالي وهنوار بند ٿي ويا. ماڻهو بيکہ پنڻ جي حالت ۾ اچي ويا. ان حالت کي سنوارڻ هڪ للڪار هئي.

**وارڪري پنٿ جو ڪاريہ:** سماج تي انڌ شرڌا ۽ ساڻن سوڻن جو وڏو اثر هو. ماڻهو ديو- ديوتائن تي پاڙي وهندا هئا. هنن ڪوشش ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي. رعيت جي حالت تمام سقيم هئي. اهڙي حالتن ۾ سماج ۾ همت آڻڻ جو ڪم مهاراشٽر جي وارڪري پنٿ ڪيو.

مهاراشٽر ۾ سنت نامديو، سنت گيانيشور کان شروع ٿيل سنت پرمپرا ۾ سماج جي الڳ الڳ طبقن مان آيل سنت هئا. مثال، سنت چوکاميلا، سنت گوروبا، سنت ساوتا، سنت نرهري، سنت سئنا، سنت شيخ محمود وغيره. سنتن ۾ سنت چوکاباجي جي زال سنت سوئرابائي ۽ ڀيڻ سنت نرملابائي، سنت مکتابائي، سنت جنابائي، سنت ڪانهوپاترا، سنت بهڻابائي سِئورڪر وغيره استري سنت بہ هيون. سنتن جي هلچل جو مرڪز پنڌرپور هو. سنڌن اشٽ ديو وٺل هو. پنڌرپور ۾ چندر ڀاگا نديءَ جي ڪناري سڄي سنت منڊلي وارڪري ڀڳتي ساگر ۾ اسنان

ڪندا هئا. اُتي ڀڄن، کيرتن ۽ پنڊارن وسيلي برابريءَ جو ڦهلاءُ ٿيندو هو.



سنت نامديو

**سنت نامديو:** هي وارڪري پنٿ جا هڪ مهان سنت هئا. هنن ۾ سني سنگتن جو بہ گڻ هو. هو سدا کيرتن ڪار هئا. کيرتن ۾ سيني جاتين جي استري پرشن کي گڏ ڪري هنن ۾ برابري آندي.

नाचू कीर्तनाचे रंगी। ज्ञानदीप लावू जगी।।

اها سندن پرتگيا هئي. هنن مشهور اينگ رچيا. انيڪ سنتن ۽ عام ماڻهن تي سندس سکيا جو اثر ٿيو. پنهنجن ويچارن جي سمجهاڻي لاءِ هو پنجاب تائين ويا. سندن پد 'گرو گرنٿ صاحب' ۾ شامل آهن. هنن ڀاڳوت ڌرم جي سکيا ڳوٺ ڳوٺ تائين پهچائي. هنن پنڍرپور ۾ وٺل جي مهادوار سامهون سنت چوڪاميلا جي سماڌي ٺهرائي، سندن اهو ڪم وسرڻ جهڙو نہ آهي.



سنت گيانيشور

**سنت گيانيشور:** هو وارڪري پنٿ جا مشهور سنت هئا. هنن سنسڪرت گرنٿ 'ڀڳوت گيتا' جو مراٺيءَ ۾ سمجهاڻي ڏيندڙ گرنٿ 'ڀاوارٿ ديپڪا' يعني 'گيانيشوري' لکيو. هنن 'امرتانڀو' گرنٿ بہ لکيو. هنن پنهنجن گرنٿن ۾ اينگن ذريعي ڀڳتي مارگ جي اهميت سمجهائي. هنن اهڙو رستو ٻڌايو جنهن تي عام ماڻهو هلي سگهن. وارڪري پنٿ کي عزت ڏياري. ڏاڍين ڏکين حالتن ۾ زندگي گذارڻ بعد بہ هو شانت رهيا ۽ من ۾ نفرت نہ رکي.

گيانيشوريءَ ۾ لکيل 'پسايدان' اتم سنسڪار پيدا ڪندڙ آهي، سندن ڀائرن سنت نورتي ناٿ ۽ سنت سوپانديو ۽ ڀيڻ مڪتاٻائي جون بہ رچنائون مشهور آهن.



سنت ايڪناٿ

**سنت ايڪناٿ:** هو پڻ هڪ ڀڳتي هلچل جا مهان سنت هئا. سندن لکيل ساهتيہ جهجهو ۽ کيترن قسمن جو آهي. انهن اينگ، گوڙٽي، ڀاروڙي وغيره شامل آهن. سنت ايڪناٿ ڀاڳوت ڌرم کي سؤلي ۽ وستارت نموني پيش ڪيو. ڀاوارت رامايڻ ۾ رامڪٿا نمت لوڪ جيون جو چتر چٽيو آهي. هنن سنسڪرت گرنٿ ڀاڳوت جي ڀڳتي واري ڀاڱي جو مراٺيءَ ۾ مطلب سمجهايو. سندن اينگن ۾ پريم پريل آهي. پرمارٿ حاصل ڪرڻ لاءِ گهر ٻار تياڳڻ جي ضرورت نہ آهي، اهو هنن پنهنجي وهنوار وسيلي ڏيکاريو. هو سچي معنيٰ ۾ لوڪ اڌياپڪ هئا. هو مڃيندا هئا تہ مرهٽي ٻولي ڪنهن بہ ٻوليءَ کان گهٽ نہ آهي.

'संस्कृत वाणी देवे केली। तरी प्राकृत काय चोरापासुनि झाली?'

ائين هوُ سنسڪرت جي پنڊتن کي چوندا هئا. ٻين ڌرمن کان نفرت ڪندڙن تي هنن سخت ٽيڪا ڪئي.



سنت تڪارام

**سنت تڪارام:** هو پڻي ويجهو ديهوُ ڳوٺ جا هئا. سندن رچيل اينگ خوشي ۽ راحت ڏيندڙ آهن. اينگ، ڪويتائن جو عمدو مثال آهن. سنت تڪارام جي رچيل 'گاٿا' مرهٽي ڀاشا جو انمول خزانو آهي. هو دين دکين ۾ ڀڳوان ڏسڻ لاءِ چوندا هئا.

जे का रंजले गांजले त्यांसी म्हणे जो आपुले।
तोचि साधु ओळखावा। देव तेथेचि जाणावा।।

پنهنجي ان سڀاءُ سبب هنن ماڻهن کي ڏنل قرضن جا ڪاغذ، اندرايڻي نديءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيا. ماڻهن جو قرض معاف ڪيو. هنن سماج ۾ ڦهليل ڍونگ ۽ انڌ شرڌا تي سخت ٽيڪا ڪئي. ڀڳتيءَ سان گڏ نيتيءَ تي سندن زور هو. اهو سندن سکيا جو سار هو.

जोडोनिया धन उत्तम व्यवहारे।
उदास विचारे वेच करी।।

سندن سماج ۾ سڄاڳي آڻڻ جي ڪم جو ڪن ماڻهن ورود ڪيو. ڪين اينگه رچڻ جو اڌڪار نه آهي ائين چئجي سندن پوٿيون اندرايڻي نديءَ ۾ وهائي ڇڏيون. سنت سچي ورود کي ڌيرج سان منهن ڏنو.

سنت تڪارام جا شش ۽ سهڪاري الڳ الڳ جاتين جا هئا. جيئن ته ناوجي ماڙي، گونر شيٽ واڻي، سنتاجي جگناڙي، شِوبا ڪاسار، ٻهڻاٻائي سئور ڪر، مهادجي پنت ڪلڪرڻي وغيره. گنگارام پنت مواڙ ۽ سنتاجي جگناڙي، سنت تڪارام جا اينگ لکڻ جو اهميت ڀريو ڪم ڪيو.

**سنتن جو ڪاريه :** سنتن ماڻهن کي برابريءَ جي سکيا ڏني. ڪين انسانيت ڌرم سيکاريو. هڪٻئي سان پيار ڪرڻ ۽ گڏجي رهڻ جي هنن سکيا ڏني. سندن ڪاريه سبب ماڻهن ۾ سڄاڳي آئي. ڌارين جا حملا، ڏڪار ۽ ٻين قدرتي آپدائن کي منهن ڏيئي ڪيئن اڳتي وڌجي اهو سنتن سيکاريو. سنتن جي ڪم سبب ماڻهن ۾ آتم وشواس پيدا ٿيو.

سماج ۾ ڌرم جي بري حالت ٿي وئي هئي. اهڙين حالتن ۾ سنتن اڳيان اچي سماج جو بچاءُ ڪيو. انهن ڌرم جو صحيح روپ سمجهايو. ماڻهن ۾ رهي، سندن سک دک ورهائي، ڀڳتي مارگ جي حمايت ڪرڻ لڳا. ڪن سناتني ماڻهن سندن ورود ڪيو. انهن جو ورود سهن ڪرڻ به سنتن پنهنجو فرض سمجهيو.

तुका म्हणे तोचि संत। सोशी जगाचे आघात।।'

سنت تڪارام مٿين لفظن ۾ سنتن جا اُهڃاڻ ٻڌايا.

پنڊتن جي ڌرم جي ڏکي ڀاشا کي سنتن سؤلي نموني سمجهايو. هنن عام جي ڀاشا ۾ ايشور جي پرارٿنا ڪئي. هنن چيو ته ايشور اڳيان سڀ برابر آهن. هنن سکيا ڏني ته طبقي ۽ جاتيءَ جو اهنڪار پاسيرو ڪري اسانکي هڪٻئي کي 'ايشور جا ٻار' سمجهڻ گهرجي. سيني سنتن جي هڪ خاصيت هئي ته هنن ڀڳتي ڪندي به پنهنجا ڪم ڪار نه ڇڏيا هنن ڪم ۾ ئي ايشور کي پسيو. سنت ساوتا مهاراج چيو،

कांदा मुळा भाजी। अवधी विठाई माझी

اهو بيان پل ڪيتيءَ بابت آهي. پر اهو سنتن جي روزاني ڪم ڪار سان به لاڳو آهي. سنت پنهنجا ڌنڌا، فرض سنڀالي ڀڳتي، اُپديش ۽ ڪوتائون لکندا رهيا. هنن سماج ۾ اخلاقي سمجهه پيدا ڪئي.



**اچو ته پولهه ڪريون**

پنڍرپور واريءَ بابت ڄاڻ هٿ ڪري هيٺين مدن بابت لکو.

- وارڪري واري ڪهڙي مهني ۾ ڪيندا آهن؟
- واريءَ جي رٿا ڪيئن ٺاهيندا آهن؟

**رامداس سوامي:** هو مراٺواڙا جي جانب ڳوٺ جا هئا. هنن ڪسرت جي اهميت سمجهائي.

'मराठा तितुका मेळवावा । महाराष्ट्र धर्म वाढवावा ।'



رامداس سوامي

اهو سندن مشهور جملو آهي. هنن داسبوڌ، ڪروڙا آشتڪي، مناچي شلوڪ انهن گرنٿن ذريعي ماڻهن کي وهنواري تعليم جي سکيا ڏني. لوڪ هلچل ۽ لوڪ سنگٺن جي اهميت سمجهائي. سمرٿ پنٿ استاپن ڪيو. ان پنٿ جو مرڪز چاڦز هو. هن رام ۽ هنومان جي اپاسنا جو ڦهلاءُ ڪيو.

پنهنجا ويچار سمجهائڻ لاءِ هنن خوب رڻن ڪيو.

**غلاميءَ ۾ آزادي جو سپنو :** اسان شواجي کان اڳ واري مهاراشٽر جون سياسي، سماجڪ ۽ سپيتڪ حالتون سمجهون. ان وقت مهاراشٽر عادل شاهي وغيره حڪومتن جي ضابطي ۾ هو. انڪري اهو آزاد نه هو. تنهن هوندي به ڪي ماڻهو آزاديءَ جا سپنا ڏسي رهيا هئا. انهن ۾ سؤراج جو سنڪلپ ڪندڙ شهاجي راجا جو استان سڀ کان پهريان هو.

## اڀياس

**١. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو :**

| | ڳوٺ / مؤجا | ڪسبو | پرڳڻو |
|---|---|---|---|
| ڇاڪي چوندا آهن؟ | ------ | ----- | ------ |
| عملدار | ------ | ----- | ------ |
| مثال | ------ | ----- | ------ |

**٢. معنيٰ لکو :**

(١) ٻُدرڪ -

(٢) بلوت -

(٣) وطن -

**٣. ڳولهي لکو :**

(١) ڪونڪڻ ڪناري پٽيءَ ۾ آفريڪا کان آيل ماڻهوُ

(٢) امرتانيو گرنٿ جو لکندڙ -

(٣) سنت تڪارام جو ڳوٺ -

(۴) پاروڙي لکندڙ -

(۵) ڪسرت جي اهميت ٻڌائيندڙ -

(٦) استري سنتن جا نالا -

**۴. پنهنجن لفظن ۾ جاڻ لکو :**

(١) سنت نامديو (٢) سنت گيانيشور

(٣) سنت ايڪناٿ (۴) سنت تڪارام

**۵. ڏڪار رعيت لاءِ وڏو سنڪٽ ڇو هو؟**

**مشغولي**

(١) وارڪرين جي ياترا کي توهان ڪيئن مدد ڪندا رتا ناهيو؟

(٢) الڳ الڳ سنتن جو ويس ڌاري، سندن ڪوتائون پيش ڪريو.



# ٥. سؤراج جي اسٿاپنا

سترهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ مهاراشٽر ۾ نئين يگ جي رچيندڙ ڇترپتي شواجي مهاراج جو جنم ٿيو. هنن انيائي طاقتن کي للڪاري سؤراج اسٿاپن ڪيو. سندن جنم شڪي ١٥٥١، ڦڳڻ جي سهائي ٽيج يعنيٰ ١٩ فيبروري، ١٦٣٠ ڏينهن پڻي ضلعي جي جنر ويجهو شونيري قلعي ۾ ٿيو. هنن جي ڪيل سؤراج اسٿاپنا جي ڪم جي ڄاڻ اسان هن باب ۾ حاصل ڪنداسين.

**شهاجي راجا:** شواجي مهاراج جو پتا شهاجي راجا ڏکڻ ۾ هڪ سوروير سردار هو. مغلن نظام شاهي ڪٽڻ لاءِ لڙائي شروع ڪئي. ان لڙائي ۾ بيجاپور جي عادل شاهه مغلن کي سهڪار ڪيو. مغل ڏکڻ ۾ راڄ نہ چمائن اها شهاجي راجا جي اڇا هئي. هنن مغلن جو سخت مقابلو ڪري نظام


شهاجي راجا

شاهيءَ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر مغلن ۽ عادل شاهي طاقت اڳيان هو سٽ جهلي نہ سگهيو. ١٦٣٦ ۾ نظام شاهي شڪست کائي ختم ٿي ويئي.

نظام شاهيءَ ختم ٿيڻ بعد شهاجي راجا عادل شاهيءَ ۾ سردار ٿيو. شهاجي کي اڳ۾ مليل جاگير جا پيما ۽ نيرا ندين جي وچ وارا پرڳڻا پڻي، سپي، انداپور ۽ چاڪڻ، عادلشاهہ هنن وٽ قائم رکيا. عادلشاهہ وٽان شهاجي راجا کي ڪرناٽڪ ۾ بئنگلور ۽ انجي آس پاس واري ايراضي بہ جاگير طؤر ملي.

شهاجي راجا بهادر، ڌيرج وان، ٻڌيوان ۽ مهان سياستدان هئا. هو تلوار، پٽو ۽ ڀالو هلائڻ ۾ ماهر هئا. عام جنتا سان هنجو گهرو پيار هو. مهاراشٽر، ڪرناٽڪ، تامل ناڊ جون ڪيترين ئي ايراضيون شهاجيءَ ڪٽي ورتيون هيون. ڏکڻ ڀارت ۾ سندن ڌاڪو هو.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

جاگير : جاگير مطلب خاص ايراضيءَ جي محصول واپرائڻ جو حق. حاڪمن جي سردارن کي روڪ رقم ۾ پگهار نہ ملندي ان جيتري رقم محصول مان ملندي هئي. ان محصول جي ايراضيءَ کي جاگير چئبو آهي.

شواجي مهاراج ۽ جيجاٻائي جڏهن بئنگلورُو۾ هئا تڏهن هنن، شواجي کي راجا بڻائڻ لاءِ اُتم تعليم جو بندوبست ڪيو هو. ڌارين جي ستا اُٿلائي سؤراج اسٿاپنا ڪجي، اها سندن دلي مراد هئي. تنهن ڪري ڪين سؤراج جو سنڪلپ ڪندڙ چيو ويو آهي. هنن شواجي ۽ جيجاٻائيءَ کي وشواسو ۽ قابل سهڪارين سان گڏ بئنگلورُو مان پڻي موڪليو.

**ويرماتا جيجاٻائي:** جيجاٻائي ٻُلڍاڻا ضلع جي سندکيڙ راجا جي بهادر سردار لکوجيراو جاڌو جي ڌيءُ هئي. ڪين ننڍپڻ کان ئي ٻين سکيائن سان گڏ لشڪري سکيا بہ ملي. شهاجي مهاراج جو سؤراج اسٿاپن ڪرڻ جو سپنو سچ ٿئي ان لاءِ هوءَ ڪين همٿ ۽ مدد ڏيڻ جو ڪم ڪندي هئي. جيجاٻئي بهادر ۽ دورانديش سياستدان هئي. سؤراج اسٿاپن ڪرڻ۾ هنن شواجي کي هميشهہ راهہ ڏيکاري. رعيت جون تڪليفون حل ڪرڻ لاءِ هو ڪڏهن فيصلا ڏيڻ جو ڪاريہ بہ ڪندي هئي. شواجيءَ کي سني



ويرماتا جيجابائي

تعليم ڏيڻ ڏانهن سندن ڌيان هوندو هو. هنن شواجي راجا ۾ سچائي، چريتر، ڳالهائڻ جي ڪلا، خبرداري، ڌيرج، بي ڊپائي، هٿيار هلائڻ، ڪٽڻ جي ياونا، سوَراج جي چاهنا وغيره گڻ پريا.

**شواجي راجا جا سهڪاري :** شواجي مهاراج سوَراج استاپنا جي ڪاريہ جي شروعات ماول ڀاڱي ۾ ڪئي. ماول هاٽوڪي پٽي ضلعي جو اولهہ ۾ ڏکڻ اولهہ وارو ڀاڱو آهي. ماول ڀاڱو جابلو، ماٿرين وارو ۽ ڏکيو آهي، ماول جي انهن جاگرافيڪل حالتن جو شواجي مهاراج سوَراج استاپنا جي ڪم ۾ بخوبي استعمال ڪيو. هنن ماڻهن جي من ۾ پنهنجائپ ۽ وشواس جي ڀاونا پيدا ڪئي، سوَراج استاپنا جي ڪم ۾ ڪين سنا ساٿي - سهڪاري مليا. ييسا جي ڪنڪ، باجي پاسلڪر، باپوجي مدگل، نرهيڪر ديشپانڊي بنڌو، ڪاوجي ڪونداڙڪر، جوا مهالا، تاناجي مالوسري، ڪانهوجي جيڌي باجي پربو، ديشپانڊي، داداجي نرسپربو ديشپانڊي سندن ڪن ساٿين جا نالا آهن. انهن جي ساٿ سان هنن سوَراج استاپنا جو ڪاريہ هٿ ۾ ڪنيو.

**ڪري ڏسو.**

جوا مهلا، تاناجي مالوُسري، باجي پربو ديشپانڊي انهن بابت وڌيڪ ڄاڻ هٿ ڪريو.





راڄمُهر

**راڄ مُهر :** شواجي مهاراج جي سوَراج استاپنا جو مقصد سندن راڄ مُهر مان ظاهر ٿئي ٿو. راڄ مُهر تي سنسڪرت ۾ هيٺيون سٽون اڪريل آهن.

प्रतिपच्चंद्रलेखेव वर्धिष्णुर्विश्ववंदिता।
शाहसूनोः शिवस्यैषा मुद्रा भद्राय राजते।।

معني : شهاجيءَ جي پٽ شواجي جي شڪل پڪہ جي ايڪم جي چنڊ وانگر وڌندڙ ۽ جنهن کي سڄي دنيا مڃيو آهي اهڙيءَ هيءَ مُهر رعيت جي ڪلياڻ لاءِ راڄ ڪندي.

مُهر تي انهن وچنن جي گهڻي اهميت آهي. مهاراج انهن لفظن ذريعي پنا لاءِ آدر، سوَراج هميشه اڳتي وڌندو اهو وشواس، مُهر کي يعني سوَراج کي سڀني جو آدر ملڻ جو

**ڌيان ۾ رکو.**

ٻارهان ماول: (١) پَوَڻ ماول (٢) هِرڙس ماول (٣) گنجڻ ماول (٤) پوڙ ماٿري (٥) ويڙوبڊ ماٿري (٦) ڪاند ماٿري (٧) اندر ماول (٨) ناٽي ماول (٩) ڪوربارسي ماول (١٠) مُٺي ماٿري (١١) مُسي ماٿري (١٢) روهڙ ماٿري.

شواجي مهاراج جي پٽي جاگير جي سهيادري ڀاڱي ۾ ٻارهان ماٿريون آهن انکي ئي ٻارهان ماول چوندا آهن.

آزمودو، رعيت جو ڀلو ڪرڻ جو واعدو ۽ پنهنجي زمين تي آزاد نموني ڪاروبار هلائڻ جو وشواس اهي سڀ ڳالهيون ظاهر ڪيون آهن. گهٽ لفظن ۾ ئي سوراج جو سار آهي.

**ڄاڻ حاصل ڪيون**

- اسانجي ديش جي راڄ مهر جاچيو.
- توهانکي ڪهڙيون ڳالهيون نظر اچن ٿيون؟
- راڄ مهر جو استعمال ڪٿي ٿيندو آهي؟

**سوراج استاپنا جي هلچل :** شواجي مهاراج جي جاگير جا قلعا شواجي مهاراج جي ضابطي ۾ نه پر عادل شاهيءَ جي قبضي ۾ هئا. ان وقت قلعن کي وڏي اهميت هوندي هئي. قلعو هٿ ۾ هئڻ سان آسپاس جي ايراضيءَ تي ضابطو رکي سگهبو هو. 'جنهن جو قلعو انجو راڄ' اهڙي حالت هئي. مهاراج پنهنجي جاگير جا قلعا، هٿ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. قلعا هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ معنيٰ عادل شاهي ستا کي للڪارڻ هو. مهاراج تورڻا، مرمبديو، ڪونڍاڻا، پرندر قلعا قبضي ۾ ڪيا ۽ سوراج جي مهورت جي شروعات ڪئي، مرمبديو قلعي جي مرمت ڪري انجو نالو 'راڄڳڙهه' رکيو. راڄڳڙهه سوراج جي پهرين راڄڌاني هئي.



قلعو راڄڳڙهه - پالي دروازو

عادل شاهيءَ ۾ جاوليءَ جو موري، مڌول جو گهوڙپڙي ۽ ساونت واڙيءَ جو ساونت وغيرهه سردار هئا. هو سوراج استاپنا جي ڪاريه جي خلاف هئا. انهن سردارن جو بندوبست ڪرڻ سوراج لاءِ ضروري هو.

**جاوليءَ جو قبضو:** ستارا ضلعي جي جاوليءَ ۾ چندرراو موري، عادلشاهيءَ جو وڏو سردار هو. سوراج استاپنا جي ڪم کي هن ورود ڪيو. ١٦٥٦ع ۾ شواجي مهاراج اُتي چڙهائي ڪري جاوليءَ جو ڀاڱو ڪٽي ورتو. اتي پنهنجا ماڻهو رکيا. پوءِ رائيڳڙهه به ڪٽي ورتو. جاوليءَ جي بيشمار دولت مهاراج کي هٿ لڳي. ان سوپ ڪري مهاراج جي ڪونڪڻ ۾ هلچل وڌي. هنن جاولي جي ماٿري ۾ پرتاب ڳڙهه قلعو اڏايو. انهن سوين سبب مهاراج جي هر قسم جي طاقت وڌي.

ان ڪانپوءِ شواجي مهاراج ڪلياڻ ۽ ڀونڊي ايراضيون ڪٽي ورتيون. ان سان مهاراج جو واسطو اولهه ڪناري پٽيءَ تي شيدي، پورچوگيز ۽ انگريز انهن طاقتن سان آيو. انهن طاقتن سان لڙائي ڪرڻ لاءِ مضبوط آرماڙ کڙي ڪجي، اهو مهاراج سوچيو. انڪري هنن آرماڙ کڙي ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڏنو.

**اَفضل خان کي متائڻ :** شواجي مهاراج پنهنجي جاگير ۽ آس پاس جي ايراضي جا قلعا جيتڻ جي شروعات ڪئي. جاوليءَ جي موري جو ورود متائي ڇڏيو هو. ڪونڪڻ ڪناري پٽيءَ ۾ سوراج استاپنا جي ڪاريه ۾ رفتار آئي، اهي سڀ ڳالهيون عادلشاهه لاءِ للڪار هيون. ان وقت عادلشاهيءَ جو ڪاروبار بڙي صاحبان سنڀاليندي هئي. هن محسوس ڪيو ته شواجي مهاراج جو بندوبست ڪجي. ان ڪري عادل شاهيءَ جي سگهاري ۽ آزمودگار سردار افضل خان کي شواجيءَ تي حملو ڪرڻ لاءِ چيو.

افضل خان بيجاپور مان وائيءَ ۾ آيو. هنکي وائي پرانت جي سني ڄاڻ هئي. وائيءَ وٽ پرتاب ڳڙهه قلعي جي ترائي ۾ شواجي مهاراج ۽ افضل خان جي ملاقات ١٠ نومبر، ١٦٥٩ تي ٿي. ملاقات ۾ افضل خان شواجي مهاراج کي فريب سان مارڻ جي ڪوشش ڪئي. انڪري شواجي مهاراج هنکي ماري وڌو ۽ عادل شاهي لشڪر کي شڪست ڏني. افضل خان جي خاتمي کان پوءِ لڙائيءَ ۾ زخمي سپاهين جي مدد ڪئي. لڙائي ۾ جوهر ڏيکاريندڙ سپاهين کي انعام ڏنو. افضل خان جي لشڪر جا جيکي عملدار ۽ سپاهي، مهاراج جي هٿ لڳا، انهن سان سٺو وهنوار ڪيو.

**شيدي جوهر جي چڙهائي :** افضل خان جي خاتمي کانپوءِ مهاراج عادل شاهي جا وسنت ڳڙهه، پنهالا ۽ کيڙنا قلعا هٿ ڪري ورتا. کيڙنا قلعي کي هنن 'وشال ڳڙهه' نالو ڏنو. مهاراج جو بندوبست ڪرڻ لاءِ عادل شاهه ١٦٦٠ع ۾ ڪرنل پرانت جي سردار شيدي جوهر کي مهاراج تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ چيو، هنکي سلامت خان لقب ڏنو. شيدي جوهر جي مدد لاءِ رستم-اي-زمان باجي گهورپڙي ۽ افضل خان جو پٽ فاضل خان به هئا. ان حالت ۾ شواجي مهاراج پنهالا قلعي ۾ اڇي رهيو. لڳ ڀڳ پنج مهنا شيدي جي سئنڪن پنهالا قلعي کي گهيرو ڪيو. گهيري مان ٻاهر نڪرڻ مهاراج لاءِ ڏکيو ٿي پيو هو. نيتوجي پالڪر ٻاهران شيدي جي لشڪر تي حملو ڪري گهيرو ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٿورو لشڪر هئڻ سبب هنجون ڪوششون ڪامياب نه ٿيون. شيدي جي گهيرو ڇڏڻ جا آثار نظر نٿي آيا. تنهن ڪري مهاراج شيدي سان گفتار شروع ڪئي. ان سبب شيدي گهيري ۾ ڍرائي آندي. مهاراج کي ان موقعي جو فائدو ٿيو.

انهن حالتن ۾ قلعي تي شِوا ڪاشد نالي بهادر جوان اڳيان آيو. هوُ ڏسڻ ۾ شواجي مهاراج وانگر هو. مهاراج جو ويس ڌاري هوُ پالڪيءَ ۾ ويٺو. پالڪي مکيه دروازي کان ٻاهر نڪتي شيديءَ جي سئنڪن اها پڪڙي. حالتوُن نازڪ هيوُن. شِوا ڪاشد ان وقت سوُراج لاءِ پنهنجي جان قربان ڪئي. ان جوان کي شيديءَ ماري ڇڏيو. شواجي مهاراج ڏکڻ رستي تان ٻاهر نڪتا. هنن سان گڏ باجي پربو ديشپانڊي ۽ باندل ديشمکه سان گڏ چوُنڊ سئنڪ هئا. شواجي مهاراج پنهالا جي گهيري مان ٻاهر نڪري وشال ڳڙهه ڏانهن نڪتو. ان جي ڄاڻ شيديءَ کي پئي. هنجي لشڪر شواجي جو پيڇو ڪيو. مهاراج شيديءَ جي لشڪر کي وشال ڳڙهه جي ترائيءَ ۾ روڪڻ جي جوابداري باجي پربو ديشپانڊي کي سونپي. باجي پربو، ان لشڪر کي گهوڙ کِڏَ ۾ روڪيو. باجي پربو ڪمال جي ويرتا ڏيکاري پر ان ويڙهه ۾ هو شهيد ٿي ويو. باجي پربو جي لشڪر، شيديءَ جي لشڪر کي روڪي بيهاريو، ان ڪري مهاراج وشال ڳڙهه پهچي سگهيو. وشال ڳڙه ڏانهن ويندي هنن، پالون جي دڙوي ۽ شرنگارپور جي سُروي انهن عادل شاهي سردارن جي ورود کي به هٽائي ڇڏيو. مهاراج سکه سان وڃي وشال ڳڙهه پهتو.

مهاراج پنهالا ڳڙه جي گهيري ۾ ڦاٿل ئي هو ته دهليءَ جي تخت تي ويٺل اورنگزيب مغل سردار شائست خان کي ڏکڻ ڏانهن موڪليو. هن پٽي پرانت تي حملو ڪيو. ان وقت شواجي مهاراج جي عادل شاهي سان ويڙهه چالو هئي. ٻن دشمن سان ساڳئي وقت لڙائي ڪرڻ سني ڳالهه نه آهي، اهو مهاراج سوچيو. انڪري وشال ڳڙهه پهچي مهاراج عادل شاهه سان ٺاهه ڪيو. ان ٺاهه موجب ڪين پنهالا قلعو موٽائڻو پيو. اتي شواجي مهاراج جي سوُراج استاپنا جو هڪ ڏاڪو پورو ٿيو.



## اپياس

۱. گروهہ ۾ اٿنهڪندڙ لفظ ڳولهيو :

(۱) پٽي سُپي، چاڪڻ، بنگلوُروُ

(۲) ڦلتڻ جو جاڏو، جاولي ۽ جو موري، مُڏول جو گهورپڙي، ساونت واڙي ۽ جو ساونت.

(۳) تورڻا، مُرمب ديو، سنگهہ ڳڙهہ، سنڌوُدرگ.

۲. اچو تہ لکوُن :

(۱) شواجي مهاراج ۾ ويرماتا جيجابائي ۽ جا پريل گڻ، سنسڪار لکو.

(۲) شواجي مهاراج سؤراج استاپنا جي شروعات ماول علائقي کان ڪئي.

۳. شواجي مهاراج جي ساٿين ۽ سهڪارين جي يادداشت ٺاهيو.

۴. ڳولهيو ۽ لکو :

(۱) شهاجي راجا کي سؤراج جو سنڪلپ ڪندڙ چو چوندا آهن؟

(۲) شواجي مهاراج آرماڙ کڙي ڪرڻ ڏانهن ڌيان چو ڏنو؟

(۳) شواجي مهاراج عادل شاهہ سان ٺاهہ چو ڪيو؟

(۴) شواجي مهاراج پنهالا ڳڙهہ مان ڪيئن نڪري آيا؟

### مشغولي

(۱) توهانجي ڏنل ڪنهن قلعي جو بيان ڪريو. اِتهاسڪ عمارتن جي جتن لاءِ اُپاوَ ٻڌايو.

(۲) ڪيتي ۽ جو ست - ٻارهن (۲/۱۲) جو اُتارو حاصل ڪري باب جي لفظن جو لاڳاپو سمجهو.



قلعو پنهالا -ٽي دروازا

هن وقت تائين شواجي مهاراج ڪاميابيءَ سان مغلن سان جنگ جوٽيندو رهيو پر سوراج جو وستار ڪرڻ لاءِ مغلن سان لڙائي اٽڪر هئي. سوراج جو وستار شروع ٿيندي ئي، انتي مغلن جو سنڪٽ اچي ڪڙو ٿيو. مهاراج ان سنڪٽ تي به مات ڪئي. مغلن کان پنهنجا قلعا ۽ پرڳڻا واپس ورتائين. پنهنجي تاجپوشي به ڪري ورتي، ڏکڻ جي هلچل جو ڪم هٿ ۾ ڪنيائين. انهن سڀني ڳالهين جي ڄاڻ اسان هن باب ۾ حاصل ڪنداسين.

**شائستخان جي چڙهائي :** فيبروري، ١٦٦٠ ۾ شائستخان احمدنگر کان پٽي پرڳڻي ۾ آيو. هن آس پاس جي ڀاڱن ۾ مغل سپاهين کي موڪلي سوراج جي ايراضين کي گهڻو نقصان پهچايو. چاڪڻ جي قلعي کي گهيرو ڪيو. چاڪڻ قلعي جي قلعيدار فرنگوجي نرساڙا، مغلن جي سٽنا جو سخت مقابلو ڪيو. آخر مغلن قلعو کٽي ورتو.

شواجي مهاراج جتي ننڍپڻ گذاريو، پٽي جي ان لال محل ۾ شائستخان داپو ڪري ويٺو هو. هنجي سپاهين آس پاس جي علائقن جي لٽمار ذاري رکي. پر سالن کانپوءِ به هنجي پٽي ڇڏڻ جا آثار نظر نٿي آيا. انهيءَ جو اثر رعيت جي صبر تي ٿيڻ سڀاويڪ هو. اهڙي حالت ۾ شواجي مهاراج هڪ جُريت ڀري رٿ تيار ڪئي.

شِواجي مهاراج پنهنجي اڳوانيءَ ۾ لعل محل تي ڳجهو ڇاپو هڻڻ جي رٿا ٺاهي. ٥ اپريل، ١٦٦٣ ڏينهن شواجي مهاراج لعل معل تي چونڊ سپاهين سان گڏ ڇاپو هنيو. ان ڇاپيماريءَ ۾ شائستخان جون آڱريون ڪپجي پيون، هنجي عزت گهٽي. هن پٽي ڇڏيو ۽ اؤرنگاباد وڃي رهيو. ان ڳالهه سبب اورنگزيب هن سان ناراض ٿيو. اورنگزيب هنکي بنگال صوبي ڏانهن موڪليو. شائستخان تي ٿيل ان ڪامياب حملي جو اثر ماڻهن تي به ٿيو. شواجي مهاراج جي فرض ادائيءَ ۾ ماڻهن جو وشواس وڌيڪ پختو ٿيو.



**پڙهايو ڏسان:**

سورت شهر جو دؤرو ڪرڻو آهي. توهان اتي ڪيئن ويندا. نقشي وسيلي ڏيکاريو.

- شواجي مهاراج سُورت ڪيئن ويا هوندا ان بابت سوچيو.

**سورت تي حملو :** شائستخان تن سالن جي عرصي ۾ سوراج جا ڪيترائي ڀاڱا اُجڙ ڪري ڇڏيا هئا. اهو نقصان ڇڪائڻو هو. ان لاءِ شواجي مهاراج مغلن کي سبق سيکارڻ جي هڪ رٿا ٺاهي. سورت شهر مغلن جي قبضي ۾ هڪ وڏو واپاري مرڪز ۽ بندر هو. اتي انگريزن ۽ ڊچن جون واپاري ڪوٺيون هيون. هن شهر مان اورنگزيب کي وڏ ۾ وڏ محصول ملندو هو. اهو مالي لحاظ کان ڀريو ڀاڳيو شهر هو. انڪري مهاراج سورت تي حملو ڪيو. سورت جو صوبيدار عنايت خان مهاراج جي حملي جو مقابلو نه ڪري سگهيو. عام ماڻهن کي بنا تڪليف جي مهاراج سورت مان بيشمار دؤلت حاصل ڪئي. هنن جي ڪاهه ڪامياب ٿي. ان سان اورنگزيب بادشاهه جي عزت کي ڌڪ لڳو.

**جئسنگهه جي چڙهائي :** شواجي مهاراج جي وڌندڙ زور کي متائڻ لاءِ اورنگزيب مرزا راجا جئسنگهه نالي پنهنجي آزمودگار ۽ معتبر

راجپوت سردار کي موڪليو. هو پٽي ۾ آيو. هن مهاراج جي خلاف سيني طاقتن کي گڏ ڪرڻ جون ڪوششون شروع ڪيون. هن گوئا ۾ وسئي جي پورچوگيزن، وينگرلا جي ڊچن، سورت جي انگريزن، جنجيرا جي شيدين کي مهاراج خلاف آرماڙ جي حملي جي صلاح ڏني.

هن شواجي مهاراج جا قلعا فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هنجي لشڪر سوراج جي ڀاڱي جو وڏو نقصان ڪيو. مهاراج مغلن جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مرزا راجا جئسنگهه ۽ دليرخان پرندر جي قلعي جو گهيرو ڪيو. پرندر جي گهيري وقت مرارباجي ديشپانڊي بيحد ويرتا ڏيکاري پر هو شهيد ٿي ويو. حالت جي نزاڪت کي ڏسي مهاراج جئسنگهه سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن جئسنگهه سان ملاقات ڪئي. جئسنگهه ۽ مهاراج وچ ۾ جون، ١٦٦٥ ۾ ٺاهه ٿيو. ان ٺاهه کي پرندر جو عهدنامو ڪري ڄاتو وڃي ٿو. ان عهدنامي موجب مهاراج مغلن کي ٽيويهه قلعا ۽ انهن جي پسگردائي ۾ ساليانو چار لک هون آمدني وارا پرڳڻا ڏنا. عادل شاهي ۽ خلاف مغلن کي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو. ان عهدنامي کي اورنگزيب منظوري ڏني.



**ڄاڻ حاصل ڪريو.**

شواجي مهاراج آگري ۾ اؤرنگزيب جي نظرقيد مان ڪيئن ڇٽيا ان جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

**آگري ۾ ملاقات ۽ ڇٽڻ :** پرندر جي ٺاهه ڪانپوءِ جئسنگهه عادلشاهي خلاف هلچل شروع ڪئي. مهاراج جئسنگهه کي مدد ڪئي. تنهن هوندي به جئسنگهه کي ڪاميابي نه ملي. جئسنگهه ۽ اورنگزيب بادشاهه ويچار ڪيو ته ڪجهه وقت لاءِ شواجي مهاراج کي ڏکڻ جي راج ڪاروبار کان پري رکجي. جئسنگهه رايو ڏنو ته مهاراج بادشاهه سان ملاقات ڪرڻ لاءِ وڃي. هنن جي بچاءُ جي ذميداري پاڻ تي ڪنئين. شواجي مهاراج آگري لاءِ روانو ٿيو. هنن سان گڏ راجڪمار سمڀاجي ۽ وشواسو هر ڳالهه لاءِ تيار ڪجهه سهڪاري به هئا.

مهاراج آگري پهتو، اورنگزيب دربار ۾ هنن جو مناسب مان نه رکيو. مهاراج غصو ظاهر ڪيو. اورنگزيب هنن کي نظربند ڪيو. بادشاهه جي هن ڪم کان نه گهٻرائي مهاراج نظربندي ۽ مان ڇٽڻ جي سِٽ سٽي. هو آگري مان چالاڪي ۽ سان نڪري آيا ۽ ڪُجهه ڏينهن ڪانپوءِ سک سان اچي مهاراشٽرا پهتو.

آگري کان موٽندي هنن سمڀاجي مهاراج کي متٿرا ۾ رهايو. پوءِ ڪين سک سان راجڳڙهه ۾ گهرايو ويو. مهاراج جي غير موجودگي ۾ سوراج جو ڪاروبار ويرماتا جيجاٻائي ۽ مهاراج جي ساٿين سنڀاليو.

**مغلن خلاف حملي جي تياري :** مهاراج کي يڪدم مغلن سان لڙائي نه ڪرڻي هئي. پر سندن مقصد پرندر جي ٺاهه ۾ مغلن کي ڏنل قلعا ۽ پرڳڻا واپس وٺڻ جو هو. تنهن لاءِ هنن وڏي ۽ بهادري ڀري رٿ تيار ڪئي. هڪ طرف الڳ الڳ قلعن تي پوري تياري سان لشڪر موڪلي قلعا فتح ڪرڻ ۽ ٻئي طرف مغلن جي قبضي ۾ هوندڙ ايراضين تي حملو ڪري انهن کي مونجهاري ۾ وجهڻ جي رٿا هئي. مهاراج احمدنگر ۽ جُنر علائقن تي حملا ڪيا. ان ڪانپوءِ هڪ ٻئي پٺيان سنهه ڳڙهه، پرندر، لوهه ڳڙهه، ماهولي ڪرنالا ۽ روهڙا قلعا ڪٽي ورتا.

ان ڪانپوءِ شواجي مهاراج ٻيهر سورت تي چڙهائي ڪئي. اُتان موٽندي هنن جي مغلن سان ناسڪ ضلعي جي وڻي-دِنڊوري ۽ وٽ وڏي لڙائي لڳي. ان لڙائي ۾ هنن مغلن جي سردار دائودخان کي شڪست ڏني. تنهن ڪانپوءِ موروپنت پنگلي ناسڪ ويجهو ترمبڪ ڳڙهه ڪٽي ورتو.

اهڙيءَ طرح مهاراج کي مغلن خلاف لڙائي ۾ جس مليو. ان لڙائي ۾ تاناجي مالوسري، موروپنت پنگلي، پرتاب راو گجر وغيره سردارن زبردست ويرتا ڏيکاري. ان لڙائي جو ورڻن ڪرشناجي اننت سڀاسد نالي بکرلکندڙ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي - 'چئن مهنن ۾ ستاويهه قلعا ورتائين، خوب نالو ڪڍايائين.

راج تلڪ ذريعي مهاراج سؤراج جو چترپتي بڻيو. خودمختياريءَ جي يادگيريءَ طور 'راج تلڪ شڪ' نئون سنبت شروع ڪيو ويو. مهاراج شڪ ڪرتا ٿيو. راج تلڪ جي موقعي تي هنن سون جون 'هون' ۽ ٽامي جا 'شورائي' سڪا



## چترپتي شواجي مهاراج

**راج تلڪ (تاجپوشي) :** ساندهه ٽيهن سالن جي اٿڪ محنت ڪانپوءِ مرهٽن جو سوراج وجود ۾ آيو هو. سؤراج جو وجود آزاد ۽ خودمختيار آهي. اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ سؤراج کي دستوري مڃتا ملڻ ضروري آهي. اهو مهاراج سوچيو، تنهن لاءِ نيم انوسار تاجپوشي ڪرڻ ضروري هو. ٦ جون، ١٦٧٤ ڏينهن ودوان پنڊت گاگابٽ مهاراج جي تاجپوشي ڪئي

ڪڍايا. انهن سڪن تي 'شري راجا شوچترپتي' اکر اُڪرايا ويا. تنهن ڪانپوءِ شاهي فرمانن تي 'ڪتري ڪُلونت شري راجا شو چترپتي' جو ورنن ٿيڻ لڳو. راج تلڪ ڪانپوءِ هنن فارسي لفظن جي سنسڪرت معني ڏيندڙ لُغت ٺهرائي. انکي 'راج وهنوارڪوش' چوندا آهن.



رائيگڙهه قلعو

### ياد ڪريو ...

نئين ڪئلينڊر (سنبت) جي شروعات ڪهڙي پارتي راجا ڪئي؟

### ياد ڪريو

راڄ وهنوار ڪوش جا ڪجهه لفظ ذڪر لائق آهن. مثال-

خطاب-پدوي، فرمان-راڄپتر، ضامن- پرتيڀوتي، حالي-هاڻي، ماضي-اڳيون، فلحال-جلد، واهه واهه-سٺو، وقوف-عقل، بي وقوف-بي عقل، دستپوشي-هٿ جو چهاءُ، ملاقات-درشن، قدم پوشي-پير جو چهاءُ، جهوٽ-ڪوڙ، قوّل ناموـمعافي، فتح-جيت، فرياد-انياءَ جو عرض، شليدار-گهوڙي سان گڏ فوّج ۾ نوڪري ڪندڙ.

وچولي زماني جي اتهاس ۾شواجي مهاراج جي تاجپوشي هڪ انقلابي واقعو هو. انهيءَ واقعي جي اهميت ٻڌائيندي سياسد چوي ٿو، ”مرهٽي ڇترپتي بادشاهه جيترو ٿيو، اها معمولي ڳالهه نه آهي.“

انڪانپوءِ ڪجهه وقت اندر يعني ٢۴ سپٽيمبر ١٦٧۴ تي مهاراج نشچل پُري گوساوي جي رهبريءَ ۾تنتر طريقي موجب تاجپوشي ڪرائي. پارت ۾ويدڪ ۽ تنتر وارا ٻه ڌرمي طريقا موجود هئا. مهاراج انهن جو آدر ڪري ٻنهي طريقن سان تاجپوشي ڪرائي.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

راڄڪمار سمڀاجي، شواجي مهاراج جي تاجپوشيءَ وقت ١٧ سالن جو هو. هن ’ٻڌ پوشڻ‘ گرنٿ ۾ تاجپوشي جي ڪاريه ڪرم جو ورنن ڪيو آهي، اهو سندن آزمودي تي لکيل آهي.

ڇترپتي شواجي مهاراج جي تاجپوشي اُتسو ۾ جدا جدا پرڳڻن ڪان جيڪي مهان ودوان آيا هئا ڪين بنا ماپي توري خوب دؤلت ۽ وڳا، هاٿي، گهوڙا وغيره دان ڏيئي خوش ڪيو ويو.

اهڙي نموني ڇترپتي شواجي مهاراج پنهنجو نالو هر طرف ڦهلايو.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

شواجي مهاراج جي تاجپوشي لاءِ قيمتي ۽ شاندار سنگهاسن ٺهرايو ويو. انجي اٺن ئي پاسن ڪان رتن جڙيل اَٺ پايا هئا. ٻٽيهه مڻ سون جو اهو سنگهاسن رتنن سان جڙيل هو.

- ’مڻ‘ ايڪو حسابن جي ماستر ڪان سمجهو.

ڏکڻ تي چڙهائي : تاجپوشيءَ ڪان اٽڪل ٽي سال پوءِ آڪٽوبر ١٦٧٧ ۾ مهاراج

ڏکڻ تي چڙهائي جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. گول ڪنڊا جي قطب شاهہ سان ملاقات ڪيائين. هن سان دوستي جو عهدنامو ڪيو. پوءِ مهاراج ڪرناٽڪ جا بنگلورُو ، هوس ڪوٽي ۽ تامل ناڊوءَ جا جنجي، ويلور قلعا ۽ عادل شاهيءَ جا ڪجهہ ڀاڱا جيتي ورتا. سندن لشڪر اُتان جي پرجا کي ڪا بہ تڪليف نہ ڏني. جيتيل علائقن جو ڪاروبار ڏسڻ لاءِ نارائڻ هڻمنتي کي مکيہ ڪاروباري مقرر ڪيو.

شواجي مهاراج جو ماٽيلو ڀاءُ هاڻوڪي تاملناڊوءَ جي تنجاور ۾ راڄ ڪندو هو. هن کي بہ پنهنجي سوَراج ۾ شامل ڪرڻ جي مهاراج ڪوشش ڪئي. وينڪوجي راجا ڪانپوءِ تنجاور جي راجا علم ۽ ڪلا جو جتن ڪيو. اُتان جو 'سرسوتي محل' مشهوُر آهي.

ڏکڻ جي چڙهائي ۾ تامل ناڊو جي جنجي جو قلعو ڪٽي سوَراج ۾ ملائڻ کي ايندڙ وقت ۾ گهڻي اهميت حاصل ٿي. مغل بادشاهہ اورنگزيب سوَراج کي ختم ڪرڻ لاءِ مهاراشٽر ۾ دابو ڪري وينو اُن وقت جي ڇترپتي راجارام مهاراج کي بچاءُ لاءِ مهاراشٽر ڇڏڻو پيو. هنن ڏکڻ ۾ انهيءَ جنجي قلعي ۾ آسرو وٺي اتان سوَراج جو ڪاروبار هلايو.

شواجي مهاراج جي ڏکڻ جي سوڀ کانپوءِ بئنگلورو ٿوري ئي عرصي ۾ ٣ اپريل، ١٦٨٠ تي سندن رائيگڙهہ ۾ ديهانت ٿيو. عمر جي پنجاهين سال ۾ ئي گذرڻ سبب سوَراج جو بيحد نقصان ٿيو. هڪ مهان يُگ پورو ٿيو.



شواجي مهاراج جي سماڌي رائيگڙهہ

## اڀياس

١. هيٺيان واقعا وقتي سلسلي موجب لکو :

(١) شواجي مهاراج جي ڏکڻ ۾ چڙهائي.
(٢) لال محل تي ڇاپو هڻڻ.
(٣) آگري مان ڇٽڻ.
(٤) تاجپوشي.
(٥) پرندر جو عهدنامو.
(٦) شائستہ خان جي چڙهائي.

٢. ڳولهيو تہ ملندو :

(١) سنسڪرت لفظ هوندڙ لُغت -
(٢) تريمبڪ ڳڙهہ کٽڻ وارو -
(٣) وڻي - ڊِنڊوري ۾ هار کائيندڙ سردار -
(٤) انگريز، ڊچ ۽ فرينچن جون بئنڪون هوندڙ هنڌ -

٣ : پنهنجن لفظن ۾ لکو :

(١) شواجي مهاراج جي تاجپوشي.
(٢) آگري مان ڇوٽڪارو.
(٣) شواجي مهاراج جي ڏکڻ تي چڙهائي.
(٤) شواجي مهاراج تاجپوشيءَ لاءِ ڪيل تياريون.

٤ : سبب لکو :

(١) شواجي مهاراج پُرندر جو عهدنامو ڪيو.
(٢) شواجي مهاراج مغلن خلاف حملاور رُخ اَپنايو.

مشغولي

(١) اسڪوُل ۾ آزاديءَ جو ڏينهن پرجاوادي ڏينهن ملهائڻ لاءِ توهان ڪهڙيون تياريون ڪندا آهيو؟ ماستر صاحب جي مدد سان ياداشت ٺاهيو.
(٢) پنهنجي پسگردائيءَ ۾ هوندڙ اتهاسڪ هنڌ جو دؤرو ڪيوءَ اُنجو اَحوال لکو.

# ٧. سؤراج جو ڪاروبار

شواجي مهاراج سؤراج استاپن ڪيو. پنهنجي تاجپوشي ڪرائي. تاجپوشيءَ ڪانپوءِ ڏکڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. سؤراج جو وستار ٿيو. سؤراج ۾ ناسڪ، پڻي، ستارا، سانگلي، ڪولهاپور، سنڌوُدرگ، رتناگري، رائگڙهه ۽ ٺاڻي ضلعي جا گهڻا ڀاڱا شامل هئا. ان سان گڏ ڪرناٽڪ، آنڌرپرديش ۽ تاملناڊوءَ جا ڪجهه ڀاڱا به شامل هئا. ان وستارت سؤراج جو ڪاروبار سُٺي نموني هلي ۽ ماڻهن جو ڪلياڻ ٿئي ان لاءِ مهاراج سؤراج جو ڪارائتو ڪاروباري سرشتو ٺاهيو. ان بابت اسين ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

**اشٽ پرڌان منڊل :** مهاراج تاجپوشيءَ وقت اشٽ پرڌان منڊل مقرر ڪيو. راڄ ڪاروبار جي سهوليت لاءِ انڪي اٺن کاتن ۾ ورهايو. هرهڪ کاتي لاءِ هڪ منتري مقرر ڪيو. اٺن کاتن جي اٺن منترين کي گڏي 'اشٽ پرڌان منڊل' ٿهيو. منترين کي مقرر ڪرڻ يا اُنهن کي پد تان هٽائڻ جو اڌڪار مهاراج کي هو. پنهنجي کاتي جي ڪاروبار لاءِ اهي منتري مهاراج ڏانهن جوابدار هئا.

شواجي مهاراج منترين جي چونڊ سندن گُڻ ۽ ڪم ڪار ڏسي ڪئي. ڪين انعام، وطن يا جاگيرون نه ڏنيون. پر ڪين جهجهي روڪ پگهار ڏني.

**کيتيءَ بابت نيتي :** ڳوٺن ۾ کيتي ڪرڻ مکيه ڌنڌو هو. مهاراج کيتيءَ جي اهميت ڄاڻيندو هو، تنهن ڪري هنن ڪسانن جي ڀلائيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو. هنن پنهنجي قابل ۽ آزمودگار عملدار اڻاجي دتو تي زمين جو محصولي سرشتو ٺاهڻ جي جوابداري رکي. مقرر ڊل کان وڌيڪ ڊل گڏ نه ڪرڻ جي تاڪيد مهاراج عملدارن کي ڪئي، غير آباد زمين تي پوکه ڪرڻ لاءِ همٿايو. ٻوڏ يا ڏڪار سبب فصل خراب ٿئي يا دُشمن جي لشڪر پرڳٽو اُجڙ ڪيو هجي ته اهڙي حالت ۾ ڳوٺ واسين کي محصول ۽ ٻين ڊلن ۾ رعايت ڏني ويندي هئي. ان ڪانسواءِ عملدارن کي اهو به حڪم هو ته انهن حالتن ۾ ڪسانن کي ٻيل، هر ۽ ٻجن جي رسد ڪئي وڃي.

شواجيءَ جو اشٽ پرڌان منڊل.

| | منتريءَ جو نالو | پد | ڪم |
|---|---|---|---|
| ١) | مورو ترمبڪ پنگلي | مکيه پرڌان | راڄ ڪاروبار هلائڻ ۽ ڪتيل علائقن جو ڪاروبار ڏسڻ. |
| ٢) | رامچندر نيلڪنٺ مُجمدار | اَماتيه | راڄيه جي خرچ جو حساب رکڻ. |
| ٣) | اڻا جي دتو | سچيوَ | سرڪاري فرمان ڪيڻ. |
| ۴) | دتاجي ترمبڪ واڪنيس | منتري | لکه پڙهه ڪرڻ. |
| ۵) | هنبيرراو موهتي | سيناپتي | لشڪر جو انتظام رکڻ ۽ حفاظت ڪرڻ. |
| ٦) | رامچندر ترمبڪ ڏبير | سُمنت | پرڏيهي کاتو سنڀالڻ. |
| ٧) | نِراجي رواجي | نيايه ڌيش | نياءُ ڪرڻ. |
| ٨) | موريشور پنڊتراو | پنڊتراو | ڌرمي ڳالهيون سنڀالڻ. |

**ڳوٺن جو مالي سرشتو :** ڳوٺن جي مالي سرشتي ۾ کيتيءَ جو ڌنڌو آڌار هو. ڳوٺن ۾ کيتيءَ جا پورڪ ڌنڌا ٿيندا هئا. ڳوٺ جا ڪاريگر شيون ٺاهيندا هئا. انهن وسيلي مڪاني ماڻهن جي گهرج پوري ٿيندي هئي. اهڙي نموني ڳوٺ خود پورت وارا هئا.

ڪسان پنهنجي پيدائش مان مناسب حصو ڪاريگرن کي ڏيندا هئا. ان حصي کي بلوُت چوندا هئا.

**واپار ۽ هنري ڌنڌا :** مهاراج کي ڄاڻ هئي ته واپار وڌڻ ڪانسواءِ راڄ ترقي نه ڪري سگهندو. واپار سبب گهرج واريون ۽ نيون شيون راڄيه ۾ ايندڙيون هيون. شين جي رسد وڌي ٿي. واپار وڌي ٿو. ماڻهن جي دولت به وڌي ٿي. 'شاهوڪار راڄ ۽ راڄا جي سونهن آهن' سرڪاري فرمان ۾ مهاراج جو اهو بيان سندن واپارين ڏانهن نظريو ظاهر ڪري ٿو. شاهوڪار جي هتي معنيٰ 'واپاري' آهي.

سوراڄ جي هنرن جي حفاظت ڪرڻ مهاراج جي نيتي هئي. انجو مثال هو لوڻ جو هنر. هنن ڪونڪڻ ۾ لوڻ جي هنر جي حفاظت ڪئي. پورچوگيزن جي علائقن مان لوڻ جي وڏي پئماني تي آمدني ٿيندي هئي. ان سان ڪونڪڻ جي لوڻ جي هنر تي خراب اثر ٿيندي ڏسي مهاراج پورچوگيزن جي پاڱي مان ايندڙ لوڻ تي وڏي ڍل مڙهي. ان پٺيان مُراد هئي ته آمدني ٿيندڙ لوڻ مهانگو ٿيڻ سان انجو وڪرو گهٽ ٿيندو ۽ مڪاني لوڻ جو وڪرو وڌندو.

**لشڪري سرشتو :** مهاراج جو لشڪر ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل هو. هڪ پيادو ۽ ٻيو گهوڙيسوار. پيادن ۾ حوالدار ۽ جُمليدار اڌڪاري هئا. پيادن جي وڏي کي 'سرنوبت' چوندا هئا. هوُ پيادي لشڪر جو وڏي ۾ وڏو اڌڪاري هو.

گهوڙيسوارن جا به قسم هئا. هڪ شليدار ۽ ٻيون بارگير. شليدار وٽ پنهنجو گهوڙو ۽ هٿيار هوندا هئا. بارگير کي گهوڙو ۽ هٿيار سرڪار ڏيندي هئي. گهوڙيسوارن ۾ بارگيرن جو تعداد وڌيڪ هو. گهوڙيسوارن جي اڌڪارين جو درجو پيادي لشڪر وانگر هو. گهوڙيسوارن جي وڏي کي به 'سرنوبت' چوندا هئا.

نيتوجي پالڪر، پرتاپراو گُجر، هنبيرراو موهتي ڪي مشهور سرنوبت هئا.

**جاسوسي کاتو :** سوراڄ جو دُشمن کان بچاءُ ڪرڻ ضروري هو. ان لاءِ



**ڄاڻ حاصل ڪريون**

ڀارت جي لشڪري جٿن جي ڄاڻ حاصلڪريو
- سئنا جي ٽنهي جٿن جا نالا ٻڌايو.
- سئنا جي هرهڪ جٿي جو وڏو ڪير هوندو آهي؟
- ٽنهي جٿن جو گڏيل وڏو ڪير هوندو آهي؟

دشمن جي هلچل جي وقتائتي ڄاڻ گهربل هئي. اها ڄاڻ مهاراج تائين پهچائڻ جو ڪم جاسوسي کاتي جو هو. مهاراج جو جاسوسي کاتو بيحد ڪارائتو هو. ان کاتي جو وڏو بهرجي نائڪ هو. هوُ الڳ الڳ هنڌن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ ماهر هو. سورت تي چڙهائيءَ کان اڳ هن سچي ڄاڻ ڪڍي آندي هئي.

**قلعا :** وچولي زماني ۾ قلعن کي گهڻي اهميت هئي. قلعو قبضي ۾ هئڻ سان آس پاس جي علائقي تي نظر رکي سگهبي هئي. ڌارين جي چڙهائيءَ وقت قلعي ۾ آسرو وٺي پرجا جو بچاءُ ڪري سگهبو هو. قلعن ۾ اناج، هٿيار ۽ گولا بارود جمع ڪري رکبو هو. ان وقت قلعن جي اهميت آگيا پتر ۾ هيٺئين ريت ٻڌايل آهي. 'هي راڄيه تيرٿ روُپي مهان ڪئلاش واسي سوامي جن قلعي مان ئي ٺاهيو آهي.'

سوراڄ ۾ اٽڪل ٣٠٠ قلعا هئا قلعا اڏائڻ ۽ مرمت تي مهاراج گهڻو خرچ ڪيو. راڄگڙهه، پرتاپ ڳڙهه، پاونڳڙهه، جهڙا جابلو قلعا اڏايا. قلعن تي قلعدار، سبنيس ۽ ڪارخانيس اهي

عملدار هوندا هئا. ڪارخانيس جو ڪم اناج جي ڪوٺي ۽ هٿيار وغيره جو انتظام ڪرڻ هو.

**ساموندي قلعا :** مهاراج ساموندي قلعن جي اهميت سمجهي. سنڌن اڏايل درياهي قلعن مان لوڻ جو سنڌو دُرگ، عمدو ساموندي قلعو آهي. هن قلعي جي اڏاوت ۾ مضبوطي آڻڻ لاءِ قلعي جي پيڙهه ۾ پنج کنڊ (١٠٠ مڻ) شيهو وڌو ويو هو. شيديءَ کي روڪڻ لاءِ راجا پوري

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

شواجي مهاراج جي قلعن اڏائڻ بابت ڇترپتي سمياجي مهاراج جو 'بُڌ پوشڻ' گرنٿ ۾ ڪيل ورڻن اهميت ڀريو آهي. اهو آهي :

ڪرناٽڪ کان باگلاڻ صوبن تائين دشمن کان نه ٿُنڊڙ قلعا ڇترپتي شواجيءَ سهياڌري جبلن جي اوچين چوٽين تي هر هنڌ اَڏايا. ان جو مقصد هن ڌرتيءَ جو بچاءُ ڪرڻ هو. مهاراج جي ڪامياب اڳوانيءَ ۾ ڪرشنا نديءَ جي ڪناري کان سمنڊ جي چئني طرفن ۾ قلعا اڏايا ويا. رائري قلعي ۾، ڪامياب ۽ سيني راجائن ۾ اَڳرا اهڙا ڇترپتي شواجي مهاراج رهيا.'

جي سامهون پدم درگ نالي ساموندي قلعو اڏايو. هڪ خط ۾ هو انهيءَ قلعي بابت لکن ٿا، 'پدم درگ اڏائي راجپوريءَ جي ڇاتيءَ تي ٻي راجپوري ٺاهي.'

**آرماڙ :** ڀارت جي اولهه ڪناري پٽيءَ تي هوندڙ گوئا جا پورچوگيز، جنجيرا جا شيدي ۽ سورت، راجا پور جا انگريز اهي دشمن سؤراج جي وستار ۾ رنڊڪون وجهندا هئا. انهن رنڊڪن تي روڪ لڳائڻ ۽ ڪنار پٽيءَ جي بچاءُ



پدم درگ قلعو

ڪرڻ جي ضرورت هئي، انڪري مهاراج آرماڙ کڙي ڪئي. مهاراج ڄاتو ته 'جنهن جي آرماڙ، اُنجو سمنڊ' مهاراج دورانديش هو.

مهاراج جي آرماڙ ۾ جدا جدا قسمن جا چار سؤ جهاز هئا. انهن مان غُراب، گلبت ۽ پال لڙاڪو جهاز هئا. ڪلياڻ ڀونڊيءَ جي ڪاري، وجيه دُرگ ۽ مالوڻ وٽ جهاز ٺاهيا ويندا هئا. مايناڪ ڀنڊاري ۽ دؤلت خان آرماڙ جا مکيه عملدار هئا.



غُراب



غلبت

**رعيت جي ڀلائيءَ جي چنتا :** ٻين راجائن وانگر دشمن جو علائقو کٽي اُتي پنهنجي سٺا اسٿاپن ڪرڻ فقط اها مراد رکي مهاراج کم نه ڪيو رعيت کي آزادي ڏيڻ اهو سندن مکيه مقصد هو. مهاراج کي ڄاڻ هئي ته

### ڪري ڏسو

ڀارتي درياهي جٿي جي ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ جهازن جي تصويرن کي گڏ ڪريو

جيڪڏهن رعيت کي سوراج جو سچ پچ سُک وناڻو هجي ته راڄ ڪاروبار انتظام ۾ هلڻ گهرجي، رعيت جي ڀلائيءَ ڌانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ ڪٽيل علائقن جو بچاءُ ڪرڻ گهرجي. مهاراج فقط حڪم شاهه نه هو پر رعيت جو خيال ڪندڙ راجا هو. اهو سندن ڪاروبار مان ظاهر آهي.



## اپياس

١. سُڃاڻو ڏسان :

(١) اٺن ڪاتن جو منڊل -

(٢) ٻهرجي نائڪ هن ڪاتي جو وڏو هو -

(٣) مهاراج جو مالوڻ ويجهو اڏايل ساموندي قلعو -

(۴) قلعي تي هٿيارن جو انتظام ڏسندڙ -

٢. پنهنجن لفظن ۾ لکو :

(١) شواجي مهاراج جي کيتيءَ بابت نيتي.

(٢) شواجي رعيت جي ڀلائي چاهيندڙ راجا.

٣. سبب ٻڌايو :

(١) شواجي مهاراج اشٽ پرڌان منڊل استاپن ڪيو.

(٢) شواجي مهاراج آرماڙ کڙي ڪئي.

۴.وهڪ خاڪو پورو ڪريو :




مشغولي

(١) پسگردائيءَ ۾ رهندڙ سئنا جي ماضي شخص سان مُلاقات ڪريو.

(٢) شهر جي بازار جو دؤرو ڪري توهانجي ايراضيءَ ۾ ٺهندڙ ۽ ٻاهران آيل شين جي ياداشت ٺاهيو.



سنڌوُ درگ قلعو

# ٨. رعيت جو راجا

سؤراج جي اسٿاپنا کان اڳ مهاراشٽر ۾ عادل شاهي، شيدي، پورچوگيز ۽ مغل حڪومتن جي سنا هئي. انهن خلاف مهاراج لڙائي ڪئي. هنن سڀني قسمن جي ڏکين حالتن کي منهن ڏنو. هنن آزاد ۽ خود مختيار سؤراج اسٿاپن ڪيو. راڄ ڪاروبار ۾ انتظام آندو.

سؤراج کي سنو راڄ بڻايو. مهاراج پنهنجي قابليت سان نئين دنيا ناهي. سؤراج اسٿاپنا جي لڙائيءَ ۾ مهاراج پاڻ وڏن خطرن کي منهن ڏنو. افضل خان سان ملاقات، پنهالا کي گهيرو، شائسته خان تي ڇاپو هڻڻ، آگري مان ڇوٽڪارو اهي سڀ واقعا خطري سان پريل هئا. مهاراج انهن سڀني موقعن تي ڪامياب ٿي انهن مان سڪه سان پار پيا.



**ويچار ڪيو**

وقت تي جان به قربان ڪندڙ سهڪارين سبب شواجي مهاراج سوراج اسٿاپن ڪري سگهيا. دوستيءَ جي اهميت پڌائيندڙ الڳه الڳه پاشائن جا اصطلاح، چوڻيون ڳولهيو. جيئن

A friend in need is friend indeed.

**سنگهنن جي سياڻپ :** سؤراج جي ڪاريه لاءِ مهاراج پنهنجي ڇؤڏاري رهندڙ ماڻهن کي اُتساهت ڪيو. مهاراج ۾ سنگهنن جي زبردست سياڻپ هئي. ان جي زور تي هنن بهادر ۽ وقتي جان قربان ڪندڙ ماڻهو گڏ ڪيا. سؤراج جي ڪاريه ۾ انهن ماڻهن جان جي پرواهه نه ڪري فرض ادا ڪيا. افضل خان سان ملاقات وقت خطري جي حالتن ۾ بڙا سَيد کي ماريندڙ جوا مهالا، پنهالاڳڙهه جو گهيرو پار ڪرڻ وقت شواجي مهاراج جو ويس ڏاريندڙ شِوا ڪاشِد، مهاراج جي وِشال ڳڙهه ڏانهن ويندي سندن پيڇو ڪندڙ دُشمن جو رستو روڪيندڙ باجي پربو ديشپانڊي، پرندر جي قلعي جي بچاءَ لاءِ لڙندڙ مُراربا جي ديشپانڊي، سنهه ڳڙهه کٽڻ لاءِ شهيد ٿيندڙ تاناجي مالوُسري، مهاراج جي آگري مان ڇوٽڪاري وقت جوکم کڻندڙ هيروجي فرزند ۽ مداري مهتر جهڙا انيڪ مثال سؤراج اسٿاپنا جي ڪاريه ۾ ملن ٿا. مهاراج پنهنجن ساٿين جو خيال رکندو هو. مثال، سؤراج اسٿاپنا جي ڪاريه ۾ ڪانهوجي جيڌي مهاراج سان گڏ شروعات کان هو. وڏي عمر ۾ بيمار ٿي پيو. مهاراج هُن کي چيو ته ”علاج ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي نه ڪري.“

**رعيت جي سار سنڀال :** سؤراج اسٿاپنا جي ڪاريه ۾ مهاراج جي دشمن سان ويڙهه چالو هئي. دشمن جي حملن وقت رعيت پريشان ٿيندي هئي. ان وقت مهاراج رعيت جو وڌ ۾ وڌ خيال رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو. شائسته خان جي چڙهائيءَ وقت مهاراج روهڙ ماٿريءَ جي ديشمُکه کي رعيت ڏانهن پنهنجا فرض نباهڻ جي سخت تاڪيد ڪئي. هنن ديشمُکه کي چيو ته ڳوٺن مان ماڻهن کي ڪيڏي گهاٽن ۾ سلامتيءَ وارن هنڌن تي پهچائي. هن ڪم ۾ ’هڪ پل جي به‘ دير نه ڪري. مهاراج هن کي تاڪيد ڪندي چيو ته، ”جيڪڏهن رعيت جي اهڙي سار سنڀال نه لڌي ته مغل سئنا اچي ماڻهن کي قيد ڪندي ۽ انجو پاپ توهانکي لڳندو.“ پنهنجن سئنڪن طرفان رعيت کي تڪليف نه ٿئي، اها خبرداري مهاراج وٺندا هئا.

**لشڪري سرشتو :** مهاراج جو لشڪري انتظام بيحد سخت هو. سندن نيم هو ته سئنڪن کي روڪ پگهار ڏيڻ جو انتظام ڪيو. وڇولي زماني ۾ پارت ۾ هرهنڌ حڪومت ۾ لشڪر کي پگهارن عيوض جاگيرون ڏيڻ جو رواج هو. مهاراج اهو رواج بند ڪيو. چڙهاين

وقت جڏهن سندن لشڪر دشمن جي علائقن ۾ ويندو هو تڏهن سئنڪن کي جيڪو ڪجهه ملي اُهو سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائڻ جي تاڪيد ڪيل هئي. لڙاين ۾ ويرتا ڏيکاريندڙ سئنڪن جو مان سنمان ڪيو ويندو هو. لڙاين ۾ جيڪي سئنڪ مري ويندا هئا، سندن ڪٽنبن جي پيٽ پالنا جي خبرداري ورتي ويندي هئي. زخمي سئنڪن جي بہ سار سنڀال لڌي ويندي هئي. لڙائيءَ ۾ شرڻ ۾ آيل يا قيد ڪيل دُشمن جي سپاهين سان سنوورتاءُ ڪيو ويندو هو.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

فصل پوکڻ يا لڻڻ وقت لڙائي لڳڻ تي ڪڙمين کي بيحد تڪليفون ٿينديون هيون. سئنڪن جي هلچل سبب پوکہ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن سئنڪ بيٺل فصل ڪپي يا برباد ڪري ويندا هئا. ڪڙمين جا گهر لٽندا هئا. پنهنجن سئنڪن کي ان کان روڪڻ جو حڪم مهاراج پنهنجن عملدارن کي ڏنو هو. ان بابت مهاراج جو پنهنجن عملدارن ڏانهن ١٦٧٤ ۾ لکيل خط اهميت ڀريو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ مهاراج جو لشڪر جي انتظام ڏانهن ڪيترو نہ ڌيڪ ڌيان هوندو هو.

’سپاهي جيڪڏهن ڪسانن کي تڪليف ڏيندا، ڪو سندن اناج ڪٽي ايندو، ڪو ڦلڪا، گاهہ، ڀاڄي تہ جيڪي ساهہ سانڍي گهر ۾ وينا آهن، اُهي گهر بہ ڇڏي هليا ويندا. ڪيترائي بک ۾ مري ويندا. هوُ چوندا مغل اچي پريشان ٿا ڪن، توهان اُنهن کان وڌيڪ! ماڻهن ۾ غصو پيدا ٿيندو!‘

**ڌرمي اُدارتا :** مهاراج جن طاقتن سان وڙهيو انهن مان عادل شاهي، مغل، شيدي اهي مسلمان هئا. انهن سان وڙهڻ وقت مهاراج سوَراج جي مسلمانن کي پنهنجي رعيت ڪري مڃيو. افضل خان جي مُلاقات وقت مهاراج جي لشڪر ۾ شيدي ابراهيم نالي وفادار سئنڪ هو. شيدي هلال مهاراج جي سئنا ۾ سردار هو. سوَراج جي آرماڙ ۾ دؤلت خان مکيہ عملدار هو.

مهاراج جي ڌارمڪ نيتي اُدارتا واري هئي. دشمن جو ڪو علائقو ڪٽڻ تي، اُتان جي مسلم ڌرمي آستانن کي اڳ واريون مليل سهوليتون مهاراج قائم رکيون. سندن اُدار ڌرمي نيتيءَ بابت اُن وقت جي اتهاسڪار خافي خان لکيو آهي، ”شواجيءَ پنهنجي سئنڪن کي سخت تاڪيد ڪئي هئي تہ چڙهائيءَ وقت مسجدن کي نقصان نہ پهچايو. قرآن ڪرنٽ ملڻ تي اهو آدر ڀاوَ ڏيکاري ڪنهن مسلمان شخص جي سپرد ڪيو.“

**آزاديءَ لاءِ همٿائڻ :** شواجي مهاراج جي آزاديءَ جي ڪوشش پنيان هڪ خاص ملهم هو. اُهو ملهم هو آزاديءَ جو. ٻي ڪنهن حڪومت جي ڏاڍ هيٺان نہ دٻجي پنهنجو آزاد ۽ خود مختيار وجود رکڻ جو مقصد ان جي پنيان هو. ڏارين، ظلمي حڪومتن خلاف وڙهندي مهاراج ٻين کي بہ آزاديءَ لاءِ همٿايو. مغلن لاءِ ڪم ڪندڙ چترسال جڏهن مهاراج سان مليو تڏهن مهاراج کيس بُنديلکنڊ ۾ آزاد راڄ استاپن ڪرڻ لاءِ همٿايو.

**مهاراج جو شاندار ڪاريہ :**
مهاراج ڪيترن ئي دشمنن سان وڙهندي سوَراج جي استاپنا ڪئي ان مان ظاهر آهي تہ هوُ نئين يگہ جو بنياد وجهندڙ هئا. ان ڪاريہ ڪانسواءِ هنن ۾ ٻيا ڪيترائي سد گڻ هئا.

مهاراج خوب ٻُڌيوان هئا. ڪين ڪيترين ئي ڪلائن، ڀاشائن ۽ لپين جي ڄاڻ هئي. ماتا پتا جا ڪيل سوَراج استاپنا ۽ اخلاقي سنسڪار هنن ۾ گهرا سمايل هئا. سندن

شخصيت ۾ چريتر، قابليت ۽ بهادريءَ جو ميلاپ هو. هنن ۾ اڳواڻي، انتظام، دوانديشي، چتراڻي، راڄ ڪاروباريءَ لشڪر جي اثرائتي نيتي، سچ، نياءُ، سمانتا، رتائون ناهڻ، رٿيل يوجنا عمل ۾ آڻڻ جو هنر، مصيبتن کان پار پوڻ جي شڪتي، سُجاڳي وغيره انيڪ گڻ هئا. استرين سان غير مناسب وهنوار ڪندڙ کي هوُ سخت سزا ڏيندا هئا. رعيت جي سڀني طبقن ڪسان، ڪاريگر، سئنڪ، واپاري وغيره جي هوُ سار سنڀال لهندا هئا. پنهنجي ڌرم جي ماڻهن وانگر ٻين ڌرمن جي ماڻهن سان به بنا ڀيد ڀاو جي سٺو ورتاءُ ڪندا هئا. اُن وقت ٻئي ڌرم ۾ ويل ماڻهوءَ کي پنهنجي ڌرم ۾ ڪڻڻ تي وروڌ هو، مهاراج اهڙن ماڻهن کي به پنهنجي ڌرم ۾ واپس ڪنيو. وقتي انهن سان ناتو به جوڙيو. ساموندي سفر کي ڌرمي ڳالهين سبب وروڌ هو، اُن وقت ۾ مهاراج سنڌوُ درگ جهڙا ساموندي قلعا اڏايا ۽ آرماڙ کڙي ڪئي. هنن ڌارين جي ساموندي حملي کان بچاو لاءِ اڳ۾ ئي تياري ڪري ڇڏي هئي. تاجپوشيءَ جي رسم سان هو دستوري نموني راجا ٿيا. ان تاجپوشيءَ کان پوءِ هنن ٻئي ڌارمڪ طريقي به تاجپوشي ڪرائي. مهاراج جون اهي سڀ خاصيتون ڌرمي ڪيتر ۾ انقلابي هيون.

سوُراڄ تي جڏهن وڏيون مصيبتون ايندڀون هيون تڏهن هو پاڻ يا پنهنجن ساٿين سان گڏ مصيبتن کي منهن ڏيندا هئا. ان لاءِ سندن ساٿي جان قربان لاءِ به تيار هوندا هئا. مصيبتن کي ڏيرج ۽ نڊرتا سان منهن ڏيڻ فقط ان ۾ نه سندن مهانتا هئي. ڪين سوُراڄ ۾ اخلاق ۽ گڻ آڻڻا هئا. انڪري انهن ننڍين ننڍين ڳالهين بابت به حڪم ڏنا. ان جو مثال آهي سئنڪن کي ڪسانن جي کيتن مان ڀاڃي به نه ڪڻڻ جو حڪم. سندن وڻ توڙڻ بابت تاهيل پنڌن به اهميت پريا آهن.



**ويچار ڪريو.**

وڻ بچائڻ ۽ وڌائڻ ڇو ضروري آهن؟

قلعي جو ڪچرو ڪٽي به نه ڦٽي ڪري اهو باغ ۾ ساڙجي ۽ ان جي رک مان ڀاڃيون وڌائجن اهڙو سندن حڪم هو. ان مان ظاهر آهي ته هو ننڍين ننڍين ڳالهين ڏانهن به ڌيان ڏيندا هئا. هو فقط بهادر لڙاڪو نه پر هڪ نئين، آزاد، اخلاقي سماج جا شلپڪار به هئا. سندن مهانتا هرڪيتر ۾ آهي.



**ٻڌايو ڏسان؟**

- توهانجي پسگردائيءَ ۾ ڪچري جو بندوبست ڪيئن ٿيندو آهي؟
- ڪچري جو بندوبست ڪير ڪندو آهي؟

راشٽريه هلچل لاءِ مهاراج اوُچ پريرڻا ڏيندڙ شخصيت هو. مهاتما جوتيراوَ ڦُلي برابريءَ جي سنگهرش ۾مهاراج جي اهميت پوواڙي ذريعي ٻڌائي آهي.

لوڪمانيه تلڪ شواجي جينتي اتسو وسيلي راشٽر ۾ سجاڳي آندي. لالا لجپتراءِ شو چريتر تي ڪتاب لکيو آهي. تمل ڪاويه جو پتامهه سُبرمڻيم ڀارتي هڪ ڪاويه رچيو آهي جنهن ۾ شواجي مهاراج پنهنجن سهڪارين کي ڪجهه چئي رهيا آهن. ڪوي رابيندرناٿ ٽئگور مهاراج تي هڪ وڏي ڪوتا

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

مهاتما جوتيراو ڦلي شواجي مهاراج تي ١٨٦٩ ۾ هڪ پوواڙو لکيو. انجو ڪجهه حصو هيٺئين ريت آهي.

॥ शिवाचा गजर जयनामाचा झेंडा रोविला ॥
॥ क्षेत्र्याचा मेळा मावळ्याचा शिकार खेळला ॥
माते पायीं ठेवी डोई गर्व नाहीं काडीचा ।
आशिर्वाद घेई आईचा ॥
आलाबला घेई आवडता होतो जिजीचा ।
पवाडा गातो शिवाजीचा ॥
कुळवाडी – भूषण पवाडा गातो भोसल्याचा ।
छत्रपती शिवाजीचा ॥३॥

مهاراج جي راڄ استاپنا جي ڪوشش ڪي مقصد حاصلات جي مهان ڪوشش چون ٿا. سر جدُناٿ سرڪار 'شواجي ائنڊ هز ٽائيمس' گرنٿ مهاراج جي ڪم جو ڳوُرو ڪيو آهي. پنڊت جواهرلعل نهروءَ مهاراج بابت چيو آهي تہ، مهاراج فقط مهاراشٽر جو نہ بلڪ سڄي ديش جو هو. سندن پنهنجي ديش تي ڏاڍو پيار هو ۽ انساني گڻن جي هو ساڪيات نشاني هئا.

ڀارت جي سيني ٻولين ۾ مهاراج جي پريرڻا ۽ آدرش جي ڄاڻ ڏيندڙ ساهتيہ رچيل آهي.

شواجي مهاراج جي سوُراج ڪاريہ ۽ سندس آدرشي راڄ جي استاپنا جي ڪوشش ايندڙ پيڙهين لاءِ مثال تي رهندي. شواجي مهاراج هڪ مهان راشٽر پرش هو.

## اڀياس

١. باب مان ڳولهي لکو.

(١) شواجي مهاراج جي زندگيءَ ۾ خطري جا ڪهڙا واقعا ٿيا؟

(٢) شواجي مهاراج جي آگري مان ڇٽڻ وقت جوکم کڻڻ وارا ڪير هئا؟

(٣) 'روهڙ' ماٿريءَ جي ديشمکہ کي مهاراج ڪهڙي تاڪيد ڪئي؟

(٤) شواجي مهاراج جو ڪهڙو ڪاريہ ايندڙ پيڙهين لاءِ مثال تي رهندو؟

٢. لکو.

(١) رعيت جو نقصان نہ ٿئي ان لاءِ مهاراج سئنڪن کي ڪهڙي تاڪيد ڪئي؟

(٢) شواجي مهاراج جي ڌرمي نيتي اُدار هئي اهو ڪهڙين ڳالهين مان خبر پوي ٿي؟

(٣) شواجي مهاراج جي لشڪر بابت نيتي سمجهايو.

٣. هڪ لفظ ۾ لکو.

(١) سوُراج جي آرماڙ ۾ مکيہ عملدار -

(٢) شواجي مهاراج تي ڪاويہ لکندڙ تمل ڪوي

(٣) بنديلکنڊ ۾ آزاد راڄ برپا ڪندڙ -

(٤) پوواڙي وسيلي مهاراج جي اهميت ٻڌائيندڙ

**مشغولي**

(١) مصيبتن وقت دوست کي ڪيل مدد جو بيان ڪريو.

(٢) ماڻهن جي نالن تي آڌارت ڳوٺن، شهرن جي ياداشت ٺاهيو.

# ٩. مرهٽن جي آزاديءَ جي لڙائي

چترپتي شواجي مهاراج جي موت کان پوءِ مرهٽي چترپتي سمڀاجي مهاراج، چترپتي راجا رام مهاراج ۽ مهاراڻي تارابائيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ سوراج جي بچاءَ لاءِ مغلن سان سخت مقابلو ڪيو. انهن ستاويهن ورهين جي ڏکھي ويڙهہ کي 'مرهٽن جي آزاديءَ جي لڙائي' چئجي ٿو. ١٦٨٢ع ۾ اورنگزيب بادشاهہ پاڻ دکڻ ۾ ڪاهي آيو. تہ بہ مغلن خلاف ان ويڙهہ ۾ انيڪ مشڪلاتن کي منهن ڏيئي مرهٽا سوڀارا ٿيا. اها آزاديءَ جي لڙائي ڀارت جي اتهاس ۾ اُتساهہ پريو ۽ تيجسوي عرصو آهي. هن باب ۾ اسان هن آزاديءَ جي لڙائيءَ جو اڀياس ڪنداسين.

هتي مرهٽا مطلب 'مراٺي ڀاشا ڳالهائيندڙ' يا 'مهاراشٽريہ ماڻهو' ائين آهي.

**ڪري ڏسو**

مان سمڀاجي راجا ڳالهايان ٿو ... اهو ڪردار ادا ڪريو.



چترپتي سمڀاجي مهاراج

**چترپتي سمڀاجي مهاراج :** سمڀاجي مهاراج، چترپتي شواجي مهاراج جو وڏو پٽ هو. سندن جنم ١٤ مئيءَ ١٦٥٧ تي پُرندر قلعي ۾ ٿيو. شواجي مهاراج کانپوءِ هو چترپتي بڻيو. ان وقت مرهٽن جي مغلن سان ويڙهہ چالو هئي. انهن حالتن ۾ اورنگزيب بادشاهہ جي پٽ شهزادي اڪبر پيءُ خلاف بغاوت ڪئي. اها بغاوت بادشاهہ دٻائي ڇڏي. اڪبر دکڻ ۾ سمڀاجي مهاراج جي شرڻ ۾ آيو. ھُنکي مٽائڻ لاءِ ١٦٨٢ ۾ بادشاهہ پاڻ دکڻ ۾ آيو. هن وٽ وڏو لشڪر ۽ مضبوط توبخانو هو. هن جنجيرا جي شيديءَ کي مرهٽن جي خلاف لڙائيءَ لاءِ پڙڪايو. پورچوگيزن کي بہ پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري سمڀاجي مهاراج کي هڪئي وقت انيڪ دشمنن کي منهن ڏيڻو پيو.

سمڀاجي مهاراج جو وقت شواجي مهاراج کانپوءِ مرهٽن جي آزاديءَ جي لڙائيءَ جو پهريون دؤر هو. شواجي مهاراج سمڀاجيءَ کي اُتم راج ڪاروباري ۽ لشڪري سکيا ڏني هئي. چوڏهن سالن جي عمر کان هو راڄ جي ڪاروبار ۽ لشڪر جي انتظام ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳا. راڄڪمار جي روپ ۾ هُن مغلن ۽ عادل شاهہ تي ڪيترين ئي چڙهايون ڪيون هيون. سندس لڙائيءَ جي هنر بابت فرينچ سئلاني ائبي ڪئري چوي ٿو 'راڄڪمار ننڍو هوندي بہ ڏيرجوان ۽ پنهنجي پتا جو نالو ڪندڙ بهادر آهي'.

سمڀاجي مهاراج جي چترپتي ٿيڻ کانپوءِ مرهٽن جي مغلن سان ويڙهہ وڌيڪ تکي ٿي پيئي، ڪابل کان ڪنيا ڪماريءَ تائين مغلن جو يڪو راڄ برپا ڪرڻ جو اورنگزيب جو مقصد هو. پنهنجي وڏي لشڪر ۽ مالي طاقت جي زور تي مرهٽن کي ختم ڪرڻ جو هنجو سپنو هو.

سمڀاجي مهاراج پنهنجي طاقت ۽ لشڪري چترائيءَ جي زور تي هنجا منصوبا

متيءَ ۾ ملائي ڇڏيا. هن جون فوجون ڪيترن مغل پرڳڻن ۾ چڙهايون ڪري رهيون هيون. مرهٽن جو ناسڪ ويجهو رام سيج قلعو مغلن جا سئنڪ گهٽيون ڪوششون ڪري به حاصل نه ڪري سگهيا.

سمياجي مهاراج جي قابليت سبب اؤرنگزيب چڙيل وينو هو. هڪ دفعو غصي ۾ اچي هن پنهنجي پڳڙي زمين تي ڦتي ڪري قسم ڪاڌو ته 'جيستائين سمياجي کي نه هارائيندس تيستائين پڳڙي نه پائيندس.' سمياجي مهاراج اؤرنگزيب کي ايترو حيران ڪري ڇڏيو هو.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

مرهٽن جا قلعا فتح ڪرڻ سان سندن راڄ ختم ٿي ويندو ان ويچار سان اؤرنگزيب رام سيج قلعي کي گهيرو ڪيو. اؤرنگزيب جو لشڪر گهڻو هو. مرهٽن وٽ گهٽ سئنڪ هئا. پر هنن سخت مقابلو ڪيو. هيءُ گهيرو پنج سال قائم رهيو. ڳاڻ ڳڻين مرهٽي سئنڪن جو هي پراڪرم بي مثال هو. مرهٽن جي سخت ورود مان اؤرنگزيب سمجهي ويو. ته مرهٽن سان مقابلو ڪرڻ ڏکيو آهي.

**شيدين تي چڙهائي :** جنجيرا جو شيدي مرهٽي علائقن ۾ فساد ڪرائيندو هو. هنجا سئنڪ آگجني، لتمار ۽ اتياچار ڪندا هئا. سياسد هنجو بيان ڪندي چيو آهي، ''جيئن گهر ۾ ڪوئو، تيئن راڄ ۾ شيدي.'' سمياجي مهاراج ١٦٨٢ ۾ هن تي چڙهائي ڪئي. سمياجيءَ جي سئنا شيديءَ جي دنڊا راجپوري قلعي کي گهيرو ڪيو ۽ جنجيرا تي توبن جو گولن جو وسڪارو ڪيو. ان وقت مغلن جو لشڪر سؤراج تي چڙهائي ڪري آيو جنهن ڪري جنجيرا جي لڙائي اڌ ۾ ڇڏي مرهٽن موٽ ڪاڌي.

**پورچوگيزن خلاف لڙائي :** گوئا جي پورچوگيزن سمياجي مهاراج خلاف بادشاه سان هٿ ملايو هو. تنهن ڪري هُن پورچوگيزن کي سبق سيکارڻ جو فيصلو ڪيو. ١٦٨٣ ۾ هن پورچوگيزن جي ريودنڊا بندر تي حملو ڪيو. جواب ۾ پورچوگيزن گوئا جي سرحد تي مرهٽن جي ڦونڊا قلعي کي گهيرو ڪيو. مرهٽن گهيرو هٽائي ڇڏيو ۽ گوئا تي چڙهائي ڪئي. ان لڙائيءَ ۾ ييساجي ڪنڪ بيحد بهادري ڏيکاري. ان ۾ پورچوگيز گورنر زخمي ٿي پيو. پورچوگيز پنتي هيا. سمياجي سندن پيڇو ڪيو. پورچوگيز اچي مصيبت ۾ ڦاٿا. ان وقت ڏکڻ ڪونڪڻ تي مغلن جي حملي ڪرڻ جي خبر سمياجي مهاراج کي ملي. جنهن ڪري هٽ ۾ آيل گوئا جي فتح ڇڏي هو مغلن کي روڪڻ لاءِ واپس موٽيو.

**عادل شاهي ۽ قطب شاهيءَ جي پڄاڻي :** اؤرنگزيب کي مرهٽن خلاف لڙائيءَ ۾ ڪاميابي نه پئي ملي. هن مرهٽن خلاف لڙائي مهمل ڪئي. هن پنهنجو رخ عادل شاهي ۽ قطب شاهي راڄين ڏانهن ڦيرايو. اؤرنگزيب اهي راڄيه فتح ڪري ورتا. پنهي راڄين جي ملڪيت ۽ لشڪر مغلن جي هٿ اچڻ ڪانپوءِ اؤرنگزيب جي طاقت وڌي ويئي. ان ڪانپوءِ مرهٽن کي هارائڻ لاءِ هن سڄي طاقت گڏ ڪئي. مرهٽن جي علائقن تي چئني طرفن کان حملا ڪيا. مغل لشڪر جو مقابلو ڪندي مرهٽن جو سئناپتي هنبيرراو موهتي مارجي ويو. جنهن ڪري سمياجي مهاراج جي فؤجي طاقت گهٽجي وئي.

**سمياجي مهاراج جو راڄ ڪاروبار :** سمياجي مهاراج لڙاين جي گوڙسوڙ ۾ ڪاروبار ڏانهن نظراندازي نه ڪئي. هن شواجي

مهاراج جو بهترين نياءُ ۽ محصولي سرشتو سُٺي نموني ڌاري رکيو. سوَراج خلاف دغا ڪندڙ ۽ رعيت کي تڪليفون ڏيندڙ وطندار کي هن سخت سزائون ڏنيون. مهاراڻي ييسوٻائي ۽ کي راڄ ڪاروبار جو اڌڪار ڏنو. ڪين فرمان ڪڍڻ جو اڌڪار ڏنو. شواجيءَ رعيت جي ڀلائيءَ جي نيتي اڳتي ڌاري رکي.

سمڀاجي مهاراج کي سنسڪرت ڪانسواءِ ٻين انيڪ ٻولين جي ڄاڻ هئي. هن گرنٿ به لکيا. راڄنيتيءَ جي پراچين گرنٿن جو سار هن ’ٻڌيوشڻ‘ گرنٿ ۾ پيش ڪيو.



ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

سمڀاجي مهاراج ’ٻڌيوشڻ‘ گرنٿ سنسڪرت ۾ لکيو. انجي ٻئين اڌيايہ ۾ راڄنيتيءَ تي چرچا ڪيل آهي. ان ۾ راجا جا گڻ، پرڌان، راجڪمار، سندن تعليم ۽ ڪم، راجا جا صلاحڪار، قلعا ۽ اُتي جو سامان، جاسوُسي سرشتو وغيرہ بابت ڄاڻ ڏنل آهي.

## سمڀاجي مهاراج جي موت :

اوَرنگزيب سمڀاجي مهاراج کي ڄهڪائڻ لاءِ حد ڪوشش ڪري رهيو هو. هن مقرب خان کي ڪولهاپور پرڳڻي تي مقرر ڪيو. مهاراج جي ڪونڪڻ جي سنگميشور ۾ هئڻ جي ڳالهہ مقرب خان کي خبر پئي. هن اُتي ڇاپو هڻي سمڀاجي مهاراج کي پڪڙي ورتو. بادشاهہ اڳيان پيش ڪرڻ تي مهاراج هن سان ايمان سان ورتاءُ ڪيو. بادشاهہ جي حڪم تي ١١ مارچ ١٦٨٩ تي مهاراج کي تمام بي رحميءَ سان ماريو ويو. مرهٽن جي هن چترپتيءَ فخر ۽ صبر سان موت قبول ڪئي. سندن بليدان مان پريرڻا حاصل ڪري مرهٽن مغلن خلاف پنهنجي لڙائي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏي.

## چترپتي راجارام



چترپتي راجارام مهاراج

**مهاراج : راجارام** مهاراج چترپتي شواجي مهاراج جو ٻيون پٽ هو. سندن جنم ٢٤ فيبروري ١٦٧٠ تي رائگڙهہ ۾ ٿيو. سمڀاجي مهاراج جي موت کان پوءِ هو چترپتي بڻيو.

هاڻي مرهٽن جو راڄ فتح ڪرڻ جو سپنو پورو ٿيندو، ائين اوَرنگزيب کي لڳڻ لڳو. هن رائگڙهہ کي گهيرو ڪرڻ لاءِ ذوالفقار خان کي موڪليو ان وقت راجارام مهاراج ۽ سندن پتني مهاراڻي تارابائي، سمڀاجي مهاراج جي پتني ييسوبائي ۽ سندن پٽ شاهوُ رائگڙهہ ۾ هئا. انهن سڀني جو هڪ ئي هنڌ هئڻ خطري وارو هو. ان وقت ييسوبائيءَ ان مصيبت کي تمام صبر سان منهن ڏنو. ڪنهن به حالت ۾ مغلن اڳيان آڏ نہ مڃجي، اهو انجام ڪري هن اهم فيصلا ورتا. ان موجب راجارام مهاراج رائگڙهہ جي گهيري مان ٻاهر نڪري ۽ ضرورت پوڻ تي پري جنجي هليو وڃي، اهو فيصلو ٿيو ۽ مهاراڻي ييسوبائيءَ جي اڳوانيءَ ۾ رائگڙهہ مان مقابلو چالو رکجي. ييسوبائيءَ پنهنجي پٽ شاهوُ کي چترپتي نہ بڻائي راجارام مهاراج کي چترپتي بڻايو. سندس اهو فيصلو سوَراج خاطر پريم ۽ سوارٿ تياڳڻ جو مهان مثال آهي. هن پنهنجي ۽ پٽ جي جان جي پرواهہ نہ ڪري مرهٽن جي چترپتيءَ کي محفوُظ رکيو.



اڇو تہ ڳولهيون

پارٽ جي نقشي ۾ جنجي جڳهہ ڳولهيو

**راجارام مهاراج جو جنجي روانو ٿيڻ** : ۵ اپريل ۱٦٨۹ تي راجارام مهاراج پنهنجن ڪن ساٿين سان گڏ رائگڙهه جي گهيري مان کسڪي ويو. هُن ڏکڻ ۾ جنجيءَ ۾ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. جنجيءَ جو قلعو تمام مضبوط هو. هيءُ قلعو فتح ڪرڻ مغلن لاءِ سؤلو نہ هو. پرهلاد نِراجي، ڪندو بلاڙ، روپاجي ڀونسلي وغيره وشواسوُ ماڻهن کي پاڻ سان گڏ وٺي راجارام مهاراج جنجي پهتو.

**مرهٽن جي هلچل :** مغلن جي طاقت اڳيان رائگڙهه جو بچاءُ ڪرڻ مشڪل هو. مغلن نومبر ۱٦٨۹ ۾ رائگڙهه قلعو قبضي ۾ ڪيو. مهاراڻي ييسوٻائي ۽ شاهوءَ کي قيد ڪيو. جنجيءَ ۾ وڃڻ وقت راجارام مهاراج مغلن خلاف ويڙهه جي جوابداري رامچندر پنت اماتيہ، شنڪراجي نارائڻ سچيو، سنتاجي گهورپڙي ۽ ڏناجي جادو تي سؤنپي هئي. مرهٽن لاءِ حالتون نازڪ هيون. اؤرنگزيب مرهٽي سردارن کي جاگيرون ۽ وطن ڏيئي پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيو هو. بادشاهہ کي روڪڻ لاءِ راجارام مهاراج بہ ساڳيو طريقو اختيار ڪيو. مغلن جو علائقو ڪٽنڌڙ مرهٽي سردار کي اهو علائقو جاگير طور ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. ڇترپتيءَ جي اهڙي وشواس ملڻ ڪانپوءِ ڪيترائي سورهيہ سردار اڳيان آيا. هنن مغل علائقن تي ڪيترائي حملا ڪيا مغل سيناپتين کي هارايو. ان پراڪرم ۾ سنتاجي ۽ ڏناجي اڳيان هئا. سندن اوچتن حملن ۽ ڇاپامار لڙاين سبب مغلن کي پنهنجن هٿيارن ۽ توبخانن جو استعمال ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. گهڻا قلعا علائقا ۽ ملڪيت نہ هوندي بہ مرهٽن مغلن جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا. هڪ دفعو تہ سنتاجي گهورپڙي ۽ وٺوجي چوهاڻ بادشاهہ جي ڇانوڻيءَ تي اوچتو حملو ڪري سندس تنبوءَ تي لڳل سوني چوٽي ڪپي آيا.

**جنجيءَ کي گهيرو :** رائگڙهه فتح ڪرڻ ڪانپوءِ بادشاهہ ذوالفقار خان کي ڏکڻ ۾ جنجيءَ لاءِ روانو ڪيو. هن جنجيءَ کي گهيرو ڪيو. مرهٽن ساندهہ اٺ سال قلعي جو بچاءُ ڪيو. سنتاجي ۽ ڏناجي گهيرو ڪيل مغل لشڪر تي اوچتا حملا ڪيا. آخر راجارام مهاراج گهيري مان ٻاهر نڪري آيا ۽ مهاراشٽر ۾ واپس موٽيا. ان ڪانپوءِ ذوالفقار خان جنجيءَ جو قلعو کٽي ورتو. راجارام مهاراج جي مهاراشٽر موٽڻ تي مرهٽن جو زور اڃا وڌي ويو. هنن مغلن جي خانديش، ورهاڙ، باگلاڻ علائقن تي حملا ڪيا. راجارام مهاراج پنهنجي سمجهہ ۽ چترائيءَ سان سنتاجي ۽ ڏناجيءَ جهڙا سيڪڙو وير تيار ڪيا. هنن ۾ سؤراج جي پريرڻا پيري. پر ان وچ ۾ ۲ مارچ ۱۷۰۰ تي راجارام مهاراج بيماريءَ سبب سنهگڙهہ ۾ گذاري ويو. راجارام مهاراج سمجهوُ ۽ هردل عزيز سڀاءَ وارو هو. مرهٽي راڄ جي قابل ماڻهن کي هن گڏ آندو ۽ انهن ۾ اتساهہ پريو. سمڀاجي مهاراج ڪانپوءِ هُن لڳاتار ۱۱ سال هن اؤرنگزيب جو ڌيرج ۽ همٿ سان مقابلو ڪيو. نازڪ حالتن ۾ سؤراج جي رکيا راجارام مهاراج جو وڏو ۾ وڏو ڪاريہ هو. رياستڪار گو.س. سرديسائي ڇترپتيءَ راجارام مهاراج جو بيان 'استر ٻُڌي' يعني پڪي ارادي وارو ڪيو آهي. اهو سچ پچ ٺهندڙ آهي.

**مهاراڻي تاراٻائي :** ڇترپتي راجارام مهاراج جي مؤت ڪانپوءِ اؤرنگزيب کي لڳو تہ اسان کٽي وياسين. پر حالتون انجي اُبتڙ هيون. اؤرنگزيب پل ننڍيون ننڍيون لڙايون کٽي رهيو هو پر هو يُڌ کٽي نہ پيو سگهي. خوب



**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

ڏناجيءَ کان مغل سئنڪ ايترو ڏڪندا هئا جو گهوڙو پاڻي پيئندي ٻيهي رهندو هو تہ چوندا هئا، ''چوڙي توپاڻيءَ ۾ ڏناجي ڏٺو ڇا؟''

ڏکين حالتن ۾ سوراج جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ راجارام مهاراج جي قابل زال تاراٻائي اڳيان آئي.

### ڪري ڏسو

- توهانجي پسگردائيءَ ۾ الڳ الڳ ڪيترن ۾ وڏو ڪاريه ڪندڙ عورتن سان ملاقات ڪريو.

مغل اتهاسڪار خافي خان مهاراڻي تاراٻائيءَ لاءِ چوي ٿو ته هوءَ ٻڌيوان ۽ چالاڪ هئي. لشڪري بندوبست ۽ راڄ ڪاروبار بابت گهوٽ جي جيئري ئي هن سُنو نالو ڪڍايو هو.

ڇترپتي راجارام مهاراج جي مؤت ڪانپوءِ هُن پنهنجن سردارن جي مدد سان تمام چڙهائي ڪئي. تاراٻائيءَ لڙائيءَ جي ايراضيءَ جو وستار ڪيو. ڪرشڻا جي ساونت، ڪنڌيراو داڀاري، ڌناجي جاڌو، نيماجي شنڌي، اهي سردار مهاراشٽر کان ٻاهر مغلن خلاف وڙهندا رهيا. مرهٽن جو پاسو مضبوط ٿي رهيو هو.

مهاراڻي تاراٻائيءَ ست سال مقابلو ڪري راڄ بچايو. سڄو ڪاروبار هٿ ۾ ڪٽي سردارن کي سوراج جي ڪاريه ۾ شامل ڪيو. سرونڄ، منڌسؤر، مالوا تائين مرهٽي سردار مغلن خلاف لڙائي ڪرڻ لڳا. خافي خان لکي ٿو ته ”راجارام جي زال تاراٻائيءَ خوب واهه واهه حاصل ڪئي. ان ۾ سندس لشڪري اڳواڻيءَ چڙهاين جي بندوبست جو گڻ چٽي نموني ظاهر ٿئي ٿو. انڪري مرهٽن جا حملا ۽ سندن نالو ڏينهن پوءِ ڏينهن وڌندا ويا.

اهڙي نموني ڇترپتي شواجي مهاراج



مهاراڻي تاراٻائي

ڏکين حالتن ۾ سوراج لاءِ ويڙهه ڪامياٻيءَ سان چالوُ رکي. اؤرنگزيب ستارا، پنهالا اهي مرهٽن جا علائقا ڪٽي ورتا. مرهٽن مغلن جي مڌيه پرديش، گجرات انهن ايراضين ۾

### چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

مهاراڻي تاراٻائي ڇاپامار لڙاين جو خوب اُپيوگ ڪيو. اؤرنگزيب جي لشڪر اڳيان مرهٽن جي طاقت گهٽي گهٽ هئي. اؤرنگزيب قلعو فتح ڪرڻ لاءِ اُنکي گهيرو ڪندو هو. وڌ ۾ وڌ وقت تائين مرهٽا اهو قلعو بچائيندا هئا. چؤماسي کان اڳ مرهٽي قلعدار ڏوکو ڪيو، ائين ڏيکاري اؤرنگزيب کان رشوت وٺي قلعو هن کي ڏنو ويندو هو. قلعدار اُها رقم مرهٽي خزاني ۾ جمع ڪرائيندو هو. اؤرنگزيب جي قلعي ۾ ملڪيت، اناج، گولا بارود رکندي ئي تاراٻائي وري اهو قلعو ڪٽي وٺندي هئي. تاراٻائيءَ جي ان لشڪري طريقي کي ’سيف ڊپازٽ لاڪر سسٽم‘ چوندا آهن.

جي پراڪرم جو ورثو مهاراڻي تارابائيءَ اڳتي هلايو. مرهٽن جي اوچتن حملن سبب اؤرنگزيب نراش ٿي ويو. ساندهه



## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

تارابائيءَ جي قابليت جو بيان ڪندي ’شوپارت‘ ڪنڊڙ پرمانند جو پٽ ڪوي ديودت چوي ٿو،

*ताराबाई रामराणी । भद्रकाली कोपली ।*
*दिल्ली झाली दीनवाणी । दिल्लीशाचे गेले पाणी ।*
*रामराणी भद्रकाली । रणरंगी क्रुद्ध झाली ।*
*प्रयत्नाची वेळ आली । मुगल हो सांभाळा ।।*

پنجويهه ورهيه مغل - مرهٽا ويڙهه ذاري رهي. مرهٽن کي مغل نه جهڪائي سگهيا. انهن حالتن ۾ اؤرنگزيب بادشاهه جي ۱۷۰۷ ۾ مؤت ٿي. سندس مؤت سان گڏ مرهٽن جي آزاديءَ جي لڙائي پوري ٿي.

مرهٽن جي اها آزاديءَ جي لڙائي مغل حڪمرانن جي سامراجيه جي لالچ ۽ مرهٽن جي آزاديءَ جي تيز اڇا وچھ ۾ هئي. ان ۾ مرهٽا ڪٽيا. فقط ايترو نه پر پوءِ واري وقت ۾ اؤرنگزيب جي مؤت سبب پيدا ٿيل سياسي خال ڀرڻ ۾ مرهٽا اڳتي رهيا. دهليءَ جي تخت تي اثر ڄمائي هنن لڳ ڀڳ سڄي هندستان جو ڪاروبار سنڀاليو ۽ اُنجو بچاءُ به ڪيو. انڪري ارڙهين صدي، مرهٽن جي مڃي ويندي آهي. ان صديءَ ۾ مرهٽن جي ڪاريه جو اتهاس اسان ايندڙ باب ۾ ڏسنداسين.



## ڀياس

### ١. مناسب متبدل جواب چونڊيو.

(١) اؤرنگزيب هنجي بهادريءَ سبب چڙيل هو.
(الف) شهزادو اڪبر (ب) ڇترپتي سمڀاجي مهاراج (ٻ) ڇترپتي راجارام مهاراج

(٢) بادشاهہ جي تنبوءَ جي سوني چوٽي ڪپيندڙ
(الف) سنتاجي ۽ ڌناجي (ب) سنتاجي گهورپڙي ۽ وٺوجي چوهاڻ (ٻ) ڪنڊو بلاڙ ۽ روپاجي ڀوسلي

(٣) گوئاجي لڙائيءَ ۾ بيحد بهادري ڏيکاريندڙ
(الف) ييساجي ڪنڪ (ب) نيماجي شندي (ٻ) پرهلاد نڙاجي.

### ٢. باب مان ڳولهيو.

(١) سمڀاجي مهاراج کي جنجيرا جي چڙهائي اڌ ۾ ڇڏي واپس ڇو موٽڻو پيو؟

(٢) سمڀاجي مهاراج پورچوگيزن کي سبق سيکارڻ جو فيصلو ڇو ڪيو؟

(٣) راجارام مهاراج جنجيءَ وڃڻ وقت سوَراج جي بچاءَ جي جوابداري ڪنهن کي سوَنپي؟

(٤) مهاراڻي تاراٻائيءَ جي بهادريءَ جو بيان ديودت ڪويءَ ڪهڙن لفظن ۾ ڪيو آهي؟

### ٣. لکو تہ ڇو؟

(١) اؤرنگزيب پنهنجو رخ عادلشاهي ۽ قطبشاهي راڄن ڏانهن ڪيو.

(٢) سمڀاجي مهاراج ڪانپوءِ مغلن سان سخت لڙائيءَ لاءِ مرهٽا تيار ٿيا.

(٣) مهاراڻي ييسوٻائيءَ جي اڳوانيءَ ۾ رائگڙهہ جو بچاءُ ڪجي اهو فيصلو ڪيو ويو.

### مشغولي

ڀارت جي نقشي ۾ گوئا، بيجاپور، گولڪنڊا، جنجي، احمدنگر اهي جڳهيون ڏيکاريو.



جنجي قلعو

# ١٠ . مرهٽا حڪومت جو وستار

مرهٽن جي آزاديءَ جي لڙائيءَ جي شروعات ۾ مغل حملاور هئا ۽ مرهٽا بچاءَ جي حالت ۾ هئا. پر آزاديءَ جي لڙائيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ بازي ڦري ويئي. مرهٽن چڙهائي ڪرڻ ۽ مغلن پنهنجي بچاءُ ڪرڻ جي نيتي اختيار ڪئي. ارڙهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ مرهٽن مغل حڪومت کي جهڪائي لڳ ڀڳ سڄي ڀارت ۾ پنهنجو جهنڊو جهولايو. انهن ڳالهين جو اڀياس اسين هن باب ۾ ڪنداسين.

**شاهو مهاراج جو ڇوٽڪارو :** اؤرنگزيب بادشاهه جي موت کان پوءِ سندس پٽن ۾ دهليءَ جي بادشاهت کي اچي جهيڙو متو. شهزادو اعظم شاهه ڏکڻ ۾ هو. بادشاهي تخت حاصل ڪرڻ لاءِ هوُ ترت دهليءَ ڏانهن روانو ٿيو. راجڪمار شاهوُ سندس قبضي ۾ هو. اعظم شاهه ويچار ڪيو ته شاهوءَ کي آزاد ڪرڻ سان شاهوُءَ ۽ راڻي تارابائيءَ جي وچ ۾ ڇترپتيءَ جي گديءَ لاءِ ڇڪتاڻ ٿيندي ۽ مرهٽن جي طاقت ڪمزور ٿيندي. تنهنڪري هُن شاهو مهاراج جو ڇوٽڪارو ڪيو.

**شاهوُ مهاراج جي تاجپوشي :** قيد مان آزاد ٿيڻ تي شاهو مهاراج مهاراشٽر ڏانهن وڌيو. ڪيس کي مرهٽا سردار اچي گڏ ٿيا. مهاراڻي تارابائيءَ شاهوُ مهاراج جو ڇترپتي پد تي حق قبول نه ڪيو. پٽي ضلعي ۾ ڀيما نديءَ جي ڪناري تي کيڙ وٽ مهاراڻي تارابائي ۽ شاهوءَ جي سئنڪن ۾ لڙائي ٿي. ان لڙائيءَ ۾ شاهو مهاراج جي سوڀ ٿي. هن ستارا فتح ڪري ورتو. پنهنجي تاجپوشي ڪرائي ورتي. ستارا مرهٽي راڄ جي راڄڌاني بڻي.



شاهو مهاراج

ڪجهه وقت شاهوُمهاراج ۽ مهاراڻي تارابائيءَ وچ ۾ ورود چالو رهيو. ١٧١٠ ۾ مهاراڻي تارابائيءَ پنهالاڳڙهه ۾ پنهنجي نابالغ پٽ شواجي (ٻئين) کي ڇترپتي ظاهر ڪيو. ان ڪانپوءِ مرهٽي راڄ ۾ ستارا ڪانسواءِ ڪولهاپور جو راڄ به وجود ۾ آيو.

شاهوُمهاراج جا پهريان سال مغلن جي چانوٽيءَ ۾ گُذرڻ سبب، هن مغلن جي سياست چڱيءَ طرح ڏٺي هئي. مغلن ۽ اُتر ڀارت جي راڄ ڪاروبار جون سنهيون ٿلهيون ڳالهيون هن سمجهي ورتيون هيون. مغلن جي طاقت ۽ ڪمزورين جي هنکي ڄاڻ هئي. مغل سلطنت جي مکيه ماڻهن سان هن جي سڃاڻپ ٿي ويئي هئي. اهي سڀ ڳالهيون هنکي مرهٽن جي سياست جو طرف مقرر ڪرڻ لاءِ ڪم ۾ آيوُن. مرهٽي راڄ جي خاتمي جي اؤرنگزيب جي نيتي هُنجي وارثن ڇڏي ڏني هئي. انڪري هاڻي هنجو ورود ڪرڻ بدران سندن رکيا ڪندڙ ٿي ڪري پنهنجي طاقت جو وستار ڪجي، اهڙي نيتي مرهٽن اختيار ڪئي. نئون مندر ٺاهڻ جو جيترو ثواب ملندو آهي، ساڳيو ثواب پراڻي مندر کي نئون روپ ڏيڻ سان ملندو آهي، اها مراد ان نيتيءَ پٺيان هئي. مغل ستا کي اُتر اولهه جي ايراني، افغاني حملن جو جيترو ڊپ هو اوترو ئي آس پاس جي پٺاڻ، راجپوت، جاٽ،روهيلن جهڙين مڪاني حڪومتن جي حملن کان هو.ان ڪانسواءِ درٻار ۾ هلندڙ ڇتاڀيتي ۽ جهيڙي سبب مغل حڪومت اندران پوري ٿي ويئي هئي. انڪري دهلي جي تخت کي مرهٽن جي مدد جي ضرورت هئي.

**بالاجي وشوناٿ :** شاهوُ مهاراج مغلن جي قيد مان ڇُٽي بالاجي وشوناٿ کي پيشوا ڪيو. بالاجي اصل ڪونڪڻ جي شريوردڻ ڳوٺ جو هو.

هو سنو ڪاروباري ۽ آزمودگار انسان هو. هن انيڪ سردارن کي سمجهايو تہ شاهو مهاراج ئي مرهٽي حڪومت جو سچو وارث آهي ۽ ڪين شاهو مهاراج طرف آندو.

ڪانهوجي آنگري مرهٽي آرماڙ جو وڏو هو. هن مهاراڻي تارابائيءَ جو پاسو ڪنيو. هن شاهوُ مهاراج جي ايراضين تي حملا ڪيا. شاهوُ مهاراج اڳيان مشڪل حالت پيدا ٿي ويئي. هُن بالاجيءَ کي ڪانهوجي آنگري خلاف چاڙهي موڪليو. بالاجيءَ ڀُڏ ٽاري، سياڻپ سان ڪانهوجيءَ کي شاهوُ مهاراج طرف آندو.

**چوٿ ۽ سرديشمکي ڊلون :** مهاراشٽر ۾ شاهوُ مهاراج جي گدي مضبوط ڪري بالاجيءَ پنهنجو ڌيان اُتر وارين راڄ ڪاروبار ڏانهن ڏنو. اؤرنگزيب بادشاهہ جي موت ڪانپوءِ دهلي دربار ۾ نفاق ۽ ناسازي پيدا ٿي ويئي هئي. اُتي عبداللهہ (حسن) ۽ حُسين علي انهن سيَد ڀائرن جو زور هئو. انهن جي مدد سان بالاجيءَ ١٧١٩ ۾ مغل بادشاهہ کان ڏکڻ واري مغل پرڳڻن مان چوٿ ۽ سرديشمکي وصوُل ڪرڻ جي سَند حاصل ڪئي. چوٿ مطلب محصوُل جو چوٿون حصو ۽ سرديشمکي مطلب محصوُل جو ڏهون حصو.

**باجيراءُ پهريون :** شاهوُ مهاراج بالاجي وشوناٿ جي سرڳواس ٿيڻ ڪانپوءِ سندس پُٽ باجيراءُ (پهرئين) کي ١٧٢٠ ۾ پيشوا پد تي مقرر ڪيو. پنهنجي ويهن سالن جي ايامڪاريءَ ۾ هن مرهٽي حڪومت جو وستار ڪيو.


باجيراءُ پهريون

**نظام جي پالکيڙ ۾ هار :** مغل بادشاهہ فرروخ صير، نظام - ال - مُلڪ کي ڏکڻ جو صوبيدار مقرر ڪيو. ١٧١٣ ۾ نظام ڏکڻ ۾ پنهنجو آزاد وجود قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. بادشاهہ مرهٽن کي ڏکڻ جي مغل صوبي مان چوٿ - سرديشمکي اُڳاڙڻ جو حق ڏنو هو. نظام ان ڳالهہ جو ورود ڪيو. هُن پٽي جو ڪجهہ حصو ڪٽي ورتو. باجيراءُ نظام کي سڌي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن نظام کي اؤرنگاباد ويجهو پالکيڙ وٽ شڪست ڏني. نظام مرهٽن جو چوٿ ۽ سرديشمکي اُڳاڙڻ جو حق قبول ڪيو.

باجيراءُ ڏٺو تہ مغل حڪومت ڪمزور ٿي ويئي آهي ۽ اُتر ۾ حڪومت وستار ڪرڻ جو موقعو آهي. شاهوُ مهاراج سندس پٺڀرائي ڪئي.

**مالوا :** اڄوڪي مڌيہ پرديش جو مالوا مغلن جي قبضي ۾ هو. باجيراءُ پنهنجي ڀاءُ چماجي آپا جي اڳوانيءَ ۾ ملهار راو هولڪر، راڻوجي شندي اُداجي پوار کي مالوا ڏانهن موڪليو. اُتي هنن پنهنجون چونڪيون مضبوُط ڪيون.

**بُنديلکنڊ :** بُنديلکنڊ اڄ جي اُتر پرديش ۽ مڌيہ پرديش راجين جي جهانسي، پنا، ساگر وغيرهہ شهرن جي ايراضي آهي. بُنديلکنڊ ۾ ڇترسال راجا پنهنجو آزاد راڄ برپا ڪيو هو. الهہآباد جي مغل صوبيدار محمد خان بنگش بُنديلکنڊ تي حملو ڪيو. هن ڇترسال کي شڪست ڏني تڏهن ڇتر سال باجيراءُ کان مدد گهُري.

باجيراءُ وڏي فوج کڻي بنديلکنڊ ويو. هن بنگش کي هارايو. ڇترسال باجيراءُ جو خوب سنمان ڪيو. اهڙيءَ ريت مالوا ۽ بنديلکنڊ ۾ مرهٽن پنهنجو ڏاڪو ڄمايو.

باجيراءُ بادشاهہ کان مالوا جي صوبيداريءَ جي گهر ڪئي. بادشاهہ اها گهر

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ڇترسال مدد لاءِ باجيراوَ کي خط لکيو. اُن ۾ هن لکيو، ”جو گت آهه گجيندر کي وهه گت آئي هئه آج. باجي جان بُنديل کي، باجي راکو لاج“ (مگرمڇ جي هاٿيءَ جو پير پڪڙڻ جهڙي اڄ منهنجي حالت ٿي آهي، مان وڏي مصيبت ۾ آهيان. هاڻي منهنجي لڄ رکو.

نہ مڃي. انکري باجيراءُ مارچ ۱۷۳۷ ۾ دهليءَ تي حملو ڪرڻ جي مقصد سان اُتي وڃي پهتو.

**ڀوپال جي لڙائي :** باجيراءُ جي چڙهائيءَ سبب بادشاهہ بيمار ٿي پيو. هُن دهليءَ جي بچاءَ لاءِ نظام کي گهرايو. نظام وڏو لشڪر وٺي ويو. باجيراءُ ڀوپال ۾ هنکي شڪست ڏني. نظام بادشاهہ وٽان صوبيداريءَ جي سَند وٺي ڏيڻ قبوليو.

**پورچوگيزن جي هار :** ڪونڪڻ پٽي تي وسئي ۽ ٺاڻا پورچوگيزن جي قبضي ۾ هئا. پور چوگيز رعيت تي ظلم ڪندا هئا. باجيراءُ پنهنجي ڀاءُ چماجي آپا کي پورچوگيزن کي مٿائڻ لاءِ موڪليو. هُن ٺاڻي ۽ آس پاس جا علائقا فتح ڪيا. ۱۷۳۹ ۾ هن وسئيءَ جي قلعي کي گهيرو ڪيو. اهو قلعو تمام مضبوط هو. پورچوگيزن وٽ مضبوط توبخانو هو. تنهن هوندي بہ چماجي آپا بيحد ڪوشش سان گهيرو ڪري پورچوگيزن کي پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪيو. وسئيءَ جو قلعو ۽ پورچوگيزن جو گهڻو ملڪ مرهٽن جي هٿ ۾ آيو.

**باجيراءُ جو موت :** ايران جو بادشاهہ نادرشاهہ ڀارت تي ڪاهي آيو. باجيراءُ شاهومهاراج جي منظوري وٺي، وڏي فوج ڪٽي اُتر ڏانهن نڪتو. هنجي برهانپور پهچڻ تائين نادرشاهہ دهليءَ مان خوب ملڪيت لٽي واپس موٽي ويو. اپريل ۱۷۴۰ ۾ نرمدا جي ڪناري راويرکيڙيءَ وٽ باجيراءُ گذاري ويو. باجيراءُ سنو سئناپتي هو. پنهنجي پراڪرم سان هُن اُتر ڀارت ۾ مرهٽن جي طاقت ڄمائي. هن مرهٽا حڪومت کي سڄي ڀارت ۾ هڪ مضبوط طاقت بڻايو. هنجي وقت ۾ شندي، هولڪر، پوار، گائڪواڙ اهي گهراڻا اڳيان آيا.

## اڀياس

**١. معنيٰ لکو.**

(١) چوٿ -

(٢) سرديشمکي -

**٢. هڪ لفظ ۾ لکو.**

(١) بالاجي اصل ڪونڪڻ جي هن ڳوٺ جو هو..........

(٢) بنديلکنڊ ۾ هنجو راڄ هو..........

(٣) باجيراءُ جو موت هن جڳهہ تي ٿيو..........

(٤) پورچوگيزن کي شڪست ڏيندڙ..........

**٣. هيٺين بابت لکو.**

(١) ڪانهوجي آنگري (٢) پالکيڙ جي لڙائي.

(٣) بالاجي وشوناٿ (٤) باجيراءُ پهريون.

**٤. سبب لکو.**

(١) مرهٽي حڪومت جا بہ الڳہ راڄ بڻيا.

(٢) اعظم شاهہ ڇترپتي شاهوُ مهاراج کي قيد مان آزاد ڪيو.

(٣) دهلي دربار کي مرهٽن جي مدد جي گهرج هئي.

**مشغولي**

مهاراڻي تارابائيءَ جي جيوني حاصل ڪيو. سندن جيون جا وٽندڙ واقعا ڪلاس ۾ اداڪاري ڪري پيش ڪريو.

# ١١. راشٽر جي رکيا ڪندڙ مرهٽا

شاهو مهاراج باجيراءُ کان پوءِ سندس پٽ بالاجي باجيراءُ عرف ناناصاحب کي پيشوا بڻايو. نادر شاهه جي حملي کانپوءِ دهليءَ ۾ استرتا وارو ماحول پيدا ٿيو هو. اهڙي حالتن ۾ اُتر ۾ مرهٽن جي راڄ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ نانا صاحب پيشوا ڪوششون ڪيون.

احمدشاهه ابداليءَ پاڻيپت ۾ مرهٽن اڳيان للڪار پيش ڪئي. انهن ڳالهين جو اڀياس اسان هن باب ۾ ڪنداسين.

اُتر طرف حالتون : ايوڌيا پرانت جي اُتر اولهه ۾ هماليه جي ترائيءَ واري ڀاڱي کي ارڙهين صديءَ ۾ روهيل ڪنڊ چوندا هئا. افغانستان مان آيل پٺاڻ ان ڀاڱي ۾ اچي رهيا هئا. ڪين روهيل چوندا هئا. گنگا جمنا ندين جي دوآبن واري ايراضيءَ ۾ روهيلن ڀاڄڙ مچائي ڇڏيو هو. انهن جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ايوڌيا جي نواب مرهٽن کي گهرايو. مرهٽن سندن بندوبست ڪيو.

افغانن سان ويڙهه : افغانستان جي بادشاهه احمدشاهه ابداليءَ کي ڀارت جي ملڪيت ڪشش ڪندي هئي. ١٧٥١ ۾ هن پنجاب تي حملو ڪيو. مغلن جي علائقن ۾ حالتون خراب هيون. انڪري مغلن کي ابداليءَ جي حملي جو ڊپ هو. ان حالت ۾ ڪين مرهٽن جي مدد وٺڻ ضروري لڳو. بادشاهه کي مرهٽن جي طاقت ۽ ايمانداريءَ جي خاطري هئي. دهليءَ جي حفاظت لاءِ مرهٽن جيتري ٻي مضبوط طاقت ٻه نه هئي. انڪري بادشاهه ١٧٥٢ مرهٽن سان هڪ عهدنامو ڪيو. ان عهدنامي موجب مرهٽن روهيلن، جاٽ، راجپوٽ، افغان وغيره دشمنن کان مغل حڪومت جو بچاءُ ڪرڻ قبوليو. ان جي عيوض ڪين روڪ رقم ملڻي هئي. ان کانسواءِ سنڌ پنجاب، ملتان، راجپوٽانا، روهيل ڪنڊ جي ڀاڱن مان چوٿ وصول ڪرڻ جو حق مليو. اجمير ۽ آگرا انهن پرانتن جي صوبيداري پڻ حاصل ٿي.

ان عهدنامي موجب ڇترپتيءَ پيشوا، شندي ۽ هولڪر جون فوجون دهليءَ جي بچاءَ لاءِ موڪليون. مرهٽا دهليءَ ڏانهن روانا ٿيا. اها خبر ملندي ئي ابدالي پنهنجي وطن واپس موٽيو. مرهٽا دهليءَ تائين پهتا. مرهٽن ڪري ابداليءَ جو سنڪٽ ٽري ويو. انڪري بادشاهه مغلن جي صوبن جو چوٿ جو حق مرهٽن کي ڏنو. انهن صوبن ۾ قابل، ڪنڌار ۽ پيشاور به شامل هئا. اهي صوبا ڀهرين مغل حڪومت جا ڀاڱا هئا. هاڻي اهي ابداليءَ جي افغانستان ۾ هئا. عهدنامي موجب اهي صوبا ابداليءَ کان کٽي مغلن جي راڄ ۾ جوڙڻ مرهٽن جو فرض هو. ٻئي پاسي گهٽ ۾ گهٽ پنجاب تائين پاڻ افغانن جي قبضي ۾ آڻڻ جي ابداليءَ جي اِڇا هئي اِنڪري اڄ نه



پيشوا نانا صاحب

سپاٽي مرهٽن ۽ ابداليءَ وچ ۾ يڌ ٿيڻ لازمي هو.

نانا صاحب پيشوا جو ڀاءُ رگهوناٿ راو، جياپا شنڌي ۽ ملهارراو هولڪر کي وٺي اُتر ڀارت ۾ ابداليءَ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ويو.

اُتر جي حڪومتن مڪاني جي لحاظ کان ڏکڻ جا مرهٽا سنڌن مقابلو ڪندڙ ٿي پيا. مرهٽن جو وسيع نظريو نہ سمجهي ڪين مدد ڪرڻ عيوض هو شانت رهيا. ڪين مرهٽن جو دهلي دربار ۾ دٻدٻو ۽ دست اندازي نہ پئي وڻي. پر تہ بہ سُورجمل جاٽ ۽ راڻي ڪشوري ڀاٽيپت جي لڙائيءَ ۾ زخمي مرهٽن کي مدد ڪئي.

ساڳئي وقت اُتر جي ڪن ڪٽر پنٿي ماڻهن مرهٽن کي ٻئي ڌرم جا سمجهي، مرهٽن جو دٻدٻو گهٽائڻ لاءِ ابداليءَ کي هندستان تي حملو ڪرڻ لاءِ گهرايو. ابدالي مرهٽن کي شڪست ڏيئي ڪين نرمدا نديءَ جي پار هٽائي ڇڏيندو اها ڪين اُميد هئي.

**اٽڪ تي مرهٽن جو جهنڊو جهولڻ :** نجيب خان روهيلن جو سردار هو. اُتر ڀارت ۾ مرهٽن جو زور هوُ سهي نہ سگهيو. نجيب خان جي چوڻ تي ابدالي ڀارت تي ٻيهر چڙهائي ڪئي. اها سندس ڀارت تي پنجين چڙهائي هئي. هن دهلي فتح ڪري ورتي. لوٽمار ڪري گهڻي دؤلت ڪٺي هوُ افغانستان واپس موٽيو. رگهوناٿ راو ۽ ملهارراو هولڪر وري اُتر ۾ ويا. هنن دهلي ورتي. ابداليءَ جي عملدارن کي ڀڄائي ڪڍي پنجاب فتح ڪيو. ابداليءَ جي سئنڪن جو پيڇو ڪندي مرهٽا ١٧٥٨ ۾ اٽڪ تائين پهتا. اٽڪ تي مرهٽن جو جهنڊو جهوليو اٽڪ شهر اڄ جي پاڪستان ۾ آهي. مرهٽا اٽڪ جي اڳيان پيشاور تائين ڪاهي ويا. پر هنن ڪٽيل علائقن ۾ مناسب بندوبست نہ ڪيو.

**دتاجيءَ جي سورهيائي :** پنجاب هٿ ڪرڻ ۽ نجيب خان کي سڌو ڪرڻ لاءِ پيشوا دتاجي شنڌي ۽ جنڪوجي شنڌي کي اُتر ڏانهن موڪليو. دتاجي اُتر ۾ ويو اُتي نجيب خان ڪيس ڳالهين ۾ اٽڪائي ڇڏيو. ابداليءَ کي مدد جي وينتي ڪئي. نياپو ملندي ئي ابدالي وري ڀارت تي ڪاهي آيو. دتاجي ۽ ابداليءَ جو جمنا جي ڪناري تي بُراڙي گهاٽ تي سامنو ٿيو. زوردار لڙائي لڳي. دتاجيءَ خوب سورهيائي ڏيکاري. پر هن لڙائيءَ ۾

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

دتاجي خوب همٿ سان وڙهيو. پر آخر زخمي ٿي هو ڪري پيو. نجيب خان جو صلاحڪار قطب شاهہ هاٿيءَ تان لهي زخمي دتاجيءَ وٽ آيو ۽ پڇيائين، ”ڪيون پٽيل جي، هماري سات تم اؤر ڀي لڙوگي؟“ دتاجي زخمي حالت ۾ بہ فخر وچان چيس، ”هان، بچينگي تو اؤر ڀي لڙينگي.“



سدا شِو راو ڀائو




کيس وير گتي حاصل ٿي.

**سدا شِو راو ڀائوُ :** ابداليءَ کي هٽائڻ لاءِ ناناصاحب پنهنجي سدا شِو راو ڀائوُ ۽ وڏي پٽ وشواس راو کي اُتر ڏانهن موڪليو. سدا شو راو ڀائو چماجي آپا جو پٽ هو.

هن وٽ وڏو لشڪر ۽ زوردار توبخانو هو.

ابراهيم خان گاردي سندس توبخاني جو مکيه هو.

ان توبخاني جي زور تي هن ١٧٦٠ ۾ لاتور ضلعي جي اُدگير ۾ نظام کي شڪست ڏني هئي.

پاڻيپت جي لڙائي : اُتر جي چڙهائيءَ ۾ سدا شو راو ڀائو دهلي فتح ڪري ورتي. اُن ڪانپوءِ مرهٽن ۽ ابداليءَ جي سئنا پاڻيپت ۾ آمهون سامهون ٿي. ١٤ جنوري ١٧٦١ تي مرهٽن ابداليءَ تي حملو ڪري لڙائيءَ جي شروعات ڪئي. اها پاڻيپت جي ٽين لڙائي هئي. لڙائيءَ

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

پاڻيپت جي لڙائيءَ ۾ اٽڪل ڏيڍ لک سئنڪ ماريا ويا. هڪ خط ۾ انجو ورڻن هينئين نموني ڪيل آهي.

’ٻه موتي ڳري ويا. ستاويهه مهرون گم ٿي ويون. روپيا پئسا ڪيترا ويا انجو ته حساب ئي ڪو نه آهي!

۾ وشواس راو کي گولي لڳڻ سبب هوُ گذاري ويو. اها ڄاڻ پوندي ئي سدا شِوراو ڀاؤ سُڌ وڃائي دشمن تي وڃي ڪڙڪيو. يڌ جي گوڙ گهمسان ۾ هوُ گم ٿي ويو. پنهنجو اڳوان نه ڏسي مرهٽن جو صبر ٽٽي پيو. ساڳئي وقت ابداليءَ جي محفوظ جٿي تازي دم سان مرهٽن تي حملو ڪيو. مرهٽن جي هار ٿي. مهاراشٽر جي هڪ سڄي پيڙهي ختم ٿي ويئي. ڪيترائي سوروير سردار ڪري پيا.

پرائي ابداليءَ کي هتي راڄ ڪرڻ جو حق نه آهي ان سوچ سان مرهٽا ابداليءَ سان وڙهيا. اسان سڀ هن ديش جا واسي آهيون ابدالي ڌاريو آهي. سداشوراو ڀائو اُتر جي حاڪمن کي اهڙا خط لکي مرهٽن جي ڪشادي سوچ ٻڌائي. پران کي مناسب جواب نه ڏيئي اهي حاڪم اسٽررهيا. اهڙي نموني ڀارت جي رکيا جي جوابداري اڪيلي مرهٽن تي اچي پيئي. ائين ڇئي سگهجي ٿو ته ڀارت هڪ ديش آهي ۽ انجو راجا ڪنهن به ڌرم جو ڇو نه هجي انکي ٽيڪو ڏيڻ جي سمجهه پهريون دفعو مرهٽن ڏيکاري.



پيشوا ماڌوراو

پيشوا ماڌو راو : نانا صاحب پيشوا جي موُت ڪانپوءِ سندن پٽ ماڌوراو پيشوا ٿيو. هُن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ نظام ۽ حيدرعليءَ کي ٺڪاڻي لڳايو. هن اتر ۾ وري مرهٽن جو زور وڌايو.

پاڻيپت جي لڙائيءَ ۾ مرهٽن جي هار ٿيل ڏسي، نظام وري مرهٽن خلاف تحرڪ شروع ڪيو. هن مرهٽي ايراضين تي حملا ڪيا. ماڌوراو هنکي پئنڻ ويجهو راڪشس ڀوُن وٽ شڪست ڏني.

حيدرعلي ميسور جو سلطان هو. پاڻيپت جي لڙائيءَ ۾ مرهٽن جي هار جو فائدو وٺي هن ڪرناٽڪ ۾ مرهٽن جي ايراضين تي حملا ڪيا. مرهٽن شري رنگه پٽڻ ويجهو موتي تلاءُ وٽ ٿيل لڙائيءَ ۾ هنکي هارايو. تڏهن هن تنگيدرا نديءَ جو اُتريون ڀاڱو مرهٽن کي ڏيڻ قبوليو.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ماڌوراو پيشوا ڪسانن جي ڪلياڻ ڏانهن خاص ڌيان ڏنو. کوهه کوٽائي پٽي ۾ پاڻيءَ جي رسد وڌائي. نانا ڦڙڻ ويس جهڙا ڪاروباري ۽ رام شاستري پر ڀٽي جهڙا اوُچ جج سندس وقت ۾ ٿيا. جنتا کي نياءُ ملڻ واسطي هن نياءُ سرشتو سڌاريو. توُبون ۽ گولا باروُد ٺاهڻ جا ڪارخانا شروع ڪيا. سڪا ٺاهڻ لاءِ ٽڪسال شروع ڪيا.

ماڌوراو پيشوا جو موُت ۱۷۷۲ ۾ ٿيو. مرهٽي اتهاس ۾ هُنکي ايماندار، محنتي، محڪم ارادي وارو ۽ عوام جو ڀلو چاهيندڙ حاڪم ڪري ليکيو وڃي ٿو. هن قابل پيشوا جي موُت سبب مرهٽن جي راڄ جو وڏو نقصان ٿيو.

پيشوا ماڌوراو ڪانپوءِ ٿيل پيشوا نارائڻ راو ۽ سوائي ماڌوراو ننڍي عمر ۾ ئي گذاري ويا. سندن ايامڪاريءَ ۾ پيشوائن ۾ اندرين ويڙهه

شروع ٿي ويئي. ڪنهن وقت اٽڪ تي جهنڊو جهولائيندڙ رگهوناٿراو ستا جي لالچ ۾ انگريزن سان وڃي مليو. ان ڪري مرهٽن ۽ انگريزن ۾ يڌ ٿيو. حيدرعلي ١٧٨٢ ۾ گذاري ويو. ان ڪانپوءِ سندس پٽ ٽيپوُ ميسور جو سلطان ٿيو. هوُ نہ صرف بهادر لڙاڪو بلڪ ڪوي ۽ ودوان بہ هو پنهنجي قابليت سان هن پنهنجي راڄ کي وڌايو. هن فرينچن سان ملي انگريزن کي جهٽڪا ڏنا. ١٧٩٩ ۾ هڪ يڌ ۾ انگريزن سان وڙهندي هو گذاري ويو.

**مرهٽي حڪومت جي ٻيهر اسٿاپنا :**
پاڻيپت جي لڙائيءَ سبب اُتر ۾ مرهٽن جي نالي کي چڱو ڌڪ لڳو هو. اُتر ۾ پنهنجي ستا وري اسٿاپن ڪرڻ لاءِ ماڌوراو مهادجي شندي، تڪوجي هولڪر، رامچندر ڪانڊي ۽ وساجي پنت ٻني والي انهن سردارن کي اتيُ موڪليو. مرهٽن جي فوڄن جاٽن، روهيلن ۽ راجپوٽن کي هارايو. بادشاهہ شاهہ عالم کي پنهنجي زيردستيءِ هيٺ دهليءَ جي تخت تي وهاريو. اُتر ۾ مرهٽن جي حڪومت ٻيهر اسٿاپن ٿي.

پاڻيپت جي لڙائيءَ ۾ مرهٽن جو وڏو نقصان ٿيو. ابداليءَ جي فوڄن جو بہ نقصان ٿيو. پاڻيپت جي لڙائيءَ ڪانپوءِ گهڻو مالي فائدو نہ ٿيڻ معنيٰ نقصان ئي ٿيو. انڪري هن يا هن جي وارثن ڀارت تي ٻيهر حملو نہ ڪيو. اُلٽو، اُتر جي ڏانواڏول حالت کي سڌارڻ جي طاقت مرهٽن ۾ ئي آهي، اهو سمجهي مرهٽن کي بادشاهن ماڻڻ گهرجي اهڙي اڇا ظاهر ڪئي. صلح ڪرڻ لاءِ پٽي دربار ۾ عيوضي بہ موڪليو. پاڻيپت جو وڏو نقصان سهي مرهٽا اُتر جي سياست ۾ وري ڪامياب ٿيا، اها وڏي ڳالهہ آهي. اُن ۾ ملهارراو هولڪر، اهليا ٻائي هولڪر ۽ مهادجي شندي مکيہ ڪردار ادا ڪيو.

### پيشوا گهراڻي جو ڪٽنبي درخت





## اڀياس

**١. هي ڪير آهن؟**

(١) افغانستان مان آيل -

(٢) هماليہ جي ترائيءَ ۾ رهندڙ -

(٣) ناناصاحب پيشوا جا پيءُ -

(۴) مترا جي جاٽن جو مکيہ -

(۵) پئنڊ ويجهو راڪشس ڀُون وٽ نظام کي هارائيندڙ -

**٢. ٿوري ۾ لکو**

(١) اٽڪ ۾ مرهٽن جو جهنڊو جهوليو.

(٢) افغانن سان ويڙهہ.

(٣) پاڻيپت جي لڙائيءَ جا اثر.

**٣. وقتي سلسلي موجب لکو.**

(١) راڪشس ڀُون لڙائي.

(٢) ٽيپوُ سلطان جو موت.

(٣) ماڌوراو پيشوا جو موت.

(۴) پاڻيپت جي لڙائي (۵) ٻُراڙي گهاٽ جي لڙائي

**۴. چوُڪنڊي مان باب ۾ آيل نالا ڳولهيو.**

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| م | س | هہ | نا | جا | ن | ڪو | جي |
| ها | جا | د | را | نا | ف | م | تا |
| د | يا | چ | ئہ | پ | صا | ٿ | د |
| جي | پا | ل | ڻ | آ | رُو | ح | پر |
| با | لا | جي | وِ | شو | نا | ٿ | ب |
| اَ | و | لا | ما | ڏ | و | را | و |
| دي | س | دا | شِ | و | را | و | پا |
| م | لها | ر | را | و | ڪ | چِ | ئوُ |

**مشغولي**

انٽر نيٽ جي مدد سان پاڻيپت جي لڙائيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

MH9EA4



سوائي ماڌوراو پيشوا جو دربار

# ١٢. سامراجيه ڏانهن هلچل

هاڻي تائين اسان مرهٽي حڪومت جو اسرڻ ۽ وستار ڏٺو. سوراج استاپنا کان سامراجيه جو سفر ڪيئن طيءِ ٿيو ان جو به اڀياس ڪيو. اُتر ڀارت ۾ ٿيل مرهٽن جي سامراجيه جي وستار ۾ جن گهراڻن جو خاص يوگدان هو. انهن بابت اسين هن باب ۾ ٿوري ۾ پڙهنداسين.

**اندور جو هولڪر:** اندور جي ستا جي استاپنا ڪندڙ ملهارراو هو. هن وڏو عرصو مرهٽي راڄ جي شيوا ڪئي. گوريلا لڙائيءَ ۾ هو ماهر هو. پهرئين باجيراءُ ۽ نانا صاحب پيشوا جي وقت ۾ هن اتر ۾ سورهيائي ڏيکاري. مالوا ۽ راجپوتانا ۾ مرهٽن جي طاقت ڄمائڻ هن جو وڏو هٿ هو.



ملهارراو هولڪر

پاڻيپت ڪانپوءِ اتر ۾ مرهٽن جو نالو وڌائڻ ۾ هنجي گهڻي مدد ملي.

پڻيه شلوڪ اهليابائي ملهارراو جي پٽ ڪنڊيراو جي زال هئي. ڪنڊيراو جو ڪُنڀيريءَ جي لڙائي ۾موت ٿيو. ڪجهه وقت پوءِ ملهارراو جو به موت ٿيو



اهليا بائي هولڪر

انکانپوءِ اندور جي ڪاروبار جون واڳون اهليابائي جي هٿن ۾آيون. هوءَ مهان، ڀڳتيوان ۽ بهترين ڪاروباري هئي. هن نوان قاعدا ٺاهي ڪيتيءَ جي ڊل ۽ محصولي ڊل ڪي انتظام ۾آندو. اجائي زمين پوک هيٺ آڻڻ، ڪسانن کي کوهه کوٽائي ڏيڻ، واپار، هنرن کي همٿائڻ، تلاو ٺاهڻ وغيره لاءِ هن پاڻ پتوڙيو. ڀارت جي چئني طرفن ۾مکيه تيرٿ آستانن تي هن مندر، گهاٽ، مٺ، ڌرم شالائون، پياؤ وغيره ٺهرايا. سندس ديش جي سيپيتڪ ايڪتا جي اها ڪوشش، اهميت واري هئي. هوءَ پاڻ نياءُ ڪندي هئي. هوءَ دانويرءِ ڪتاب پريمي هئي. اٽڪل ٢٨ سال سٺي نموني ڪاروبار هلائي هن اتر ۾مرهٽن جو نالو وڌايو. راڄ ۾شانتي ۽ بندوبست قائم ڪري جنتا کي سکيو ستابو بڻايو. مرهٽا شاهيءَ جي سج لهڻ واري وقت ۾يشونتراءُ هولڪرراڄ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

**ناگپور جا ڀوسلي:** ناگپور جي ڀوسلي گهراڻي جي پرسوجي شندي جي شاهو مهاراج جي وقت ۾ ورهاڙ ۽ گونڊوانا ايراضين جي سند ڏني ويئي. ناگپور جي ڀوسلي مان رگهوجي وڏ ۾ وڏ قابل ۽ سورهيه پرش هو. هن ڏکڻ ۾ ترچراپلي ۽ ارڪات جي آس پاس واري ايراضي مرهٽن جي قبضي ۾ آندي. بنگال، بهار ۽ اوڙيسا پرانتن جي چوٿ وصوليءَ جو حق شاهو مهاراج کين ڏنا هئا. هنن



رگهوجي ڀوسلي

اهي پاڻ مرهٽن جي قبضي ۾ آندا. ١٧٥١ ۾ ناگپور جي ڀوسلي اوڙيسا عليوردي خان کان جيتي ورتي. ١٨٠٣ تائين مرهٽن جو اوڙيسا تي اثر رهيو.

**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

مرهٽا ڍِچ: ڪولڪتا جا انگريز ڀوسلي کان ڊڄندا هئا. مرهٽن جي حملي کان بچاءَ لاءِ هنن ڪولڪتا شهر جي چوڌاري کڏون کوٽائي ڇڏيون. اهي کڏون مرهٽا ڍِچ نالي مشهور آهن.

**گواليار جا شندي:**



مهادجي شندي

باجيراو پهرئين راڻوجي شندي جي قابليت ڏسي کيس اتر ۾ سردار بڻايو. راڻوجي جي موت کانپوءِ سندس ٽنهي پٽن، جياپا، دتاجي ۽ مهادجي به سورهيائي ڏيکاري اتر ڀارت ۾ مرهٽن جي طاقت اسٿاپت ڪئي.

ماڌوراو پيشوا مهادجي شندي کي اڳوان بڻايو. هو وير ۽ چتر هو. پاڻيپت جي هار کانپوءِ اتر ڀارت ۾ هن مرهٽن جو نالو ۽ طاقت اسٿاپت ڪئي. هن ڄاتو ته اُتر ڀارت جي ميداني ڀاڱن ۾ مرهٽن جي ڇاپامار لڙائي ڪم نه ڪندي. ڊبائين هنن فرينچ لشڪري ماهر جي اڳواڻي هيٺ هن پنهنجي لشڪر کي سکيا ڏيارڻ ۽ توبخانو شروع ڪيو. ان قواعد ڪندڙ فوج جي مدد سان ئي هن روهيلن، جاٽن، راجپوتن ۽ بُنديلن کي هارايو.

پاڻيپت جي لڙائي کانپوءِ مرهٽا ڪمزور ٿيا آهن اهو ڏسي انگريز دهلي جي سياست ۾ دخل اندازي ڪرڻ لڳا. هنن بنگال صوبي جا ديواني اڌڪار ورتا. دهليءَ جي بادشاهه کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ پيا چاهين. اهڙين حالتن ۾ مهادجي شندي انگريزن کي پري ڪري بادشاهه کي واپس گديءَ تي وهاريو. ان مان خوش ٿي بادشاهه هن کي 'وڪيل-اي-معطاق' پد ڏنو. يعني هنکي ديواني ۽ لشڪري اڌڪارن جي مختياري ڏني. مهادجي اهو پد پيشوا سوائي ماڌوراو جي طرفان ورتو. ان پد سبب دهلي جي بادشاهت پوريءَ طرح مرهٽن جي ضابطي ۾ اچي وئي. زواليت تي پهتل حڪومت کي سنوارڻ سؤلو ڪم نه هو. بيحد نازڪ حالتن تي مات ڪري گهڻي بُردباريءَ سان ١٧٨٤ کان ١٧٩٤ تائين دهلي جو ڪاروبار سنڀاليو.

پاڻيپت جي لڙائي لاءِ جوابدار نجيب خان جا وارث اڃا به روهيلکنڊ ۾ ڪارناما ڪري رهيا هئا. نجيب خان جي پوٽي غلام قادر لعل قلعو قبضي ۾ ڪري بادشاهه ۽ بيغم کي حيران ڪيو. بادشاهه جون اکيون ڪڍي ڇڏيون ۽ خزانو لوٽيو. مهادجي قادر کي شڪست ڏني. هنجي دٻايل دؤلت بادشاهه کي واپس ڪئي. بادشاهه کي ٻيهر گدي تي وهاريو. اهڙيءَ ريت مهادجي پاڻيپت جي لڙائي کان پوءِ مرهٽن جو شان وڌايو. دهليءَ جي بادشاهه کي اثر هيٺ رکي ڀارت جي سياست هلائي.

پيشوائن ۾ اندرين ڇڪتاڻ سبب رگهوناٿ انگريزن سان ملي ويو هو. انگريزن جي مدد سان پيشوائي حاصل ڪرڻ هنجو مقصد هو. مرهٽن کي اها ڳالهه نه وڻي. تنهنڪري مرهٽا-انگريز لڙائي اٽل هئي. ان لڙائي مان ئي ظاهر ٿيڻو هو ته هندستان تي

راڄ ڪير ڪندو.

انگريز ممبئي کان بورگهاٽ جو رستو وٺي مرهٽن تي ڪاهي آيا. مهادجي شندي جي اڳواڻيءَ ۾ مرهٽي سئنا گڏ ٿي. ڇاپامار لڙائي وسيلي مرهٽن انگريزن کي اناج حاصل ٿيڻ نہ ڏنو. ٻنهي سئنائن جو وڙگاو (هاٽوڪو ممبئي - پڻي رستو) وٽ آمنو سامنو ٿيو. لڙائي ۾ انگريز هارائجي ويا ۽ کين رگهوناٿ کي مرهٽن جي سپرد ڪرڻو پيو.

دهلي تي ١٨٠٣ تائين مرهٽن جو ضابطو هو. مرهٽن سان لڙائي ڪري پوءِ انگريز ڀارت کٽي سگهيا. ان مان مهادجي جي ڪاريگري جي اهميت جي ڄاڻ پوي ٿي. دهليءَ ۾ ڪاروبار جو بندوبست ڪري هوُ پڻي ۾ آيو. پڻي وٽ وانوڙي وٽ هو گذاري ويو. اُتي سندن ياد ۾ هڪ ڇتي ناهيل آهي.



شندي ڇتي - وانوڙي پڻي

شندي، هولڪر، پوسلي وانگر ٻين بہ ڪن سردارن مرهٽي راڄ جي شيوا ڪئي.

شواجي مهاراج جي کڙي ڪيل آرماڙ کي ڪانهوجي ۽ ٽُلاجي آنگري انهن پيءُ پٽن مضبوط بڻايو. انهيءَ آرماڙ جي زور تي هنن پورچوگيزن، انگريزن ۽ شيدي جهڙن درياهي دشمنن کي ٻڃائي رکيو ۽ ڪنار پٽيءَ جي رکيا ڪئي.

سيناپتي کنڊيراو داڀاڙي ۽ هنجي پٽ ترمبڪ راو گجرات ۾ مرهٽي طاقت جو پايو پختو ڪيو. کنڊيراو جي موت کانپوءِ سندس زال اُماٻائي احمدآباد جي مغل سردار کي شڪست ڏني. اتان جو قلعو فتح ڪيو. اڳتي گائڪواڙ گجرات ۾ بڙودا کي پنهنجي حڪومت جو مرڪز بڻايو. مڌيہ پرديش ۾ ڌار ۽ ديواس جي پوار، شندي ۽ هولڪر اُتر ۾ مرهٽن جي طاقت جو وستار ڪرڻ ۾ خوب مدد ڪئي.

ماڌوراو پيشوا جي موت کانپوءِ مرهٽي راڄ جو بندوبست بگڙجي ويو. اهو نانا ڦڙنويس ۽ مهادجي شندي درست ڪيو. مهادجي اُتر ڀارت ۾ مرهٽن جي طاقت ڄمائڻ ۾ رڌل هو ۽ ڦڙنويس ڏکڻ طرف ڪاروبار جون واڳون هٿ ۾ کنيون. ان ڪاريہ ۾ هنکي پٽورڌن ، هري پنت ڦڙڪي، راستي وغيرہ مدد ڪئي. ان سبب مرهٽن جو ڏکڻ ۾ ضابطو وڌيو. اندور جو هولڪر، ناگپور جو پوسلي، گواليار جي شندي، بڙودا جي گائڪواڙ انهن سورهيائي، اڳواڻي ۽ قابليت جي گڻن وسيلي مرهٽن جو نالو ڪڍايو.



نانا ڦڙنويس

هو مرهٽي سٽا جا آخرين بنيادي ٿنڀا هئا. اتر ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ مرهٽن جي اڳواڻي اسٿاپت ڪرڻ ۾ مرهٽا سردار ڪامياب ٿيا. پر مهادجي شندي ۽ نانا ڦڙنويس جي موت کانپوءِ ان سٽا کي گرهڻ لڳو. ان وقت ۾ رگهوناٿراو جو پٽ باجيراو ٻيون پيشوا هو.

هن ۾ اڳواڻي جا گڻ نه هئا. بلڪ ڪيترائي نقص هئا. هو مرهٽا سردارن جي ايڪتا قائم نه رکي سگهيو. مرهٽي سردارن ۾ آپسي ڦوٽ سبب مرهٽي ستا پوري ٿي وئي. انهن گهٽن ئي سببن ڪري مرهٽن جو اتر ۽ ڏکڻ ۾ زور گهٽيو. مرهٽن جي جڳهه انگريزن ورتي. ١٨١٧ ۾ انگريزن پٽي ۾ قبضي ۾ ڪري پنهنجو جهنڊو 'يونين جئڪ' ڦهرايو. ١٨١٨ ۾ شولاپور ۾ آشٽيءَ جي لڙائي ۾ انگريزن مرهٽن کي شڪست ڏني.

مرهٽن جي ستا ختم ٿي. اها گهٽنا ڀارت جي اتهاس ۾ وڏو بدلاءُ ڪندڙ ثابت ٿي. ان گهٽنا ڪانپوءِ انگريزن ڀارت جو گهڻو ڀاڱو پنهنجي قبضي ۾ آندو. ڀارت جو مغربي دنيا سان ناتو جڙيو. ڀارتي سماج ۾ به چڱيون تبديليون آيون. جهونيون ڳالهيون بي اثر ٿي غائب ٿي ويون. حالتن ۾ وڏو بدلاءُ آيو. ڀارت جي اتهاس جو وچولو زمانو ختم ٿيو. هاڻوڪو زمانو شروع ٿيو.

## اڀياس

**١. هڪ لفظ ۾ لکو :**

(١) اندور جي راڄ ڪاروبار جون واڳون سنڀاليندڙ.

(٢) ناگپور ڀوسلي گهراڻي جو قابل ۽ سورهيه مرد.

(٣) دهليءَ جي گديءَ تي بادشاهه کي ڀيهر اسٿاپت ڪندڙ.

(۴) ڏکڻ جي راڄ ڪاروبار جون واڳون سنڀاليندڙ.

**٢. وقتي سلسلي موجب لکو :**

(١) آشٽي جي لڙائي (٢) مرهٽن جو اوڙيسا تي قبضو (٣) انگريزن پٽي ۾ يونين جئڪ ڦهرايو

**٣ : هيٺين بابت لکو :**

(١) اهلياباڻي هولڪر جا ڪيل ڪم.

(٢) مهادجي شندي جو پراڪرم.

(٣) گجرات ۾ مرهٽي ستا.

**۴ :** مرهٽن ستا ختم ٿيڻ جي سببن بابت ڪلاس ۾ بحث ڪريو.

### مشغولي

مرهٽي ستاجي وستار ۾ يوگدان ڏيندڙ گهراڻن جي چاڻ ۽ چتر گڏ ڪريو. اسڪوُل ۾ سندن نماءُ ڪيو.



شنيوارواڙا - پٽي

# ١٣ . مھاراشٽر جو سماجڪ جيون

چترپتي شواجي مھاراج جو اسٿاپت ڪيل ھندوي سوراج، رعيت جو راڄ ھو. رعيت جو ڪلياڻ ٿئي، ماڻھن تي انياءُ نہ ٿئي،مھاراشٽر ڌرم جي رکيا ٿئي اھو سندن ڪشادو مقصد ھو. شواجي مھاراج ڪانپوءِ بہ مرھٽي راڄ جو اٽڪل سڄي ڀارت ۾ وستار ٿيو. مرھٽن جي سٺا اٽڪل ١٥٠ سال رھي.

مرھٽي راڄ جي ڪاروبار جي ڄاڻ اسين اڳين ڀاڱن ۾ ڏني. ھن باب ۾ اسين ان وقت جي سماجڪ حالتن ۽ لوڪ جيون بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

**سماجڪ حالتون :** کيتي ۽ کيتيءَ تي آڌارت ھنر ڳوٺ جي سطح تي پيدائش جا مکيہ وسيلا ھئا. ڳوٺ ۾ پاٽيل کي ڳوٺ جي بچاءُ ۽ ڪلڪرڻيءَ کي محصول ڏسڻ جي جوابداري ھئي. ھنکي محصول مان بہ ڪجھ حصو ملندو ھو. بلوُطيدارن کي پنھنجي ڪم جي عيوضو شين جي روپ ۾ ملندو ھو. ڳوٺن ۾ ڏنڏن جا بہ حصا ھئا. ڪارو ۽ اڇو. ڪاري رنگ ۾ ڪم ڪندڙ ڪسان ۽ ٻيا ڪم ڪندڙ اڇي پيشي وارا. سڀ وھنوار آپسي تال ميل وسيلي ھلندو ھو. گڏيل ڪٽنب سرشتي تي زور ھو.



**ڇا توھانکي ڄاڻ آھي؟**

ڳوٺ ۾ لوھارو، سونارو، ڪنير، واڍو وغيرھہ ٻارھان بلوطيدار ھوندا ھئا.

**ريتي رواج :** ھن وقت ۾ ٻال وواھہ ٿيندا ھئا. گھڻين زالن جي رواج ھو. وڌوائن جي پنر وواھہ جا بہ مثال ملن ٿا. انساني انتم سنسڪار جا ساڌڻ، دفن ڪرڻ ۽ وسرجن وغيرھہ طريقا ھئا. ننڍين - وڏين ٻالھين ۽ لڙائين لاءِ بہ مھورت ڏٺو ويندو ھو. سپنن، سڳڻ وغيرھہ تي ماڻھن جو وشواس ھوندو ھو. ديوتائن يا گرھن جو پاپ نہ چڙھي ان لاءِ ھون ڪيا ويندا ھئا. دان ڌرم بہ ڪيو ويندو ھو. جيوتش تي ماڻھن جو وشواس ھو. وگيانڪ نظريي جي ڪمي ۽ علاج کان سانن سڳنن تي زور وڌيڪ ھو.

**رھڻي ڪرڻي :** گھڻا ماڻھو ڳوٺن ۾ رھندا ھئا. ڳوٺ خود پورت ڪندڙ ھئا. ڪين فقط لوڻ جي آمدني ڪرڻي پوندي ھئي. ڪسان جون گھرجون محدود ھيون. ڪسان جوئر، ٻاجھري، ڪٽڪ، ناچڻي، مڪئي، چانور وغيرھہ فصل پوکندا ھئا. ڏوڏو، بصر، چٽڻي ۽ سڪل ڀاڄي روزانو کاڌو ھوندو ھو. وھنوار شين جي ڏي-وٺ وسيلي ٿيندو ھو. ڳوٺن ۾ گھر مٽي ۽ سرن جا ٺھيل ھوندا ھئا. شھر ۾ ھڪ يا ماڙ وارا گھر ھوندا ھئا. شاھوڪارن جو کاڌو ھو چانور، دال، ڦلڪا، ڀاڄيون، کوشمير، ڏھي - کير وغيرھہ. ڌوتي، ڪرتو، جامو، دشالو وغيرھہ پرشن جي پوشاڪ ھئي. استرين جي پوشاڪ ھئي لڱڙو، چولي وغيرھہ.

**ڏڻ وار :** ماڻھو گڙي پاڙوا، ناڳپنچمي، پولو، دسھڙو، ڏياري، ترموري، ھولي، عيد وغيرھہ تيوھار ملھائيندا ھئا. پيشوائن جي وقت ۾ گڻيش اتسو ڌوم ڌام سان ملھايو ويندو ھو. ڇو تہ ھو پاڻ گڻيش ڀڳت ھئا. اھو اتسو بڌي جي چوٿ کان اننت چوڏس تائين ھلندو ھو. دسھڙو ساڍي ٽن مھورتن مان ھڪ ھو. انکري ماڻھو ان ڏينھن کان شڀ ڪم جي شروعات ڪندا ھئا. ان ڏينھن تي ھٿيارن جي پوڄا ڪبي ھئي. ھڪ ٻئي کي سون جا پن (آپٽي جا) ڏيندا ھئا. دسھڙي ڪانپوءِ مرھٽا

چڙهاين لاءِ نڪرندا هئا. ڏياريءَ ۾ ٻڙءِ پاڻوبيج(چنڊ) خاص ملهائيندا هئا. ڳوٺن ۾ ياترائون لڳنديون هيون. اتي ڪستيءُ جا مقابلا ٿيندا هئا. ڳڙي پاڙوا ۾ گُڙي کڙي ڪندا هئا. ٿيوهارن ۾ ناچ گانو، ڀڦلي تي گانا تماشو وغيره ڪاريه ڪرم ٿيندا هئا. 'تماشو' وندر جو مشهور ساڌن هو.

**تعليم :** تعليمي سرشتي ۾ اسڪول ۽ مدرسا هئا. لکڻ، پڙهڻ، حساب ڪتاب گهر ۾



بئل پولو

ئي سيکاريو ويندو هو. وهنوار ۾ موڙي لپي استمعال ٿيندي هئي.

**آمدرفت :** گهاٽ، رستا، ندين تي پلن ذريعي آمدرفت ٿيندي هئي. اناج، ڪپڙو ۽ ٻيو سامان ڍڳن تي ڍوئبو هو. ندين جي آمدرفت ٻيڙين وسيلي ٿيندي هئي. خط-ٽپالون درٻاري ۽ جاسذريعي موڪليا ويندا هئا.

**رانديون :** ان وقت گهٽيئي رانديون کيڏيون وينديون هيون. راند وندر جو وسيلو هو. ڪستي، يڌڪلا مشهور رانديون هيون. تنهن ڪانسواءِ مل ڪانپ، دنڊ، لڪڙي هلائڻ، پٽو هلائڻ وغيره رانديون ڪبيون هيون. کوکو ونجهه وٽي ميداني رانديون ۽ ڳوٺين سان کيڏڻ، شطرنج ويني جون رانديون هيون.

**ڌرمي ويچار :** ان وقت هندو ۽ مسلم اهي ٻه مکيه ڌرم هئا. ڇترپتي شواجي مهاراج



مل ڪانپ

جي ڌرمي نيتي اُدار هئي. هرڪو پنهنجي ڌرم موجب هلي، ٻئي تي پنهنجي ڌرم جي سختي نه ڪري. اهڙي سوچ هئي. پانشالا، مندر، مدرسن ۽ مسجدن کي سرڪار طرفان چندو ملندو هو. ٻنهي ڌرمن جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ڏڻ وار ۾ شامل ٿيندا هئا. وارڪري، مهانڀو، دت، ناٿ، رامداس اهي پنٿ هلندڙ هئا.

**عؤرتن جو جيون :** عؤرتن جو جيون تڪليف مند هو. پيڪا ۽ ساهرا صرف اهائي سندن دنيا هئي. سندن تعليم ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏيندو هو. ڳاڻ ڳٽين عورتن کي لکڻ پڙهڻ، ڪاروبار ۽ جنگي ڪلا جي ڄاڻ هئي. انهن ۾ وير ماتا جيجاٻائي، ييسو ٻائي، مهاراڻي تاراٻائي، اُما ٻائي داڀاڙي، گوپڪا ٻائي، اهليا ٻائي شامل آهن. ٻال وواهه، هڪ ڪان وڌيڪ وواهه، ستي، وڌوا ٽيڪ، غلط وواهه، مٿو ڪوڙڻ، انهن رسمن سبب استرين جو جيون تڪليف وارو ٿي ويو هو.

ع.س. ١٦٣٠ کان ١٨١٠ ان پوءِ ٽا ٻه سؤ

سالن جي عرصي کي مرهٽا شاهي چئجي ٿو. ان عرصي جي ڪلائن بابت ڄاڻ حاصل ڪيون.

**عمارت سازي :** شو زماني ۾ ڪسبا گڻپتي مندر نئين سر ٺهرائڻ، لال محل اڏائڻ، رائگڙهه ۽ راجگڙهه جي اڏاوت، درياهي قلعا اڏائڻ، وغيره ڪم ٿيا. هيروجي اِندُل ڪر ان وقت جو ماهر عمارت ساز هو.

گهرن جي رچنا، عمودي رستا، پاسي کان پٿرن واري اڏاوت، ندي جي ڪناري کان گهاٽ. اهڙي هوندي هئي. پيشوا زماني ۾ پڻي ۾ احمدنگر، بيجاپور جهڙو پاڻيءَ جو بندوبست ڪيو ويو. اتي زير زمين پائيپ، ننڍا بند، باغ، حوض، ڦوهارا ٺهرايا. پڻي ويجهو هڙپسر ۾ دِوي گهاٽ ۾ مستاني تلاو اڏاوت ۾ خاص آهي.

پڻي ۾ شنيوار واڙا، وشرام باغ واڙا، ناسڪ جو سرڪار واڙو، ڪوپرگاو جو رگهوناٿ پيشوا جو واڙو، ساتارڪر ڇترپتي جو واڙو، انڪانسواڙ وائي، ميڻولي، ٽوڪي، شر يگوندي، پنڍرپور جا جهوناواڙا وچولي زماني جي سيينا جا نشان آهن.

واڙن جي اڏاوت ۾ ڪچيون ۽ پڪيون سرون واپرائيندا. لڪڙي ٿنيا، شيخون، لڪڙي جا تختا، پٿر، ڪمانون، گهوٽيل چونو، ڪويلين جو ڇپر، بانبو واپرائيندا هئا. انکي سجائڻ ۾ چِٽ، رنگ، شلپ، آرسيون واپرائيندا هئا.

**مندر :** شو زماني جا مندر يادون جي وقت جا هيمانڊپنتي طريقي ٺهيل آهي. ڪولهاپور جو انبابائي مندر جوتبا ٽڪر وارا مندر، شکرشنگٽاپور جو شنيو مهاديوءَ ويرول جو گهرشٽيشور مندر اڏاوت سازيءَ جا عمدا مثال آهن. پرتاب ڳڙهه تي ڀواني ماتا ۽ گوئا ۾ سپت ڪوٽيشور مندر شواجي مهاراج اڏايا. پيشوا زماني ۾ ناسڪ ۾ ڪالارام مندر، ترمبڪيشور ۾ شومندر، گوداوري-پروار ندين جي سنگم تي هوندڙ ڪائنگاو ۽ ٽوڪي جا شو مندر، نيواسا جو موهني راج مندر، ان وقت ۾ ٺهرايا ويا.



گهرشٽيشور مندر

**گهاٽ :** نديءَ يا سنگم وٽ پڪا پٿري گهاٽ مرهٽا شاهيءَ جي خاصيت آهي. انهن ۾ گوداوري ۽ پروار ندي جي سنگم تي پروار سنگم، ٽوڪي خوبصورت گهاٽ آهي، پڪيون ڏاڪڻون، مناسب وچوٽيءَ تي مفاصلو آهي. گهاٽن جا نظارا وڻندڙ هئا. پاڻيءَ جي وهڪري سبب گهاٽن کي نقصان نه پهچي ان لاءِ برج ٺاهيا ويندا هئا.

**چٽر ڪلا :** پيشوا زماني جا شنيوار واڙا وارا چٽر خاص آهن. ان وقت ۾ راڌو، تاناجي، انپ راو، شورام، ماڻڪوجي مشهور چٽرڪار هئا. سوائي ماڌوراو پيشوا جي وقت ۾ گنگارام تانبٽ مشهور چٽرڪار هو. پيشوائن چٽرڪلا کي همٿايو.

پيشوائن جي وقت ۾ پٽي، ستارا، ميٽولي، ناسڪ، چاندوڙ ۽ نپاڻي جي ڳوٺن ۾ پٽين جا چتر هئا. پانڊيشور، مورگاو، پال، بينوڙي، پٽي ويجهو پاشاڻ، هنڌن تي مندرن تي چتر هئا. چترن جا وشيه هئا دشاوتار، گڻپتي، شنڪر، رام، ودرڀ جي جامود ۾ جين مندرن ۾ جن جيوني، پراڻڪ ڪٿائون، رامايڻ، مهاڀارت، ڏڻ وار، گرنٿ چتر، ننڍا چتر، شخصي چتر ۽ گهڻنا چتر به هئا.

**شلپ ڪلا :** شواجي مهاراج جي ڪرناٽڪ چڙهائيءَ ۾ ملما ديسائي سان ملاقات جو شلپ، پليشو مندر جي شلپ ڪلا، شخصي شلپ، جانورن جا شلپ (هاٿي، مور، باندر وغيرهه) ٽوڪي مندر ۾ شلپ، پٽي جو ترسوند گڻپتي مندر، مڌيه پرديش ۾ اهلياباائي هولڪر جي چتري، نيواسا جي موهني مندر جي شلپ ڪلا اهميت واري آهي.

**ڏاتوءَ جون مورتيون :** پيشوائن پٽي جي پاروتي جي مندر ۾ پاروتي ۽ گڻيش جون مورتيون ٺهرايون هيون. انڪانسواءِ شلپ به تيار ڪيا هئا.

**ساهتيه :** سنت ساهتيه، پراڻڪ ڪٿائون، ٽيڪا، اووي، ڀڄن، گرنٿ، ڪٿاڪاويه، جيونيوُن، ديوي ديوتائن جون آرتيون، پوواڙا، بکر، اتهاسڪ خط اهي ساهتيه جا مکيه پاڱا آهن.

**ناٽڪ ڪلا :** ڏکڻ ۾ تنجاور ۾ مراٺي ناٽڪ سترهين صديءَ جي آخر کان شروع ٿي ويا هئا. سرفوجي راجا ان کي همٿايو. ناٽڪ ۾ ناچ ۽ گيت مکيه هئا.

هاڻي ٿائين اسان وچولي زماني جو اڀياس ڪيو. مرهٽن جي ستا جو اسرڻ ۽ وستار بابت پڙهيوسين ايندڙ سال اسان جديد زماني جو اڀياس ڪنداسين.



## اڀياس

١. خاڪو پورو ڪريو :




٢. سماج ۾ کهڙيون خراب ريتيون رسمون آهن؟ اهي دوُر ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ٻڌايو.

٣. توهانجي شهر ۾ کهڙا ڏڻ وار ملهايا ويندا آهن؟ ان بابت تفصيلوار لکو.

٤. هينئين مُدن جي آڌار تي شواجيءَ جي زمانيءَ ۽ هاڻوڪي زماني جي ڀيٽ ڪريو :

| ن. | مدو | شو زماني ۾ سماجڪ جيون | هاڻوڪي سماجڪ جيون |
|---|---|---|---|
| ١. | وهنوار | ............. | ............. |
| ٢. | گهر | ............. | پڪا گهر، سيمينٽ جا گهڻن ماڙن وارا گهر |
| ٣. | آمدرفت | ............. | بس، ريلوي، هوائي جهاز |
| ٤. | وندر | ............. | ............. |
| ٥. | لپي | ............. | ............. |

**مشغولي**

ديش جي قابل استرين جي ڄاڻ حاصل ڪريو. انهن بابت ڪلاس ۾ ٻڌايو. مثال : پي.وي. سنڌوُ، ساڪشي ملڪ، وغيره.

# ناگرڪ شاستر

## فهرست

### اسانجو جوڙجڪ


| نمبر | باب جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ١. | اسانجي جوڙجڪ جي سُڃاڻپ | 63 |
| ٢. | جوڙجڪ جو مُهاڳ | 68 |
| ٣. | جوڙجڪ جون خاصيتون | 72 |
| ۴. | بنيادي حق ڀاڱو - ١ | 76 |
| ۵. | بنيادي حق ڀاڱو - ٢ | 80 |
| ٦. | رهبري ڪندڙ اصوُل ۽ بُنيادي فرض | 83 |




| پڌايل تعليمي ترتيب | علمي حاصلات |
|---|---|
| سکندڙن کي جوڙن ۾ / گروھ ۾ / شخصي طور سکڻ جا موقعا ڏيڻ ۽ ھيٺين ڳالھين لاءِ اُتساھت ڪر<br>• لوڪشاهي، سمتا (برابري)، راڄيه سرڪار جنس پيد، ماڏيم، اشتهار وغيره ڳالهين تي ڳالھ ٻول ۾ سهڀاڳي ٿيڻ.<br>• جوڙجڪ جي اهميت، مهاڳ، برابريءَ جو حق، برابري جي لڙائي تي چٽر، چٽرن جي ڪتنگ جي ماھوديت چٽر ٺاهڻ.<br>. جوڙجڪ جي خاصيتن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.<br>• بنيادي حقن بابت ڳالھ ٻول.<br>• لوڪشاهيءَ ۾ برابري، ڇوڪرين کي محسوس ٿيندڙ ڀيد ڀاو وغيره وشين تي گيت، بيت، ڪردار نباهڻ.<br>• رهبري ڪندڙ اصول ۽ بنيادي فرض، هڪجهڙايون ۽ فرقن بابت ڳالھ ٻول. | سکندڙ -<br>07.73H.13 لوڪشاهيءَ ۾ برابريءَ جي اهميت سمجهائن ٿا.<br>07.73H.14سياسي برابري، مالي برابري ۾ سماجڪ برابري ۾ فرق سمجهن ٿا.<br>07.73H.15برابريءَ جي حق نسبت پنهنجي پاڻ جي سماجڪ، سياسي ۽ مالي مسئلن جو مطلب سمجهن ٿا.<br>07.73H.16مڪاني حڪومت سنسٿائون ۽ راڄيه سرڪار ۾ فرق ٻڌائن ٿا.<br>07.73H.17لوڪشاهي سرشتي جون خاصيتون ٻڌائن ٿا.<br>07.73H.18جوڙجڪ ۾ ٻڌايل حقن کي عدالت جي حفاظت هوندي آهي اهو ڄاڻن ٿا.<br>07.73H.19قاعدي جي نظر ۾ سڀ شخص برابر آهن اهو سمجهن ٿا.<br>07.73H.20رهبري ڪندڙ اصولن کي عدالتي حفاظت نه آهي پر سرڪار انهن سان ٻڌل آهي اهو سمجهن ٿا.<br>07.73H.21بنيادي حق ۽ بنيادي فرض مناسب مثالن ذريعي سمجهائن ٿا.<br>07.73H.22بنيادي حقن بابت ڄاڻ جو استعمال ڪري ڪنهن گهٽنا ۾ حق جي پڇڪري، حقن جو بچاءُ ۽ حقن جو جتن ڪيئن ڪجي اهو سمجهن ٿا. |

# ١. اسانجي جوڙجڪ جي سُڃاڻپ

### اچو، ڏور ڪريون.

اڳين درجن جي ناگرڪ سکيا جي ڪتابن ۾ اسين نيمن جي ضرورت بابت ڪيتريون ئي ڳالهيون سمجهيون آهن. ڪٽنب، اسڪول، اسانجو ڳوٺ يا شهر جو ڪم ڪار بنا ڪنهن رنڊڪ جي هلي ان لاءِ اسين نيم ۽ اشارا پاليندا آهيون. ڪٽنب ۾ نيم نه هوُندا آهن، پر ڪٽنب جي ڀاتين جي وهنوار بابت ڪي اِشارا هوندا آهن. اسڪول ۾ داخلي، يونيفارم ۽ اڀياس بابت نيم هوندا آهن. اسانجي شهر ۽ ڳوٺ جو ڪاروبار به نيمن موجب هلندو آهي. ساڳئي نموني اسانجي ديش جو ڪاروبار به نيمن موجب هلندو آهي. ڪٽنب، اسڪول، ڳوٺ يا شهر بابت نيم محدوُد روُپ جا هوُندا آهن، پر ديش جي ڪاروبار بابت نيم يا انتظام وياپڪ يا ڪُشادا هوُندا آهن.

> سمير ۽ وندنا ڪي پيش پيل سوال
>
> توهانکي به پيش ايندا آهن ڇا؟
>
> - ديش جو ڪاروبار جن نيمن ۽ انتظامن موجب هلندو آهي، اُهي ڪٿي لکيل هوندا آهن؟
> - اهي نيم ڪير ٺاهيندو آهي؟ انهن کي پالڻ ضرُوري هوندو آهي ڇا؟

هيٺ توهانکي جواب ملن ٿا ڇا، ڏسو

**جوڙجڪ (سنوڌان) :** ديش جي ڪاروبار بابت نيم جنهن گرنٿ ۾ گڏيل ۽ ترتيب وار نموني ڀُڌايل هوندا آهن انکي ’جوڙجڪ‘ چئبو آهي. ٻين لفظن جوڙجڪ مطلب ديش جي راڄ ڪاروبار بابت انتظامن جو لکيل دستاويز. جنتا مان چونڊجي آيل عيوضين منجهان سرڪار قائم ڪئي ويندي آهي. جوڙجڪ جي انتظامن موجب ئي راڄ ڪاروبار هلائڻ جو بنڌن سرڪار تي هوندو آهي. جوڙجڪ جا انتظام يا قاعدا بنيادي هوندا آهن. جوڙجڪ سان اڻٺهڪندڙ قاعدا سرڪار ٺاهي نٿي سگهي، ائين ڪرڻ تي ڪورٽ (عدالت) اهڙن قاعدن کي رد ڪري سگهي ٿي.

**جوڙجڪ جو انتظام :** جوڙجڪ جا انتظام گهڻن ئي ڳالهين بابت هوندا آهن. مثال، ناگرڪتا، ناگرڪن جا حق، ناگرڪن ۽ سرڪاري سنستائن وچ ۾ ناتا، اُهي وشيه جن بابت سرڪار قاعدا ٺاهي سگهي ٿي، چوُنڊون، سرڪار تي بنڌن ۽ راڄيه جا اڌڪار ڪيتر وغيره.

جوڙجڪ موجب راڄ ڪاروبار هلائڻ جو متو ڌري گهٽ سيني ملڪن اختيار ڪيو آهي. تنهن هوندي به هرهڪ ديش جي جوڙجڪ جو روُپ نرالو آهي. اتهاس، سماجڪ بناوت، سڀيتا ريتيون رسمون وغيره بابت ديشن ۾ علحدگي هوندي آهي. ان ڪانسواءِ ديشن جون گهرجوُن ۽ مقصد به ڌار ڌار ٿي سگهن ٿا. اُن موجب هرهڪ ديش جوڙجڪ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.



> **ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**
>
> آمريڪا، انگلنڊ ديشن جو راڄ ڪاروبار جوڙجڪ موجب هلندو آهي. پر انهن ٻنهي جوڙجڪن ۾ تفاوت آهي. آمريڪا جو جڙجڪ ۱۷۸۹ ۾ عمل ۾ آيو. اهو لکيل آهي ۽ ان ۾ فقط ۷ قلم شامل ڪيل آهن. ۲۲۵ سال گذرڻ بعد به آمريڪا جو ڪاروبار ساڳئي جوڙجڪ موجب هلايو ويندو آهي.

انگلنڊ ڪي صدين جو اتهاس آهي.
اُتي راڄ ڪاروبار جا نيم اشارن، ريتين، رسمن جي روپ ۾ آهن. تہ بہ انهنجو پوريءَ طرح پالن ڪيو ويندو آهي. انگلنڊ جو جوڙجڪ ۱۲۱۵ع ۾ ٿيل مئگناڪارٽا قرار مان وڪست ٿيو آهي. ڪجهہ نيم لکيل هوندي بہ انگلنڊ جو جوڙجڪ مکيہ طور اڻ لکيل آهي.



**اچو تہ ڳولهيون!**

توهانکي وڏندڙ ڪنهن ديش جي جوڙجڪ جي هيٺين مُدن جي آڌار تي ڄاڻ حاصل ڪريو.

ديش جو نالو، جوڙجڪ ٺهڻ جو سال، جوڙجڪ جون بہ خاصيتون.

سنوڌان جي ضرورت

جوڙجڪ جي نيمن موجب راڄ ڪاروبار هلائڻ مان هيٺان فائدا آهن :

- سرڪار کي نيمن جي حد اندر ئي رهي ڪاروبار هلائڻو پوندو آهي. ان سان اُن کي مليل حقن ۽ ستا جي غلط اُپيوگ جو امڪان گهٽجي ٿو.
- جوڙجڪ ۾ ناگرڪن جي حقن ۽ سندن آزاديءَ جو ذڪر ڪيل هوندو آهي. سرڪار اهي حق ۽ آزادي محفوظ رهندا آهن.
- جوڙجڪ جي انتظامن موجب ڪاروبار هلائڻ، قاعدي جي راڄ اِستاپت ڪرڻ (قائم) ڪرڻ جهڙو آهي. ان ۾ طاقت جو غير اُپيوگہ يا ڇُڙواڳيءَ لاءِ جڳهہ نہ آهي.
- جوڙجڪ موجب راڄ ڪاروبار ٿيندو ڏسي عام ماڻهوءَ جو سرڪار ۾ وشواس وڌندو آهي. جنهن سبب هوُ ان ۾ ڀهرو وٺندا آهن. ان سان لوڪشاهي وڌيڪ مظبوُط ٿيندي آهي.
- جوڙجڪ ديش جي سامهوُن کي آدرش رکندو آهي. ديش تي انهن آدرشن طرف وڌڻ جو ٻنڌڻ هوندو آهي. ان وسيلي عالمي شانتيءَ ۽ حفاظت، انساني حقن جي واڌاري لاءِ بهتر ماحول پيدا ٿئي ٿو.
- ناگرڪن جي فرض جو ذڪر جوڙجڪ ۾ هئڻ سبب سندن جوابدارين پڻ مقرر ٿين ٿيون.

## راڄ ڪاروبار معني ڇا؟

ديش جي راڄ ڪاروبار ۾ ڪهڙيون ڳالهيوُن سمايل آهن؟

ديش جي سرحدن جي حفاظت ڪرڻ، ڌارين جي حملي کان جنتا جو بچاءُ ڪرڻ کان وٺي غريبي متائڻ، روزگار پيدا ڪرڻ، تعليمي ۽ صحت شيوائون، ڏتڏن کي هٿي ڏيڻ ڪمزور طبقن جي حفاظت، استرين، ٻارن ۽ آديواسين جي ترقيءَ لاءِ يوجنائوُن ٺاهڻ وغيره انيڪ ڳالهين لاءِ سرڪار کي قاعدا ٺاهڻا پوندا آهن. قاعدا عمل ۾ آڻي سماج ۾ گهربل بدلاوَ آڻڻا پوندا آهن. ٿوري ۾ چئجي تہ جديد وقت ۾ سرڪار کي پولار ڪوجنا کان وٺي عام صفائيءَ تائين سڀ فيصلا وٺڻا پوندا آهن. ان کي ئي راڄ ڪاروبار چئجي ٿو.

**جوڙجڪ رچنا جو پس منظر :** ڀارت جي جوڙجڪ جي رچنا جي شروعات سنہ ۱۹۴۶ع کان ٿي. ’آزاد ڀارت جو راڄ ڪاروبار انگريزن جي ٺاهيل قاعدن سان نہ هلندو، اهو ڀارت واسين جي پنهنجن قاعدن سان هلندو‘ اهڙو آزاديءَ جي هلچل جي نيتائن جو اِرادو هو. ان موجب ڀارت جو جوڙجڪ ٺاهڻ لاءِ هڪ سمتي استاپت

ڪئي ويئي. انکي 'سنوڌان سڀا' ڪري ڄاتو وڃي ٿو.

**سنوڌان سڀا :** اسانجو ديش ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع ڏينهن آزاد ٿيو. ان کان اڳ ڀارت تي انگريزن جو راڄ هو. انگريزن راڄ ڪاروبار جي سهوليت لاءِ ممبئي پرانت، بنگال پرانت ۽ مدراس پرانت جهڙا ڀاڱا ٺاهيا هئا. انهن پرانتن جو راڄ ڪاروبار اُتان جي عيوضين معرفت هلندو هو. ساڳئي وقت



ڊا. راجيندر پرساد

ديش جي ڪجهه ڀاڱن جو ڪاروبار مڪاني راجائون هلائيندا هئا. اهڙن ڀاڱن کي 'رياستون' چوندا هئا. سنوڌان سڀا ۾ پرانتن ۽ رياستن جا عيوضي شامل هئا.

سنوڌان سڀا ۾ ڪل ٢٩٩ ميمبر هئا. ڊا. راجيندر پرساد سنوڌان سڀا جو اڌيڪش هو.

**ڊا. بابا صاحب آميڊڪر جو يوگدان :** ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر مسودا سمتيءَ جو اڌيڪش هو. هُنن الڳ الڳ ديشن جي جوڙجڪن جو اُونهو اڀياس ڪيو هو. هن رات ڏينهن اڀياس ۽ سوچ ويچار ڪري جوڙجڪ



ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر

جو مسوُدو تيار ڪيو. ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر تيار ڪيل جوڙجڪ جو مسوُدو سنوڌان سڀا اڳيان رکيو ويو. اُنتي تفصيلوار بحث ٿيو. انيڪُ درستيون ۽ سجھاوَ آيا. جوڙجڪ جو مسوُدو سنوڌان سڀا اڳيان پيش ڪرڻ، ان بابت پڇيل سوالن جو جواب ڏيڻ، سنوڌان سڀا جي سُجھاوَن موجب مسوُدي ۾ درستي ڪرڻ، جهڙا ڪم ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر ڪيا. ڀارت جي جوڙجڪ جي رچنا ۾ ان يوگدان سبب کين 'ڀارت جي جوڙجڪ جو شلپ ڪار' سڏجي ٿو.

سڄو جوڙجڪ لکي پورو ٿيڻ تي سنوڌان سڀا اُنکي مڃتا ڏني ۽ اهو ٢٦ نومبر ١٩٤٩ تي سويڪار ڪيو ويو. ان ڪري ٢٦ نومبر 'جوڙجڪ ڏينهن' ڪري ملهايو ويندو آهي.

**ڪيتري نہ ايمان جي ڳالھ آهي!**

- سنوڌان سڀا ۾ چرچا ۽ بحث جي ذريعي فيصلا ورتا ويا. مختلف ويچارن جو آدر ۽ مناسب سُجھاوَ قبول ڪرڻ اهي ان ڪم ڪار جون خاصيتون هيون.
- جوڙجڪ جي رچنا لاءِ ٢ سال، ١١ مهنا ۽ ١٧ ڏينهن جو وقت لڳو.
- مول جوڙجڪ ۾ ٢٢ ڀاڱا، ٣٩٥ قلم ۽ ٨ ضَميما هئا.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

سنوڌان سڀا ۾ ڊا. راجيندر پرساد، پنڊت جواهرلعل نهروُ ڊا.بابا صاحب آمبيڊڪر، سردار ولڀ ڀائي پٽيل، مؤلانا عبل ڪلام آزاد، سروجني نائيڊوُ، جي. بي. ڪرپلاڻي، راجڪماري امرت ڪؤر، درگاٻائي ديشمک، هنسابين مهتا، جهڙا مانيور ميمبر هئا. قانوُني ماهر بي. اين. راو کي سنوڌان سڀا جو قانوني صلاحڪار مقرر ڪيو ويو.

۲٦ جنوري ۱۹۵۰ع کان جوڙجڪ جي نيمن موجب ديش جو راڄ ڪاروبار هلائڻ جي شروعات ٿي. ان ڏينهن کان ڀارت پرجاوادي ديش بڻيو. ان ڪري ۲٦ جنوريءَ جو ڏينهن اسين پرجاوادي ڏينهن ڪري ملهائيندا آهيون.



پنڊت جواهرلعل نهروُ



سردار ولڀ ڀائي پٽيل



مؤلانا آزاد



سروجني نائيڊوُ

**ڪري ڏسو.**

توهانجي ڪلاس جو ڪم ڪار نيمن مؤجب هلڻ گهرجي نہ! ان لاءِ توهان ڪهڙا نيم ٺاهيندا؟ ڪلاس لاءِ نيم سوُچي ٺاهيو.

**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر ڀاڱيءَ جو بندوبست، پر ڏيهي ناتا، قؤمي حفاظت پترڪارتا، مالي ڪيتر، سماجڪ نياءُ جهڙن الڳہ الڳہ ڪيترن ۾ پنهنجو يوگدان ڏنو.



ڀارت جي جوڙجڪ جو مسوُدو سنوڌان سڀا جي اڌيڪش ڊا. راجيندر پرساد کي سؤنپيندي ڊا. بابا صاحب آمبيڊکر

## اڀياس

**١. هيٺيان مُدا سمجهايو :**

(١) جوڙجڪ جا انتظام.

(٢) جوڙجڪ ڏينهن.

**٢. چرچا ڪريو :**

(١) سنوڌان سمتيءَ جي استاپنا ڪئي ويئي.

(٢) ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر کي ڀارت جي جوڙجڪ جو شلپ ڪار چوندا آهن.

(٣) ديش جي راڄ ڪاروبار ۾ شامل ٿيالهيون.

**٣. مُناسب منڊل جواب چونڊيو :**

(١) ڪهڙي ديش جو جوڙجڪ پورو لکيل نہ آهي؟

(الف) ڀارت (ب) آمريڪا

(پ) انگلنڊ (پ) انهن مان ڪوبہ نہ.

(٢) سنوڌان سڀا جو اڌيڪش ڪير هو؟

(الف) ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر

(ب) ڊا. راجيندر پرساد

(پ) درگاٻائي ديشمکہ

(پ) بي.اين.راو

(٣) هيٺين مان ڪير سنوڌان جو ميمبر نہ هو؟

(الف) مهاتما گانڌي

(ب) مؤلانا آزاد

(پ) راجمڪاري امرت ڪؤر

(پ) هنسابين مهتا

(۴) مسوُدا سمتيءَ جو اڌيڪش ڪير هو؟

(الف) ڊا. راجيندر پرساد

(ب) سر. ولڀ ڀائي پٽيل

(پ) ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر

(پ) جي.بي. ڪرپلاڻي

**۴. پنهنجا ويچار لکو :**

(١) سرڪار کي ڪهڙن وشين تي قاعدا ٺاهڻا پوندا آهن؟

(٢) ٢٦ جنوري جو ڏينهن اسان پرجاوادي ڏينهن ڪري ڇو ملهائيندا آهيون؟

(٣) جوڙجڪ جي نيمن موجب راڄ ڪاروبار هلائڻ مان فائدا.

**مشغولي**

(١) سنوڌان سڀا لاءِ جُدا جُدا سمتيون استاپت ٿيون. ان بابت چاڻ هٿ ڪريو ۽ سمتين جي نالن جو خاڪو تيار ڪريو ۽ سندن تصويروُن گڏ ڪريو.

(٢) 'جوڙجڪ ڏينهن' اسڪول ۾ ڪيئن ملهايو ويو. ان بابت احوال لکو.

(٣) سنوڌان سڀا جي ميمبرن جون تصويرون گڏ ڪريو.

# ٢. جوڙجڪ جو مُهاڳ

**اڳئين باب ۾ اسين ڇا سکياسين؟**

- جوڙجڪ، راڄ ڪاروبار جا نيم ڇٽا ڪندڙ هڪ اهميت ڀريو دستاويز آهي.
- ڀارت جي جوڙجڪ جي رچنا سنوڌان سڀا ڪئي.
- جوڙجڪ سبب اسانجي عيوضين کي قاعدن موجب راڄ ڪاروبار هلائڻو پوندو آهي.

جوڙجڪ اسانجي ديش جو بنيادي ۽ سڀ کان سريشٽ قاعدو آهي. ڪوبہ قاعدو ٺاهڻ جو خاص مقصد هوندو آهي. اُهو مقصد ڇٽو ڪرڻ ڪانپوءِ قاعدي جا ٻيا انتظام وستارت نموني پيش ڪيا ويندا آهن. انهن جي ٿوري ۾ ٺاهوڪي نموني ڪيل گڏيل پيشڪش کي مهاڳ چئجي ٿو. مهاڳ کي ڀارتي جوڙجڪ جي 'پرستاونا' يا 'ديباچو' بہ چئجي ٿو. مهاڳ اسانجي ديش جي جوڙجڪ جا مقصد ظاهر ڪري ٿو.



**ڪري ڏسو**

جوڙجڪ جو مهاڳ پڙهو. انجي لفظن جي ياداشت ٺاهيو. اهي لفظ توهان ٻيو ڪٿي پڙهيا آهن؟

اسين سڀ ڀارت جا ناگرڪ آهيون. اسانکي يعني ديش کي ڇا حاصل ڪرڻو آهي اهو مهاڳ ٻڌائي ٿو. ان ۾ آيل ملهہ، ويچارہ ارادا ڪُشادا آهن. اهي حاصل ڪرڻ جوُن رٿائون سڄي جوڙجڪ ۾ ظاهر ڪيل آهن.

جوڙجڪ جي مهاڳ جي شروعات 'اسين ڀارت جا ماڻهو' انهن لفظن سان ٿئي ٿي.

ڀارت کي 'خودمختيار' سماجوادي، ڌرم نرپيڪش، لوڪ شاهي، گڏراجيہ، ٻڌائڻ جي ڀارتي ماڻهن جي فيصلي بابت اُن ۾ چيل آهي. انجي هرهڪ لفظ جو مطلب اسين سمجهنداسين.

**(١) خود مختيار :** ڀارت ۾ گهڻو عرصو برٽش ماڻهن جو راڄ هو. ١٥ آگسٽ، ١٩٤٧ تي اهو راڄ ختم ٿيو. اسانجو ديش آزاد ٿيو. ڀارت کي خود مختياريءَ جو مطلب آهي جيڪو راڄ ٻئي ڪنهن جي ظابطي ۾ نہ هُجي. اسانجي سڄي آزادي جي لڙائيءَ جو مقصد متو هو خودمختيار حاصل ڪرڻ. خودمختياري معنيٰ راڄ ڪاروبار هلائڻ جو سروَ سريشٽ حق. لوڪشاهيءَ ۾ خودمختياري عام جنتا وٽ هوندي آهي. جنتا پنهنجا عيوضي چونڊي کين پنهنجو خودمختياريءَ جو حق واپرڻ جي منظوُري ڏيندي آهي. پنهنجي ديش لاءِ ڪهڙا قاعدا ٺاهڻ اهو طيءِ ڪرڻ جو حق جنتا ۽ جنتا جي چونڊيل سرڪار کي هوندو آهي.

**(٢) سماجوادي راڄ :** سماجوادي راڄ مطلب جتي غريب - امير وچهڙ وڏو ويڇو نہ هُجي. ديش جي ملڪيت تي سڀني جو حق هوندو آهي. ملڪيت ڪجهہ ماڻهن جي هٿ ۾ محدوُد نہ هجي ان ڌانهن ڌيان ڏنو ويندو آهي.

**(٣) ڌرم نرپيڪش (غير مذهبي) راڄ :** ڌرم نرپيڪشا اسانجو مقصد آهي، اهو مهاڳ ۾ چيل آهي. ڌرم نرپيڪش راڄ ۾ سڀني ڌرمن کي



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ڌرم نرپيڪشتا وسيلي اسان پنهنجي سماج جو ٻهوُ ڌرمي پٽو جتن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسانکي جوڙجڪ جيڪي حق ڏنا آهن تنجو اسين من مرضيءَ موجب استعمال نٿا ڪري سگهون. ڌرمي آزاديءَ سان پڻ اها ڳالهہ لاڳوُ آهي. ڏڻ وار ملهائڻ وقت اسانکي صاف صفائي، صحت ۽ پسگردائيءَ جو خيال رکڻ گهرجي.

برابر ليکيو ويندو آهي.

ڪنهن بہ هڪ ڌرم کي راڄ جو ڌرم ڪري نہ مڃيو ويندو آهي. ناگرڪن کي پنهنجو ڌرم پالن ڪرڻ جي آزادي هوندي آهي. ناگرڪن ۾ ڌرم جي آڌار تي ڀيد ڀاو نٿو ڪري سگهجي.

**(۴) لوڪشاهي راڄ :** لوڪشاهيءَ ۾ راڄ ڪاروبار ماڻهن جي هٿ ۾ هوندو آهي. سندن اڇا موجب ئي سرڪار فيصلو ڪندي آهي ۽ نيتيون ٺاهيندي آهي. سرڪار کي عام ڀلي لاءِ اهميت ڀريا مالي ۽ سماجڪ فيصلا وٺڻا پوندا آهن. اهڙا فيصلا روز سڀني ماڻهن کي گڏ ڪري نٿا وٺي سگهجن. ان ڪري مقرر عرصي ڪانپوءِ چونڊون ٿينديون آهن. چونڊن ۾ ماڻهوُ ووٽ ڏيئي پنهنجا عيوضي چونڊيندا آهن. چونڊيل عيوضي، جوڙجڪ جي ٺاهيل سنستائن پارليامينٽ، ڪاروباري منڊل وغيرهہ ۾ ويندا آهن. اُهي جوڙجڪ ۾ ٻڌايل رستي جنتا لاءِ فيصلا وٺندا آهن.

**(۵) گڻراڄيہ (پرجاوادي راڄ) :** اسانجي ديش ۾ لوڪشاهيءَ سان گڏ گڻراڄيہ سرشتو

### ڳالهہ ٻولهہ ڪريو.

ديپا 'مُنهنجو ڪٽنب' وشيہ تي ڇا لکيو آهي اهو پڙهو.

لوڪشاهي يعني فقط چونڊون نہ آهن. مُنهنجا ماتا پتا گهر جو ڪم گڏجي ڪندا آهن. اسان بہ ڪين مدد ڪرائيندا آهيون. اسان جهڳڙا نہ ڪندي فيصلو وٺندا آهيون. جهڳڙو ٿي بہ وڃي تہ جلد ئي اهو نبيري هڪٻئي جي ڳالهہ مڃيندا آهيون. ڪابہ تبديل آڻڻ وقت ڏاڏي - ڏاڏيءَ جي بہ راءِ ورتي ويندي آهي. اَنُج کي زرعي ڪوجنا ڪرڻي ويندي آهي. هُنجو فيصلو سڀني کي وڻيو.

ڇا توهانکي لڳي ٿو تہ ديپا جي گهر ۾ لوڪشاهي طريقو آهي؟ لوڪشاهيءَ جوُن ڪهڙيون خاصيتوُن توهانکي ان ٽڪر ۾ مليوُن؟

آهي. ان ۾ سڀ عهدا ماڻهن طرفان چونڊيا ويندا آهن. ڪوبہ عهدو ورثي ۾ نہ ملندو آهي.

راشٽرپتي، پرڌان منتري، راڄيہ پال، مکيہ منتري، مهاپوُر، سرپنچ وغيرہ لاءِ عام عهدا آهن. انهن عهدن تي طيءِ ڪيل عمر وارو ڪوبہ پارٽي ناگرڪ چونڊجي پهچي سگهي ٿو. راڄ شاهي طريقي ۾ اهي عهدا هڪ ئي ڪٽنب کي ورثي ۾ ملندا آهن.

مُهاڳہ سڀني پارٽي ناگرڪن کي نياءُ، آزاديءَ ۽ برابري انهن ٽن ملهن جي ۽ انهن موجب هلڻ، قاعدا ٺاهي انهن کي عمل ۾ آڻڻ جو پروسو ڏنو آهي.

اچو تہ انهن مُلهن کي سمجهوُن -

**(۱) نياءُ :** انياءُ متائي سڀني کي پنهنجي ترقيءَ جو موقعو ڏيڻ يعني نياءُ آهي. نياءُ استاپت ڪرڻ ماڻهن جي ڀلي لاءِ يوجنائون ٺاهڻ. مهاڳہ ۾ نياءُ ٽن قسمن جو

ٻڌايل آهي، اُهي آهن:

**(الف) سماجڪ نياءُ:** ماڻهن ۾ جات، ڌرم، ونش، ٻولي، پرديش، جنس جي آڌار تي ڀيد ڀاوُ نہ ڪجي. انسان طوَر سڀ ساڳيا آهن.

**(ب) مالي نياءُ:** ٻڪہ ڪڍڻ، فاڪا ڪڍڻ، بد خوراڪي وغيره ڳالهيون غريبيءَ سبب ٿين ٿيوُن. غريبي دوُر ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ڪرڻ لاءِ هرڪنهن کي ڪمائيءَ جو وسيلو حاصل ڪرڻ جو حق آهي، جوڙجڪ اهو حق هرهڪ ناگرڪ کي بنا ڀيد ڀاو جي ڏنو آهي.

**(ب) راڄنيتڪ نياءُ:** راڄ ڪاروبار ۾ ڀهرو وٺڻ جو هرڪنهن کي برابر حق مليو ان لاءِ اسان بالغ چونڊ سرشتو اختيار ڪيو آهي. ان موجب عمر جا ١٨ سال پورا ڪندڙ هرهڪ ناگرڪ کي ووٽ ڏيڻ جو حق آهي.

**(٢) آزادي:** اسان تي غيرمُناسب، سخت ٻنڌن نہ هئڻ، پنهنجين لياقتن جو وڪاس ڪرڻ لاءِ بهتر ماحول هئڻ يعني آزادي هئڻ. لوڪشاهيءَ ۾ ناگرڪن کي آزادي هوندي آهي ۽ آزاديءَ سبب ئي لوڪشاهي مضبوُط ٿئي ٿي.

سوچڻ (ويچار) ۽ اظهار ڪرڻ جي آزادي اهي ماڻهوءَ جوُن بنيادي آزاديون آهن. هرڪو پنهنجو ويچار ظاهر ڪري سگهي ٿو. ويچارن جي ڏي وٺ سبب اسان ۾ سهڪار ۽ ايڪتا وڌي ٿي ۽ ساڳئي وقت ڪنهن مسئلي جا ٻيا پاسا بہ خبر پون ٿا.

شرڌا، وشواس ۽ اُپاسنا جي آزاديءَ وسيلي ڌرمي آزادي ظاهر ٿئي ٿي. پنهنجي ڌرم يا پنهنجي پسنديءَ جي ڌرم جي راهہ تي هلڻ جي هرهڪ ناگرڪ کي آزادي آهي. پنهنجا ڏڻ وار ملهائڻ، ڪنهن ۾ شرڌا رکڻ ۽ اُپاسنا (پوُڄا) جي آزادي ان ۾ سمايل آهي.

**(٣) برابري (سمانتا):** مهاڳہ ڀارتي ناگرڪن کي درجي ۽ موقعي جي برابريءَ جي خاطري ڏني آهي.

**ڳالهہ ٻولهہ ڪريو.**

آزاديءَ بابت ڪُجهہ بيان هيٺ ڏنل آهن، انهن تي چرچا ڪريو.

- ☐ عام ڏڻ - وار ملهائڻ وقت ڪُجهہ نيم پالڻا پوندا آهن. ان سبب اسان جي آزاديءَ تي روڪ نٿي پوي.
- ☐ موجب آزادي مطلب پنهنجي من مرضيءَ موجب وهنوار نہ ڪرڻ بلڪ جوابداريءَ سان هلڻ

جات، ڌرم، ونش، جنس، جنم استان وغيره جي آڌار تي ڀيد ڀاو نہ ڪندي انسان طوَر هر ڪنهن جو درجو ساڳيو آهي. وڏي - ننڍي وغيره جو ڀيد نہ ڪرڻ معنيٰ برابر درجي جي خاطري ڏيڻ. مُهاڳہ ’موقعي جي برابريءَ‘ کي اهميت ڏني آهي. هرڪنهن کي پنهنجي واڌاري جو موقعو ملندو ۽ ان ۾ ڪنهن سان ڀيد ڀاو نہ ڪيو ويندو.

جوڙجڪ جي مُهاڳہ ۾ هڪ الڳہ آدرشي متي جو ذڪر ڪيل آهي اهو متو آهي ڀائپي آڻڻ ۽ ماڻهوءَ جي سؤمان جو جتن ڪرڻ.

**ڀائپي (ڀائيچارو):** جوڙجڪ ٺاهيندڙن کي لڳو تہ فقط نياءُ، آزاديءَ ۽ برابريءَ جي خاطري ڏيئي ڀارتي سماج ۾ برابري نہ ايندي. ڪيترا بہ قاعدا ٺاهجن پر جيستائين ڀارتواسين ۾ ڀائپي نہ هوندي تيستائين انهن قاعدن جو فائدو نہ ٿيندو. ان ڪري مهاڳہ ۾ ڀائپي آڻڻ جو مقصد شامل ڪيل آهي. ڀائپي يعني ديش جي سڀني ناگرڪن ۾ هڪٻئي لاءِ همدردي پيدا ٿئي ٿي. اُهي ٻين جي مسئلن

کي محسوس ڪن ٿا.

ياڻپي ۾ شخصي سؤمان ۾ خاص لاڳاپو آهي. هرهڪ انسان جو پنهنجو مان هوندو آهي. اهو جات، ڌرم، ونش، جنس، ٻولي وغيره تي مدار نٿو رکي. جيئن ٻيا اسانکي آدر ۽ عزت ڏين، ائين محسوس ٿيندو آهي، تيئن ئي ٻين کي به عزت ۽ آدر ڏيڻ گهرجي.

جڏهن هرهڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ جي عزت ڪري هنجي آزاديءَ ۽ حق جو مانُ رکندو تہ خود بہ خود شخصي سؤمان قائم ٿيندو. اهڙي ماحول ۾ياڻپي ازخود وڌڻ لڳندي.

نياءَ ۽ برابريءَ تي آڌارت نئين سماج جي نرماڻ جو ڪم بہ سؤلو ٿيندو. ڀارت جي جوڙجڪ جي مُهاڳہ ۾ان بابت رهبري ڪيل آهي.

ڀارت جي جنتا اهو جوڙجڪ پاڻ کي ارپڻ ڪيو آهي، ان سان مُهاڳہ پورو ٿئي ٿو.



## اڀياس

۱. ڳولهي لکو:

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| دِي | ن | ر | آ | لو | زا | دي | ن |
| با | س | ڀا | ءِ | پي | ڪ | يا | اَ |
| چو | جو | ڙ | ج | ڪ | ءُ | شا | م |
| وا | ڏا | رو | س | ر | ڪا | ر | هي |
| ڌ | ر | م | ن | ر | پي | ک | ش |

(۱) ديش جي سيني ناگرڪن ۾ هڪٻئي ڏانهن پنهنجائپ هئڻ.

(۲) راڄ ڪاروبار ماڻهن جي هٿن ۾ هئڻ.

(۳) مُهاڳہ جو ٻيو نالو.

(۴) سيني ڌرمن کي برابر ليکڻ.

سوال ۲. اڇو تہ لکوُن :

(۱) ڌرم نرپيکش راڄ ۾ ڪهڙا انتظام هوندا آهن؟

(۲) بالغ چونڊ سرشتو يعني ڇا؟

(۳) مالي نياءَ وسيلي ناگرڪن کي ڪهڙا حق ملندا آهن؟

(۴) سماج ۾ شخصي سؤمان ڪڏهن قائم ٿيندو؟

۳. مليل آزاديءَ جو اُپيوگ اسانکي ڪيئن ڪرڻ گُهرجي؟

۴. هينئيان مُدا سمجهايو :

(۱) سماجوادي راڄ.

(۲) برابري.

(۳) خودمختيار راڄ.

(۴) موقعن جي برابري.

MH56DE

۵. ڀارتي جوڙجڪ جي مُهاڳہ ۾ ڪهڙيون اهميت ڀريوُن ڳالهيوُن آيل آهن؟

مشغولي :

(۱) ماسترن جي مدد سان بيلٽ (ووٽنگہ) پيپر ۽ ووٽنگہ مشين (EVM) سمجهڻ لاءِ تحصيل آفيس جو دؤرو ڪريو.

(۲) توهانجي پسگردائيءَ ۾ ايندڙ اخبارن جي ياداشت ٺاهيو.

# ٣. جوڙجڪ جو خاصيتون

اڳين ٻن بابن ۾ اسين جوڙجڪ جي تنهن جي ترتيب ۽ انجي مُهاڳ جو اڀياس ڪيو. خودمختيار، سماجوادي، ڌرم نرپيڪش لوڪشاهي، گڏراجيہ اهي ڳالهيوُن سمجهون. مُهاڳ ۾ پڌايل اهي مقصد، جوڙجڪ جون ٻہ خاصيتوُن آهن. انهن ڪانسواءِ جوڙجڪ جي ٻين خاصيتن بابت اسان هن باب ۾ پڙهنداسين.

**سنگهہ راجيہ :** سنگهہ راجيہ (گڏيل رياستوُن) سرشتو اسانجي جوڙجڪ جي هڪ خاص اصيت آهي. وڏي ايراضي ۽ آدمشماري هوندڙ ديشن ۾ راڄ ڪاروبار جي سنگهہ راجيہ هڪ سرشتو آهي. وڏي ايراضين هئڻ ڪري هڪ هنڌان راڄ ڪاروبار هلائڻ ڏکيو ٿئي ٿو ۽ پرين راجين ڏانهن نظراندازي ٿئي ٿي. اُتان جي ماڻهن کي راڄ ڪاروبار ۾ ڀهرو وٺڻ جا موقعا نٿا ملن. تنهن ڪري سنگهہ راجيہ ۾ ٻن سطحن تي سرڪاروُن هونديوُن آهن. ديش جي حفاظت ڪرڻ، ٻين ديشن سان وهنوار ڪرڻ، شانتي ٻڌائڻ وغيره ڪم مرڪزي سرڪار ڪندي آهي. انکي سنگهہ سرڪار بہ چئجي ٿو. مرڪزي سرڪار سڄي ديش جو راڄ ڪاروبار هلائيندي آهي.

اسان جنهن راجيہ ۾ رهون ٿا اُن راجيہ جو ڪاروبار هلائيندڙ سرڪار کي 'راجيہ سرڪار' چئجي ٿو. راجيہ سرڪار فقط ان راجيہ يا پرديش جو ڪاروبار ڏسندي آهي. مثال : مهاراشٽر راجيہ سرڪار.

ٻن سطحن تي الڳہ الڳہ وشين تي قاعدا ٺاهي آپسي سهڪار سان راڄ ڪاروبار هلائڻ جي سرشتي کي 'سنگهہ راجيہ' چئجي ٿو.

**اڌڪارن جي ورهاست :** جوڙجڪ مرڪزي ۽ راجيہ سرڪار کي اڌڪار ورهائي ڏنا آهن. اچو ڏسوُن تہ ڪهڙي وشيہ تي اڌڪارن ڪنهن وٽ آهن. جوڙجڪ تي ياداشتون ٺاهيوُن ۽ ان ۾ الڳہ الڳہ وشيہ ورهايا آهن.

پهرين ياداشت کي 'سنگهہ سوُچي' چوندا آهن. انہ ۾ ٩٧ وشيہ آهن، انهن تي مرڪزي سرڪار قاعدا ٺاهيندي آهي. ٻين ياداشت 'راجيہ سوچي' آهي، انہ ۾ ٦٦ وشيہ آهن، جنتي راجيہ سرڪار قاعدا ٺاهيندي آهي. انهن ٻن ياداشتن ڪانسواءِ ٽين 'سَمورتي يا گڏيل سوُچي' آهي جنهن ۾ ٤٧ وشيہ آهن. ان جي وشين تي ٻئي سرڪاروُن قاعدا ٺاهي سگهن ٿيوُن. انهن ٽن ياداشتن ۾ ڏنل وشين ڪانسواءِ جيڪڏهن ٻيو ڪو وشيہ اڳيان اچي ٿو تہ انتي قاعدا ٺاهڻ جو اڌڪار مرڪزي سرڪار کي آهي. انکي 'وڌيڪ حق' چئجي ٿو.



**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

پارٽي سنگهہ راجيہ ۾ اڌڪارن جي ورهاست خاص آهي. مرڪزي سرڪار ۽ راجيہ سرڪار آپسي سهڪار سان ديش جو واڌارو ڪري سگهن ٿيوُن. ان طريقي ۾ ناگرڪن جي راڄ ڪاروبار ۾ ڀهري کي هٿي ملي ٿي.

**ڪهڙا وشيہ ڪنهن وٽ آهن :**

(١) **مرڪزي سرڪار جا وشيہ :** ٻچاءُ، پرڏيهي وهنوار، لڙائي ۽ شانتي، ناڻي جو بندوبست، انترراشٽريہ واپاروغيره.

(٢) **راجيہ سرڪار جا وشيہ :** کيتي، قاعدو ۽ بندوبست، مڪاني سرڪار، صحت، جيل ڪاروبار وغيره.

(٣) **ٻنهي سرڪارن جا وشيہ :** روزگار پسگردائي، مالي ۽ سماجڪ رٿائوُن، شخصي قاعدا، تعليم وغيره.

**مرڪزي سرڪار هيٺ ايراضي :** ڀارت ۾ هڪ مرڪزي سرڪار، ٢٨ راڄيه سرڪارون ۽ ٩ مرڪزي سرڪار هيٺ ايراضيون آهن، انهن تي مرڪزي سرڪار جو ضابطو هوندو آهي. نئين دهلي، دمڻ - ديو، پُڊُچيري، چنديگڙهه، دادرا-نگر هويلي، انڊمان-نڪوبار، لڪشديپ جمو ۽ ڪشمير ۽ لداغ اهي مرڪزي سرڪار هيٺ ايراضيون آهن.

**ڪري ڏسو.**

اُتر اوڀر جي راڄين ۽ سندن راڄڌانين جي ياداشت ناهيو.

**سنسد وارو سرڪاري طريقو :** ڀارت جي جوڙجڪ سنسد واري سرڪاري طريقي لاءِ انتظام ڪيا آهن. اهو راڄ ڪاروبار جو اهو طريقو آهي جتي سنسد (قاعدي ساز منڊل) کي فيصلا وٺڻ جو وڏي ۾ وڏو حق آهي. ڀارت جي سنسد ۾ راشٽرپتي، لوڪ سڀا ۽ راڄيه سڀا شامل آهن. حقيقي راڄ ڪاروبار هلائيندڙ منتري منڊل، لوڪ سڀا مان نڪتي ٿو، اهو پنهنجي ڪم لاءِ لوڪ سڀا ڏانهن جوابدار هوندو آهي. سنسد جي سرڪاري طريقي ۾ سنسد ٿيندڙ بحث مباحثي ۾ ڪي اهميت هوندي آهي.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**




ناڻو - نوٽ

توهان هلندڙ سڪا ڏٺا آهن. انهن تي ڀارت سرڪار دوارا ڇپيل لکيل هوندو آهي. پوليس جي ڪُلهن تي لڳل ٻلن تي 'مهاراشٽر پوليس' لکيل توهان ڏٺو هوندو. 'ڀارتيه ريل' ۽ 'مهاراشٽر راڄيه پروهن مهامنڊل' اهو به توهان پڙهيو هوندو. انجو مطلب اسانجي ديش ۾ سرڪار ٻن سطحن تي آهي. هڪ ڀارت سرڪار ۽ ٻي راڄيه سرڪار مثال : مهاراشٽر سرڪار، ڪرناٽڪ سرڪار وغيره.

مهاراشٽر راڄيه پروهن مهامنڊل

ڀارتيه ريل

مهاراشٽر پوليس

**آزاد نياءُ سرشتو :** ڀارتي جوڙجڪ آزاد نياءُ سرشتي جي رچنا ڪئي آهي. ڪنهن ڳالهه جو حل جيڪڏهن پنهنجو پاڻ ۾ نٿو ٿئي ته اُها ڪورٽ ۾ آندي وڃي ٿي. ڪورٽ ٻنهي پاسن جو ڇوڙ ٻڌي، انياءُ دور ڪري فيصلو ڏئي ٿي. اهو ڪم بنا طرفداريءَ جي ٿيڻ ضروري آهي.

ڪورٽ تي ڪنهن قسم جو دٻاءُ نه هُجي ان لاءِ جوڙجڪ نياءُ سرشتو وڌ ۾ وڌ آزاد رکڻ لاءِ انيڪ انتظام ڪيا آهن. مثال - ججن جي مقرري سرڪار طرفان نه تي راشٽرپتيءَ طرفان ٿيندي آهي. جج کي سؤلائيءَ سان پد تان هٽائي نٿو سگهجي.

**هڪ ناگرڪ پڻو :** ڀارتي جوڙجڪ سڀني ڀارتي ناگرڪن کي هڪڙو ئي ناگرڪپڻو بحال ڪيو آهي. اهو آهي ’ڀارتيه‘ ناگرڪ.

**جوڙجڪ ۾ تبديل جو طريقو :** جوڙجڪ جي انتظامن حالتن موجب تبديل يا درستيون ڪرڻيون پونديون آهن. پر جوڙجڪ ۾ وري وري درستيون ڪرڻ سان اَڻ سترتا پيدا ٿي سگهي ٿي. ان ڪري ڪابه تبديل پوري سوچ ويچار کان پوءِ ٿئي اُن لاءِ جوڙجڪ ۾ ئي، جوڙجڪي تبديل جي ترتيب ٻڌايل آهي.



ڪابہ تبديل فقط ان ترتيب موجب ڪري سگھجي ٿي. تبديل جي اها ترتيب نرالي آهي. اها نہ ڏاڍي ڏکي ۽ نہ ئي گھڻي سؤلي آهي. اهميت پري تبديل لاءِ ان ۾ سوچ ويچار لاءِ پرپور موقعو آهي. ساڏي تبديل سؤلائيءَ سان ٿئي اهڙي نرمائي پڻ ان ترتيب ۾ آهي.

**ڳولھيو!**

اڄ تائين جوڙجڪ ۾ ڪيترا دفعا تبديل ٿي آهي؟

## چونڊن جو منڊل
(Election Commission)

چونڊن جي منڊل بابت اخبار ۾ توهان ڪيترائي دفعا پڙهيو هوندو. پارت ۾ لوڪشاهي سرشتو هئڻ سبب جنتا مقرر مُدي ڪانپوءِ وري پنهنجا عيوضي چونڊي ڏيندي آهي. ان لاءِ چونڊوُن ڪرائڻيون پونديون آهن. اهي چونڊون ڪُليل ۽ صحيح ماحول ۾ ٿيڻ گھرجن. تڏهن ئي ناگرڪ بي ڊپو ٿي پنهنجي وٽندڙ اُميدوار کي ووٽ ڏيئي سگھندا. سرڪار جي چونڊوُن ڪرائڻ تي اهڙو ماحول ملندو، انجي پڪ نہ آهي. ان ڪري اسانجي جوڙجڪ چونڊوُن ڪرائڻ جي جوابداري هڪ آزاد منڊل تي سؤنپي آهي. اهو آهي 'چونڊن جو منڊل' پارت جي سيني اهميت وارين چونڊوُن ڪرائڻ جي جوابداري چونڊن جي منڊل تي هوندي آهي.

**ٻڌايو ڏسان.**

هاڻوڪو مکيہ چونڊ ڪمشنر ڪير آهي؟

چونڊ هلت نامو (Code Of Conduct) معني ڇا؟تَڪُ (Constitnency) معني ڇا؟

پارتي جوڙجڪ جون انيڪ خاصيتون آهن. هن باب ۾ اسين ڪُجھہ مکيہ خاصيتن جو اڀياس ڪيوسين. بنيادي حقن بابت وسنارت انتظام اسانجي جوڙجڪ جي اڄا هڪ مکيہ خاصيت آهي. انجو اڀياس اسين ايندڙ باب ۾ ڪنداسين.

HN22F2

## اڀياس

١. سنگھہ راجيہ سرڪاري سرشتي ۾ اڏڪارن جي ورهاست جي يادداشت هيٺئين خاڪي ۾ ڏاهيو :

| مرڪزي سرڪار | راجيہ سرڪار | پنهي سرڪارن جا وشيہ |
|---|---|---|
| (١) ________ | (١) ________ | (١) ________ |
| (٢) ________ | (٢) ________ | (٢) ________ |
| (٣) ________ | (٣) ________ | (٣) ________ |

٢. مُناسب لفظ لکو :

(١) سڄي ديش جو ڪاروبار هلائيندڙ سنستا -

(٢) چونڊون ڪرائيندڙ سنستا -

(٣) ٻن يادداشتن ڪانسواءِ يادداشت -

٣. لکو :

(١) سنگھہ راجيہ ۾ ٻن سطحن تي سرڪارون هونديون آهن.

(٢) 'وڌيڪ حق' معني ڇا؟

(٣) جوڙجڪ نياءُ سرشتو آزاد رکيو آهي.

٤. 'آزاد نياءُ سرشتي جا فائدا ۽ نقصان' وشيہ تي ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.

٥. اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين (EVM) جي استعمال جا ڪهڙا فائدا آهن، انجي ڇاڻ لهو.

**مشغولي**

ڪلاس ۾ چونڊن جي منڊل اسٿاپت ڪريو. ان جي رهبريءَ هيٺ ڪلاس ۾ چونڊوُن ڪرايو.

# ۴. بنيادي حق ڀاڱو - ۱




**اچو، ڳولهيون**

* ٻارن جا حق توهانکي خبر هوندا. انهن جا ٻه حق توهان ٻڌائي سگهندا؟
* عؤرتن جا حق، آديواسين جا حق، ڪڙمين جا حق اهي لفظ ٻه توهان ٻڌا هوندا. ان مان ڪي سوال اُٿن ٿا؟
* حقن جو ڪهڙو اُپيوگ آهي؟ اهي ڪير ڏيندو آهي؟
* حق واپس وٺي سگهجن ٿا ڇا؟
* ائين ٿئي ته ڪٿي انصاف جي گهُر ڪجي؟

اخبارن يا ٻين هنڌن تي توهان اهڙيون تختيون ڏٺيون هونديوُن. مورچن ۾ ڪن ڳالهين جي گهُر ڪئي ويندي آهي ۽ اُهو سندن حق ڇيو ويندو آهي.

اسانکي ڇائي ڄم کان حق ملندا آهن. جنم وٺندڙ هرهڪ ٻار کي جيئڻ جو حق هوندو آهي. اُنکي تندرستي ملي ان لاءِ سڄو سماج ۽ سرڪار ڪوشش ڪندي آهي. انياءُ، شوشڻ، پيڊياؤ، محرومُيت انهن ڳالهين ڪان جيڪڏهن ماڻهن جو بچاءُ ٿيو تڏهن ئي اُهي پنهنجي ڳُڻن ۽ هنرن جو وڪاس ڪري سگهندا. پنهنجي ۽ سڄي ميڙ جي وڪاس لاءِ موافق حالتن جي گهُر ڪرڻ ۽ اُنتي زور وجهڻ يعني پنهنجا حق گهُرڻ آهي.

اهڙيون موافق حالتون بڻائڻ لاءِ جوڙجڪ ڀارت جي سڀني ناگرڪن کي برابر

حق ڏنا آهن.

اهي حق بنيادي آهن. اهي جوڙجڪ

**سوچيو ۽ لکو.**

ڪتو، ٻلي، ڳانءِ، مينهن، رڍون، وغيره جانور ماڻهوءَ پاليندا آهن. ماڻهوءَ سندن سنڀال به ڪندا آهن. ڪين پيار ڪندا آهن.

اهي جانور ڳالهائي سگهن ها ته، اُهي ماڻهن کان ڪهڙا حق گُهرن ها؟

ٻحال ڪيا آهن، انڪري انهن کي قاعدي جو درجو آهي. اهي حق ڏيڻ ضروري آهي.

### جوڙجڪ ۾ ٻڌايل اسانجا حق :

جوڙجڪ ۾ پارتي ناگرڪن جا حق ٻڌايل آهن. اچو ڏسون ته اُهي حق ڪهڙا آهن.

**برابريءَ جو حق :** برابريءَ جي حق موجب سرڪار پارتي ناگرڪن سان اوُچ-نيچ، وڏي-ننڍي، عؤرت-مرد وغيره جو ڀيد ڪري الڳه هلت نٿي هلي سگهي. قاعدو سڀني لاءِ ساڳيو آهي. گهٽڻ ئي قاعدن موجب اسانجو بچاءُ ٿئي ٿو. مثال



**اچو ڳالهه ٻولهه ڪريون.**

سڀ قاعدي اڳيان برابر آهن ۽ قاعدن جو بچاءُ سڀني لاءِ ساڳيو آهي، ان مان

: بنا جاچ جي گرفتار نه ڪرڻ. انهي به سرڪار ڀيد ڀاو ڪري نٿي سگهي.

برابريءَ جي حق ۾ ٻيوُن ڪهڙيون ڳالهيون سمايل آهن؟ سرڪاري نؤڪري ڏيڻ وقت، سرڪار کي جات، ڌرم، جنس، جنم استان، وغيره جو ڀيد ڀاوُ نه رکڻو آهي.

اڇوت پڻي جي غيرمناسب رسم قاعدي وسيلي ختم ڪئي ويئي آهي. ائين ڪرڻ زمانتي گناهه مڃيل آهي.

پارتي سماج ۾ برابري آڻڻ لاءِ اها خراب



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

سماج ۾ ويچو آڻيندڙ،قوت وجهندڙ، ماڻهن ۾ ڀيد ڪندڙ خطاب سرڪار نٿي ڏيئي سگهي. پر الڳه الڳه کيترن ۾ سُٺو ڪم ڪندڙن کي سرڪار پدم شري، پدم ڀوشڻ، جهڙا خطاب ڏيندي آهي. پارت رتن اسانجي ديش جو وڏي ۾ وڏو ناگرڪ سنمان آهي.

ٻاءُ جتي ۾ سُٺي ڪم لاءِ پرم وير چڪر، اَشوڪ چڪر، شؤريه چڪر ۽ ٻيا ميڊل ڏنا ويندا آهن. اُنهن خطابن يا انعامن سبب ڪين کي اهڙا حق نٿا ملن جيڪي ٻين ماڻهن کي نه آهن. بس سندن خاص ڪم جو ستڪار انهن انعامن وسيلي ڪيو ويندو آهي.

رسم ختم ڪيل آهي. ماڻهن ۾ وڏي - ننڍي جو ڀيد ڀاو ڏيکاريندڙ خطاب ڏيڻ تي جوڙجڪ روڪ وڌي آهي. جهڙوڪ راءِ بهادر، راجا، مهاراجا وغيره.

**آزاديءَ جو حق :** جوڙجڪ جو ڏنل هي تمام اهميت ڀريو حق آهي. ان ۾ ماڻهوءَ لاءِ ضروري سڀني آزادين جي خاطري ڏنل آهي.

ناگرڪ طؤر اسانکي -

- تقرير ۽ اظهار ڪرڻ جي آزادي آهي.
- شانتيڪي نموني گڏ ٿيڻ ۽ سڀا ڪوٺائڻ جي آزادي آهي.
- سنستا ۽ سنگهٺنا استاپن ڪرڻ جي آزادي آهي.
- پارت ۾ ڪٿي به گهمڻ ڦرڻ جي آزادي آهي.



**ڪري ڏسو.**

الف، ب ۽ ڀ ڪُجهه ڪم ڪيا آهن. مٿي ڏنل آزاديءَ جي ڪهڙي قسم سان توهان ان ڪم کي ملائيندا؟

الف، آديواسين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ’آديواسي سهڪار منچ‘ اسٽاپت ڪيو.

ب، پنهنجي پتا جو بيڪري اُتپادن گوئا کان مهاراشٽر ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو.

ڀ، ڪي سرڪار جي نئين ڊل نيتيءَ ۾ گهٽتايون نظر آيون. هُن، اُن بابت اخبار کي ليکم لکي موڪليو.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

جوڙجڪ اسانکي ڇڱا حق ڏنا آهن، پر انهن کي غير زميداريءَ سان واپرائي نٿو سگهجي. اسانجي هلت سان ٻين کي نقصان نه ٿئي اهو اسانکي خيال رکڻو آهي. اسانکي ڳالهائڻ جي آزادي آهي پر ڀڙڪائڻو ليکم لکڻ يا ڀاشڻ ڏيڻ جي منظوري نه آهي.

- ڀارت جي ڪنهن به پرديش ۾ رهڻ جي آزادي آهي.
- پنهنجي پسند موجب هنر، ڌنڌو ڪرڻ جي آزادي آهي.

جوڙجڪ جي آزاديءَ جي حقن موجب فقط گهمڻ - رهڻ ۽ اظهار جي ئي نه پر اسانجي حفاظت لاءِ بچاءُ پڻ ڏنو آهي. قاعدي اهو بچاءُ سڀني کي برابر نموني ڏنو آهي. اهو ڪنهن کي به ناڪاري نٿو سگهجي. مثال : اسان سڀني کي جيئڻ جو حق آهي. مٿيرو اها نندي ڳالهه لڳي ٿي پر ان ۾ وڏي ڳالهه سمايل آهي. انجو مطلب آهي جيئڻ جي خاطري ملڻ ۽ ان لاءِ بهتر ماحول ملڻ. ڪوبه ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ جو جيون ڪسي نٿو سگهي. بنا سبب جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي گرفتار ڪري نظر قيد نٿو ڪري سگهجي.

آزاديءَ جي حق ۾ تعليم جو حق به هاڻي شامل ڪيو ويو آهي. ٦ کان ١٤ عمر جي سڀني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي تعليم جو ونڻ جو بنيادي حق آهي. ان حق کان ڪنهن کي به محروم نٿو ڪري سگهجي.



**سوچيو**

جيون ڪسي نه سگهڻ سان گڏ ٻيا به حق جُڙيل آهن. مثال : هڪ گناهه لاءِ ٻه دفعا سزا نٿي ڏيئي سگهجي. سزا ڏيڻ کان اڳ گناهه ثابت ڪرڻو پوي ٿو. اهو ڪم عدالت ڪندي آهي. ڏوهه سان واسطو رکندڙ ثبوُت گڏ ڪري مُقدمو پڪو ڪرڻ جو ڪم پوليس ڪندي آهي. ’مان گناهه ڪيو آهي‘ ائين چوندڙ ماڻهوءَ کي به ترت سزا نه ملندي آهي. اُن ماڻهوءَ تي به گناهه ثابت ڪرڻو پوندو آهي. ان عدالتي سلسلي ۾ وقت لڳندو آهي. پر اهو انڪري ضروُري آهي جيئن ڪنهن بي ڏوهي ماڻهوءَ کي سزا نه ملي.

**شوشڻ (پيڙڻ) خلاف حق :** شوشڻ نه ٿيڻ، ٻين جي هٿان نه پيڙجڻ جو حق يعني شوشڻ خلاف حق آهي.

هڪ پاسي جوڙجڪ شوشڻ خلاف حق ذريعي پيڙڻ جي سڀني قسمن تي بندش وڌي آهي، ٻئي پاسي ٻارن جو شوشڻ روڪڻ لاءِ خاص انتظام ڪيو آهي. ١٤ سالن کان گهٽ عمر

وارن ٻارن کي خطري وارين جڳهين تي ڪم تي نہ رکڻو آهي. ڪارخانا، ڪاٺيون وغيرهہ هنڌن تي ٻارن کان ڪم نٿو ڪرائي سگهجي.

مفت ڪم ڪرائڻ يا ڪنهن ماڻهوءَ جي مرضي نہ هوندي بہ ڪم ڪرائڻ، ڪنهن سان غلام وانگر هلت هلڻ، ڪيس مناسب اُجورو نہ ڏيڻ، ڏاڍو ڪم ڪرائڻ، ٻڪيو رکڻ يا اُن تي ظلم زبردستي ڪرڻ اهي پيڙڻ جا ئي طريقا آهن. رواجي طرح عورتن، ٻارن، ڪمزور طبقي جي ماڻهن کي پيڙيو ويندو آهي. ڪنهن بہ شوشڻ خلاف مقابلو ڪرڻ لاءِ اهو حق آهي.

ڀارت جي جوڙجڪ ۾ ڏنل برابري، آزادي ۽ شوشڻ خلاف حقن جو اڀياس اسان هن باب ۾ ڪيو. ايندڙ باب ۾ اسان اڳيان ڪن بنيادي حقن جو اڀياس ڪنداسين.

### اچو ڳالهہ ٻولهہ ڪريون.

- هتي ٻار مزور ڪم نہ ڪندا آهن.
- هتي ڪامگارن کي روز پگهار ڏني ويندي آهي.
- اهڙيون تختيون توهان دڪانن ۽ هوٽلن ۾ ڏٺيون هونديون. انهن جو جوڙجڪ جي حقن سان ڪهڙو لاڳاپو هوندو؟

### اچو ڳالهہ ٻولهہ ڪريون.

ڪنهن جو شوشڻ نہ ٿئي ۽ هرڪو پنهنجي آزادي ماڻي سگهي ان لاءِ سرڪار ڪيترائي قاعدا ڪيا آهن. هتي ڪجهہ قاعدا ٻُڌايل آهن، اهڙا ٻيا ڪهڙا قاعدا آهن اهي ڳولهيو ۽ انهن بابت چرچا ڪريو.

- گهٽ ۾ گهٽ پگهار جو قاعدو. ڪارخاني ۾ ڪمن جا ڪلاڪ، آرام جا ڪلاڪ بابت.
- عورتن کي گهروُ هنسا کان بچائڻ جو قاعدو ...

## اڀياس

**۱. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب ڏيو :**

(۱) بنيادي حقن جو مطلب سمجهايو.

(۲) الڳہ الڳہ ڪيترن ۾ سُٺو ڪم ڪندڙن کي سرڪار طرفان ڪهڙا خطاب ڏنا ويندا آهن؟

(۳) چوڏهن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي خطري جي جڳهين تي ڪم ڪرائڻ تي بندش ڇو وڌل آهي؟

(۴) جوڙجڪ سڀني ڀارتي ناگرڪن کي برابر حق ڇو ڏنا آهن؟

۲. ’آزاديءَ جو حق‘ وشيہ تي تختيوُن ٺاهيو.

**۳. هيٺيان جملا درست ڪري وري لکو.**

(۱) ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڄائي ڄم کان حق نہ ملندا آهن.

(۲) سرڪار نؤڪريون ڏيڻ وقت ڌرم، جات، جنس، جنم استان وغيره جي ڀيد ڀاو وسيلي نؤڪريءَ کان منع ڪري سگهي ٿي.

۴. ’آزاد نياءُ سرشتي جا فائدا ۽ نقصان‘ وشيہ تي ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.

آزاديءَ جو حق




### مشغولي

(۱) چاڻ جو حق، تعليم جو حق وغيره ڪن اهميت وارن حقن بابت اخبارن ۾ آيل خبرن کي گڏ ڪريو.

(۲) توهانجي پسگردائيءَ ۾ عمارت ٻڌڻ وقت جيڪڏهن ننڍا ٻار ڪمُ ڪندا نظر اچن تہ اُنهن ٻارن ۽ سندن مائٽن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري سندن مسئلا سمجهو ۽ مسئلن کي ڪلاس ۾ پيش ڪريو.

# ٥. بنيادي حق ڀاڱو - ٢

اڳئين باب ۾ اسين جوڙجڪ ۾ ڏنل ڪن بنيادي حقن جو اڀياس ڪيو. اسان آزادي، برابري ۽ شوشڻ خلاف حقن جو اڀياس ڪيو. هن باب ۾ اسين ڌرمي آزاديءَ جو حق، سيپيتڪ ۽ تعليمي حق سمجھنداسين. اسانکي بنيادي حقن کي عدالتي حفاظت جي ڄاڻ به وٺڻي آهي.

**ڌرمي آزاديءَ جو حق :** اسانکي ڄاڻ آهي ته ڀارت هڪ مکيه ڌرم نرپيکش ديش آهي. اڳين درجن ۾ اسان اهو سکيو آهي، پر جوڙجڪ ۾ ان بابت ڇا چيل آهي، اهو توهانکي ڄاڻڻو آهي نه! ڌرمي آزاديءَ جي حقن ۾ ان بابت ٻڌايل آهي. ان وسيلي ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ کي ڪنهن به ڌرم جي اُپاسنا ڪرڻ ۽ ڌرمي مقصدن لاءِ سنستا برپا ڪرڻ جو حق آهي.

ڌرمي آزاديءَ جو حق وشال ڪرڻ لاءِ جوڙجڪ ۾ن ڌرمي ڳالهين کي منظوري نه ڏني آهي. (١) سرڪار اهڙي ڍل نٿي مڙهي سگهي جنهنجو اُپيوگ ڪنهن خاص ڌرم جي واڌاري لاءِ ڪيو ويندو. توري ۾ ڌرمي ڍل مڙهڻ تي جوڙجڪ بندش وڌي آهي. (٢) سرڪار کان مالي مدد وٺندڙ تعليمي سنستا ڌرمي تعليم لازمي نٿي ڪري سگهي.

**سيپيتڪ ۽ تعليمي حق :** اسانکي خبر آهي ته اسانجي ديش ۾ ڏڻ - وارن، ڪاڏي جي طريقن ۽ جيئڻ جي طريقن ۾ ڏاڍي علحدگي آهي. شادين ۾ به توهان اهو ڏٺو هوندو. اهي سڀ ڳالهيون انهن ماڻهن جي سيپيتا جو حصو آهن. اسانجي جوڙجڪ الڳ الڳ ماڻهن جي گروهن کي پنهنجي سيپيتڪ علحدگي جتن ڪرڻ جو حق ڏنو آهي. ان حق موجب پنهنجي ٻولي، لپي، ساهتيه جو جتن ڪري سگهجي ٿو ۽ ان جو وڪاس به ڪري سگهجي ٿو. ٻوليءَ جي وڪاس لاءِ سنستائون استاپت ڪري سگهجن ٿيون.

**ڳولهيو ۽ چرچا ڪريو.**

- جوڙجڪ ۾ ڪيترين ٻولين کي مڃتا مليل آهي؟
- مراٺي ڀاشا جي واڌاري لاءِ مهاراشٽر سرڪار ڪهڙيون سنستائون ناهيون آهن؟



**اچو ڳالهه ٻولهه ڪريون.**

مهاراشٽر سرڪار ۽ عدالتن ۾ سڀ ڪم ڪار مراٺي ٻوليءَ ۾ ڪيو وڃي ڇا؟ ان لاءِ ڇا ڪرڻ پوندو؟

**جوڙجڪي بچاءُ حق :** حقن جي ڀڃڪڙي ٿيڻ تي عدالت ۾ نياءُ گهرڻ جو حق به بنيادي حق آهي. انکي جوڙجڪي بچاوجو حق چئجي ٿو.

حقن جي ڀڃڪڙيءَ خلاف عدالت ۾ نياءُ گهرڻ بابت انتظام جوڙجڪ ۾ ٿيل آهي. عدالت کي حقن جو بچاءُ ڪرڻ لازمي آهي. جوڙجڪ جي ڏنل حقن تي ڪڏهن ڪڏهن اُلنگهن ٿئي ٿو ۽ اسان پنهنجا حق استعمال نٿا ڪري سگهون. انکي حقن جي ڀڃڪڙي چئجي ٿو. حقن جي ڀڃڪڙيءَ بابت اسانجي شڪايت تي عدالت ويچار ڪندي آهي. ان جي جاچ ڪندي آهي. عدالت کي جيڪڏهن محسوس

**حقن جي ڀڃڪڙيءَ جا ڪجهه قسم :**

- بنا سبب ڪنهن ماڻهوءَ کي گرفتار ڪرڻ.
- ڪنهن ماڻهوءَ کي شهر يا ڳوٺ ڇڏڻ لاءِ زور وجهڻ.
- جيل جي قيدين کي ڪاڏوءِ علاج نه ڏيڻ.

ٿيندو آهي ته حقن جي سچ پچ ڀڃڪڙي ٿي آهي يا واسطيدار ماڻهوءَ تي انياءُ ٿيو آهي ته عدالت مُناسب فيصلو ڏيندي آهي.

حقن جي ڀڃڪڙي متائڻ لاءِ عدالت جا حڪم:

ناگرڪن جي حقن جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ عدالت کي الڳ الڳ حڪم ڏيڻ جا اڌڪار آهن.

(١) نظرقيد ڪيل ماڻهوءَ کي حاضر ڪرڻ (Habeas corpus) : بي قاعدي گرفتاري ۽ نظرقيد کان بچاءُ.

(٢) پرم آديش (Mandamus) : عام جي ڀلي لاءِ سرڪاري ڪم ڪرڻ لاءِ ڏنل عدالتي حڪم.

(٣) منع حڪم (Prohibition) : ننڍي عدالت پنهنجي اڌڪارڪيترڪان ٻاهرنه وڃي ان لاءِ آديش.

(٤) اڌڪارپڇا / حق امتيازي (Quo warranto): ڪهڙي اڌڪارسان اهو ڪم ڪيو، سرڪاري عملدارڪان اهڙوسوال پڇندڙ حُڪم.

(٥) اُت پريشڻ (Certiorari) : ننڍي عدالت ۾ ڏنل حڪم رد ڪري وڏي عدالت ۾ مقدمو هلائڻ جو حڪم.

**سرڪاري عملدار جو هيٺيون ڪم صحيح آهي يا غلط؟**

بي سهارا ماڻهن لاءِ هڪ يوجنا جو فائدو ملڻ لاءِ هڪ عوَرت جيڪا سڀ ڪاغذ پيش ٿي ڪري، ڪيس ڇوڙڻ ته ”توُن بي سهارا نٿي لڳين“ ۽ فائدا ناڪارڻ. سرڪاري عملدار جو اهو ڪم صحيح آهي يا غلط؟

مٿئين مثال ۾ عوَرت جي حقن جي ڀڃڪڙي ٿي آهي ڇا؟ هُن کي نياءُ ڪهڙجي ته هوءَ ڪيڏانهن وڃي؟



عدالتي ڪم ڪار

بنيادي حقن کي عدالت جو بچاءُ هئڻ سبب ناگرڪ پنهنجن حقن جو مناسب اُپيوگ ڪري سگهن ٿا. اُهي وڏيڪ سُجاڳ ۽ چست ناگرڪ بڻجي ڪم ڪري سگهن ٿا. اسانکي بنيادي حقن سان گڏ فرضن جو بہ خيال ڪرڻ گهرجي ان جو اڀياس اسين ايندڙ باب ۾ ڪنداسين.



## اڀياس

**١. سبب لکو :**

(١) ڌرمي دل لڳائڻ تي جوڙجڪ جي بندش آهي.

(٢) جوڙجڪي بچاو جو حق معنيٰ ڇا؟

**٢. مُناسب لفظ لکو :**

(١) بي قاعدي گرفتاري ۽ نظر قيد کان بچاءُ - ....

(٢) کهڙي اڌڪار وسيلي اهو ڪم ڪيو، اهڙو سوال پڇندڙ حڪم - .....

(٣) عام جي ڀلي لاءِ ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ سرڪار کي ڏنل عدالتي حڪم - .....

(٤) ننڍي عدالت پنهنجي اڌڪار کيتر کان ٻاهر نہ وڃي ان بابت حڪم - .....

**٣. اسان هيٺيون ڳالهيون ڪري سگهون ٿا، ان جو سبب لکو :**

(١) سيئي پارٽي ناگرڪ سڀ ڏڻ وار ملهائي سگهن ٿا ڇو تہ - ....................

(٢) مان سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪري سگهان ٿو ڇو تہ - ....................

**٤. خالن ۾ مناسب لفظ لکو :**

(١) حقن جي ڀڃڪڙيءَ بابت اسانجي شڪايت تي .......... ويچار ڪندي آهي.

(٢) سرڪار کان مالي مدد وٺندڙ اسڪوُل ............ تعليم لازمي نٿا ڪري سگهن.

**مشغولي**

پنهنجي اسڪوُل ۾ جج، وڪيل، پوليس اڌڪاريءَ جي ملاقات رکو.

# ٦. رهبري ڪندڙ اصوُل ۽ بنيادي فرض

اڳئين باب ۾ اسان جوڙجڪ ۾ ڏنل حقن جو اڀياس ڪيو. ان ۾ اسان سمجهو تہ ڀارتي ناگرڪن کي ڪهڙا حق آهن. اسان اهو بہ سمجهو تہ حقن کي عدالت جي حفاظت مليل آهي. بنيادي حقن جي اسانجي سماجڪ ۽ شخصي زندگيءَ ۾ اهميت بہ سمجهي. هاڻي اسين 'رهبري ڪندڙ اصوُل' جو مطلب سمجهنداس.

بنيادي حق سرڪار جي اڌڪارن تي بندش آڻيندا آهن. اهي بندش هيٺين ياداشت پڙهڻ سان ڌيان ۾ ايندا.

- سرڪار کي ناگرڪن ۾ جات، ڌرم، ونش، ٻولي ۽ جنس وغيره تي ڀيد ڀاو نہ ڪرڻو آهي.
- ڪنهن کي بہ قاعدي جي برابري ۽ قاعدي جي ساڳي حفاظت ناڪاري نٿي سگهجي.
- ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي زندگي کسي نٿي سگهجي.
- ڌرمي ڏِل نٿي مڙهي سگهجي.

سرڪار ڇا ڪري ان بابت جوڙجڪ کي هدايتون ظاهر ڪيون آهن. انهن هدايتن جو مقصد، جوڙجڪ جي مهاڳ ۾ ڄاڻايل مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ رهبري ڪرڻ آهي. تنهن ڪري انهن هدايتن کي 'رهبري ڪندڙ اصوُل' چيو ويندو آهي.

## 'رهبري ڪندڙ اصوُل' ڇو شامل ڪيا ويا؟

ڀارت کي جڏهن آزادي ملي تہ ديش ۾ بندوبست قائم ڪرڻ ۽ سٺي نموني راڄ ڪاروبار هلائڻ جو وڏو ڪم اسانجي اڳيان هو. غريبي، پٺتائي ٻي علمي دوُر ڪري بهتر ماحول ٺاهڻو هو. ديش جو واڌارو ڪرڻو هو. ان لاءِ نيون نيتيون ٺاهڻ ۽ انجو عمل ڪرڻ ضروري هو. لوڪ ڪلياڻ جو مقصد پورو ڪرڻو هو. ٿوري ۾، ديش جي ترقي ڪرڻي هئي. ان لاءِ مرڪزي سرڪار ۽ راڄيہ سرڪارون ڪهڙين ڳالهين کي اڳرائي ڏين، لوڪ ڪلياڻ لاءِ ڪهڙيون نيتيون ٺاهن، اهو جوڙجڪ رهبري ڪندڙ اصول ۾ راڄين جي نيتيءَ بابت هڪ وشيہ آهي. انهن وشين پٽاندڙ نيتيون ٺاهيون وڃن اها اُميد جوڙجڊ ٺاهيندڙن رکي آهي. اهي سڀ نيتيون هڪ ئي وقت لاڳوُ ڪرڻ لاءِ چڱو ناڻو گهرجندو، اها ڄاڻ جوڙجڪ جي بانيڪارن کي هئي. تنهن ڪري ھُنن سرڪار تي رهبري ڪندڙ اُصوُل، بنيادي حقن وانگر لازمي نہ ڪيا. راڄيہ ڏيري ڏيري پر انهن جو عمل ضرورُ ڪن اها اُميد انهن رکي.

### ڪي اهميت ڀريا رهبري ڪندڙ اصوُل :

- سرڪار کي سيني لاءِ گُذاري جو وسيلو ميسر ڪري ڏيڻ گهرجي. ان ۾ استري ۽ پرش اهڙو فرق نہ هجي.
- استري ۽ پرش کي ساڳئي ڪم لاءِ ساڳيو اُجورو ملي.
- ماڻهن جي صحت سڌارڻ لاءِ اُپاءَ ڪرڻ.
- پسگردائيءَ جو بچاءُ ڪجي.
- ديش جي اهميت ڀريِن عمارتن ۽ سمارڪ



**پڙهايو ڏسان!**

پگهار بابت 'ساڳئي ڪم لاءِ ساڳيو اُجورو' اهو رهبري ڪندڙ اُصول آهي. توهانجي ويچار موجب ان مان جوڙجڪ جا ڪهڙا مقصد پورا ٿيندا؟ ساڳيو ڪم ڪري ٻه عوَرتن ڪي مردن کان گهٽ اُجورو ڏيڻ جا واقعا ڇو ٿا ٿين؟



**ڪري ڏسو**

اڳ ۾ ڏنل اصوُلن کان سواءِ ٻيا رهبري ڪندڙ اصوُل ٻڌائن ٿا ته سرڪار کي لوڪ ڪلياڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي. هيٺ ڪجهه وشيه ڏنل آهن. انهن نسبت ڪهڙا رهبري ڪندڙ اُصول آهن، اهي ماستر جي مدد سان ڳولهيو.

جهڙوڪ، پرڏيهي نيتي : دُنيوي شانتي ۽ ايڪتا کي اڳرائي.

(الف) ڇوڪرين جي تعليم : .....

(ب) صحت مند ۽ خوشيءَ واري ماحول ۾ ٻارن جي ديکڀال : .....

(پ) زرعي سڌارو : .....

جو بچاءُ ڪجي.

- سماج جي ڪمزور جزن کي خاص حفاظت ڏيئي کين واڌاري جا موقعا ميسر ڪري ڏجن.
- ٻڌاپو، اپاهج پڻو، بي روزگاري انهن کان ناگرڪن کي بچائڻ.
- ڀارت جي سيني ناگرڪن لاءِ ساڳيو ناگرڪ قاعدو ناهجي.

رهبري ڪندڙ اُصول ۽ بنيادي حق هڪ ٻئي

توهانجي ويچار موجب شاگردن لاءِ سرڪار کي اڄا ڇا ڪرڻ گهرجي؟ توهانجي گهرن جي هڪ ياداشت ٺاهيو.
توهانجون گهرجون، صحيح آهن اهو ڪيئن سمجهائيندا؟

سرڪار جي هيٺين سهوليتن سبب ڪهڙا سڌارا ٿيندا، سمجهايو.

(الف) جنتا لاءِ صفائي گهرَ

(ب) صاف پاڻيءَ جي رسد

(پ) ٻارن کي ٽڪا هڻڻ

سکي جا ٻه پاسا آهن. بنيادي حقن سبب ناگرڪن کي ضروري آزادي ملندي آهي ۽ رهبري ڪندڙ اصول لوڪشاهيءَ لاءِ بهتر ماحول ٺاهيندا آهن. سرڪار کو رهبري ڪندڙ اصول عمل ۾ نه آڻي ته اسان اُن خلاف عدالت ۾ نٿا وڃي سگهون پر الڳه الڳه طريقن سان سرڪار تي دٻاءُ آڻي نيتي ٺاهڻ لاءِ زور ڀري سگهون ٿا.

## بنيادي فرض

لوڪشاهيءَ ۾ناگرڪن تي ٻٽي جوابداري هوندي آهي. هڪ طرف کين جوڙجڪ ۾ڏنل حقن بابت سُجاڳه رهڻو پوندو آهي. کين ڌيان رکڻو پوندو آهي ته حقن تي غير مناسب ٻنڌن نه اچن ته ٻئي پاسي ڪجهه فرض ۽ جوابداريون ٻه نڀاهڻيون پونديون آهن. ڀارتي ناگرڪن جي ڀلي لاءِ جوڙجڪ بنيادي حقن ۽ رهبريءَ ڪندڙ اصولن ذريعي ڪيترائي انتظام ڪيا آهن. پر جيستائين ناگرڪ پنهنجا بنيادي فرض نه پاليندا، تيستائين سرڪار جي سڌارن جا فائدا سيني کي نه ملندا آهن. مثال، 'سوَڇ ڀارت' مُهم تحت سرڪار ڪيترائي ڪم شروع ڪيا پر ماڻهن کي ٻه گندگي ڦهلائڻ جي عادت بدلڻ گهرجي. اهو سندن فرض آهي. ناگرڪن کي پنهنجن جوابدارين جو احساس ٿئي انڪري جوڙجڪ ۾بنيادي فرض شامل ڪيا ويا. ڀارتي ناگرڪن جا بنيادي فرض هيٺ ڏنل آهن.

- هرهڪ ناگرڪ جوڙجڪ جو پالن ڪري جوڙجڪ جي آدرشن، راشٽريه جهنڊي راشٽريه گيت جو آدر ڪجي.
- آزادي جي هلچل ڪي پريرڻا ڏيندڙ آدرشن جو پالن ڪجي.
- ديش جي خودمختياري، ايڪتا، اکنڊتا محفوظ رکڻ لاءِ ڪوشش ڪجي.
- ديش جي رکيا ۽ شيوا ڪجي.
- سڀ فرق مٽائي، ايڪتا ۽ ڀائپي ۽ جي ڀاونا وڌائڻ. استرين جي عزت ڪي ڇيهو رسي اهڙو ڪو به ڪم نه ڪرڻ.
- اسانجي مرڪب سڀيتڪ ورثي جو جتن ڪرڻ.
- قدرتي پسگردائي جو جتن ڪجي. ساهوارن ۽ پراڻين لاءِ ديا هئڻ گهرجي.
- عام جڳهين جي سنڀال رکي. هنسا جو تياڳ ڪري.
- ديش جي واڌاري لاءِ پاڻ ۽ گڏيل نموني ڪوشش ڪندو رهجي.
- ٦ کان ١٤ سالن جي پنهنجن ٻارن کي تعلمي سهوليتون ميسر ڪري ڏيڻ.

**ياداشت ٺاهيو.**

- گهر ۾ توهان ڪهڙا حق گهرندا آهيو. ڪهڙا فرض پاليندا آهيو؟
- اسڪول ۾ توهان ڪهڙيون جوابداريون نڀاهيندا آهيو؟ اُتي ڪهڙيون جوابداريون توهانکي پسند نه ايندريون آهن؟



اتهاسڪ واستو تي نالو لکندڙ ڇوڪرو



ليمو، مرچ لٽڪائڻ



بس ڀڃڻ



رستي تي ڪچرو ڪندڙ عوَرت

مٿين چترن ۾ ڪهڙن فرضن جو پالن نٿو ٿئي.




مٿين ڳالهين مان اسان کي ڪهڙن فرضن جي ڄاڻ پوي ٿي؟ حقن ۽ فرضن جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي ڇا؟ فرضن جو پالن ڪرڻ سان ڇا ٿيندو آهي؟

### توهانکي ڇا ٿو لڳي؟

٦ کان ١٤ سال عمر وارن ٻارن کي پرائمري تعليم جو حق مليل آهي. هن عمر جي گروهه جي سيني ٻارن کي اسڪول ۾ هجڻ ضروري آهي ته به گهڻن ئي سببن ڪري اسڪول نه وڃي سگهندا آهن. ماءُ پيءُ کي مالي مدد ڪرڻ لاءِ اُهي ڪم تي ويندا آهن. اهڙن ٻارن کي اسڪول ۾ اچڻ لاءِ زور وجهڻ اُنهن تي انياءُ ڪرڻ آهي ڇا؟ توهانکي ڇا ٿو لڳي؟



## اڀياس

**١. سرڪارتي ڪهڙا ٻنڌن هوندا آهن، انهنجو خاڪو تيار ڪريو.**

- ....................................................
- ....................................................
- ....................................................

**٢. هيٺيان بيان پڙهو، جواب ها يا نه ۾ لکو.**

(١) اخبارن ۾ ايندڙ نؤڪريءَ جي اشتهارن ۾ استري، پرش ٻنهي لاءِ جڳهيون هونديون آهن ....

(٢) هڪ ئي ڪارخاني ۾ ساڳيو ڪم ڪندڙ استريءَ پرش کي هڪجيترو اُجورو ملندو آهي ....

(٣) سرڪار ماڻهن جي صحت سڌارڻ لاءِ گهٽيون ئي يوجنائون هلائيندي آهي ....

(٤) راشٽريه اهميت جي عمارتن ۽ اسمارڪن جو بچاءُ ڪرڻ گهرجي ....

**٣. ٻڌايو ته ڇو؟**

(١) اتهاسڪ عمارتن، واستو، سمارڪ جو بچاءُ ڪجي.

(٢) ٻڍڙن لاءِ پينشن يوجنائون هلايون وينديون آهن.

(٣) ٦ کان ١٤ سالن وارن عمر جي ٻارن کي تعليم جا موقعا ڏنل آهن.

**٤. صحيح يا غلط ٻڌايو. غلط بيان درست ڪريو.**

(١) راشٽريه جهنڊو زمين تي ڪرڻ نه ڏجي.

پارٽي جوڙجڪ جي مقصدن ۽ خاصيتن جي ڄاڻ اسانکي شروعاتي بابن ۾ ملي. پارٽي ناگرڪن جا حق، حقن جي بچاءَ بابت به اسين پڙهيو. اسان پنهنجا بنيادي حق سمجهاسين. ايندڙ سال اسين پڙهنداسين ته اسانجي ديش جو راڄ ڪاروبار ڪيئن هلايو ويندو آهي.

(٢) راشٽريه گيت هلڻ وقت ساوڌان تي بيهجي.

(٣) اتهاسڪ عمارتن تي پنهنجا نالا لکڻ.

(٤) ساڳئي ڪم لاءِ پرش کي استرين کان وڌيڪ پگهار ڏيڻ.

(٥) عام جڳهيون صاف رکڻ.

**٥. اچو ته لکون.**

(١) جوڙجڪ جا ڪجهه رهبري ڪندڙ اصول ڪتاب ۾ آيل آهن اُهي ڪهڙا آهن؟

(٢) پارٽي جوڙجڪ جي رهبري ڪندڙ اصولن ۾ سيني پارتواسين لاءِ 'هڪجهڙو ناگرڪ قاعدو' انجو انتظام ڇو ڪيل هوندو؟

(٣) رهبري ڪندڙ اصولُ ۽ بنيادي حق هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن، ائين ڇو چيو ويندو آهي؟

**٦. پسگردائيءَ جو جتن ۽ بچاءُ ناگرڪ ڪيئن ڪري سگهن ٿا، اهو مثالن وسيلي سمجهايو.**

**مشغولي :**

(١) تعليم اسانجو حق آهي، پر اِن نسبت اسانجا فرض ڪهڙا آهن، ان تي بحث ڪريو.

(٢) راشٽريه اهميت جي عمارتن، سمارڪن جو جتن ڪرڻ لاءِ راڄيه رٿائون ٺاهن، اهڙو رهبري ڪندڙ اصول آهي. قلعن جي بچاءَ لاءِ اسانجي راڄيه ڇا ڪيو آهي، اهو ڳولهي ياداشت ٺاهيو.

(٣) ٻارن جي صحت لاءِ سرڪار ڪهڙيون يوجنائون هلائيندي آهي، ان بابت ڄاڻ گڏ ڪريو.






مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي وَاڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

इतिहास व नागरिकशास्त्र (सिन्धि) इ. ७वी

₹ 40.00